ماهوار سنڌي

شعور

حيدرآباد

ليننی پارٽي جو تصور
۽ قاپ جو جائزو

ڪمپوچيا جي
سياسي صورتحال

پيريسترائيڪا،
گلاسنوسٽ
هڪ بحث

ڊنر
شاهڪار طبقاتي ڪهاڻي

سٽاءُ

اچ سڄڻ مون سان

انٽرويو

ڊاڪٽر دودو مهيري — شعور سٿ

جساف جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري

ڏيهي صورتحال

سنڌ قومي اتحاد-ليفٽ جو ڪردار ۽ ذميواري — انور ابڙو

ليننني پارٽيءَ جو تصور ۽ قاپ جو جائزو — خادم ٺهيم

پرڏيهي صورتحال

پريسترونيڪا-گلاسنوسٽ ، هڪ بحث — ورلڊ مارڪسسٽ رويو

ڪمپوچيا جو مسئلو — حبيب سنائي

ادب

نوبل انعام يافته اديب وولي سوئنڪار جو ليڪچر — ترجمو ، ڪلال

ڊنر (ڪهاڻي) — ڪرشن چندر/ رحمان پيرزادو

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو پس منظر — جام ساقي

شاعري

ماهوار سنڌي

شعور

حيدرآباد

چيف ايڊيٽر
غلام محمد ڏيرو

ايڊيٽر (اعزازي)
امداد قاضي

سب ايڊيٽر
طارق آريجو

ٽائيٽل لي آئوٽ:
خدا بخش ابڙو

پيسٽنگ ، مشتاق ڀٽي

شمارو ۴ - ٦

آڪٽوبر نومبر

ملهه ڏهه رپيا

ائڊريس ٢٨- اي
بلديه ڪالوني حيدرآباد
يا P.O باڪس نمبر ٥١٢
حيدرآباد

هي رسالو طارق آريجو جمالي پريس مان ڇپرائي بلديه ڪالوني حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اچ سڄڻ مون ساڻ

● سائين انتهائي افسوس جي ڳالھ آهي جو فوجي دور ۾ جڏهن ڪنهن کي بہ رسالي ڪڍڻ جي همٿ نہ هئي تہ ان وقت اسان نہ صرف عوام کي بهتر معلومات ، سياسي لائين ۽ مثبت ادب پيش ڪري رهيا هئا سين ، پر افسوس جي ڳالھ اها آهي جو جمهوريت جي بحال ٿيڻ کانپوءِ ۽ ڊڪليريشن کانپوءِ بہ اسان مسلسل ليٽ ٿي رهيا آهيون . ان جا اهم سبب آهن هڪ تہ مهانگائي وڌي وئي آهي ۽ مقابلي جي دؤر ۾ پيا جڏهن چلڪنا ۽ ڪريم پائوند رسان رسالا نڪري رهيا آهن ، انهن جي مقابلي ۾ سادگي ٿي ملي سگهي ۽ ظاهر آ تہ ان سان خرچ وڌي وڃي ٿو . ٻين وانگر اشتهار اسانکي ملڻ ڪونہ ٿا جو پورا نو ڪريون ، پر شاباس هجي انهن مهربان دوستن کي جيڪي ساليانا خريدار ٿي اسانجي مدد ڪندا آيا آهن . انهن دوستن لاءِ عرض آهي تہ ڪين خريدار ٿيڻ کان ١٢ شمارن تائين پرچا ملندا رهندا ٻيو سبب آهي ڪمپيوٽر جو . ڪمپيوٽر پهريان صرف ڪراچي ۾ هيا ۽ ڪموقت تي نہ پيو ملي . بحر حال اميد آهي تہ ايندڙ مهيني کان بلڪل ريگيولر ٿي ويندا سين .

● ملڪ جي حڪمران طبقي ۾ ڪافي اٿل پٿل ٿي چڪي ۽ اسان ليٽ هئڻ ڪري انهن مسئلن تي ڪو بہ مضمون نہ ڏئي سگهيا آهيون ۽ ان ڪري هن صفحي ۾ ڪجھ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون . پ پ کي اقتدار منتقل ٿيڻ وقت حڪمران ٽولي جيڪي شرط رکيا هيا ۽ محترمہ پنو انهن مان جمهوريت جي بحال ڪرڻ لاءِ ڪجھ مجي اقتدار ورتو هيو . پر هن اهو تصور ڪيو هيو تہ اقتدار تي ويهڻ کانپوءِ مان طاقتور ٿي ويندس ۽ عوام جي مفاد ۾ ڪافي تبديليون آڻيندس پر معاملو ان جي برعڪس تمام گمبير نڪتو . هن دليريءَ سان ڪافي معاملا تہ درست ڪيا ۽ مسلسل ان طرف وڌي رهي هئي جنهن ۾ الين ترميم کي ختم ڪري عوام جي چونڊيل اسيمبليءَ جا اختيار بحال ٿين ، پر گذريل ١١ سالن ۾ معاملو ايترو تہ خراب ٿي چڪو آهي جو عوام جيئن چاهيو پئي تہ جلدي ٺيڪ ٿي وڃي اهو ممڪن نہ آهي .

● ملڪ ۾ جمهوري عمل جي بحال ٿيڻ کي اڃان ٻارنهن مهينا مس گذريا آهن تہ عوام کي وري غير جمهوري قوتن طرفان ٿيندڙ جمهوريت دشمن سازشن جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي . اسيمبليءَ ۾ عدم اعتماد جي تحريڪ جو پيش ٿيڻ رڳو بي نظير کي حڪومت تان هٽائڻ جو مسئلو نہ آهي پر ان سان اهي قوتون چاليون حاصل ڪرڻ گهرن ، ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي . ان جو مقصد جمهوريت جي مستحڪم ٿيڻ کي روڪڻ ۽ عوام جي مسلسل جدوجهد جي نتيجي ۾ جيڪو تاريخ جو ڦيٿو اڳتي وڌي رهيو آهي ان کي موٽائڻ يا بريڪ لڳائڻ جي ڪوشش آهي . ان جي پويان موجوده جمهوري حڪومت طرفان افغانستان ۾ مداخلت کي آهستي آهستي ختم ڪرڻ ۽ آخر ۾ افغانستان ۾ هڪ وسيع البنياد حڪومت جي لهڻ لاءِ ٿيندڙ ڪوشش کي روڪڻ ، صدر جي نادري اختيارن کي چئلينج ڪرڻ ۽ عوام جي چونڊيل وزير اعظم کي اختيار حاصل ڪرڻ واري جدوجهد کان روڪڻ ، جي ايڇ ڪيو تي وزير اعظم جي گرپ مضبوط ڪرڻ وارين ڪوششن کي ناڪام بنائڻ عوام جي مسئلن ، جن کي حڪمران ٽولي نسلي ۽ علائقائي سياست ۽ عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ پنهنجي استعمال ڪيو آهي ، کي جمهوري انداز سان حل ڪرڻ واري رستي تان هٽائڻ ، جمهوري آزادين بحال ڪرڻ واري رستي تان هٽائڻ ، رجعت پسند بنيادن کي ختم ڪري لبرل بنيادن کي اڳتي وڌائڻ واري عمل کان روڪڻ جي هڪ ڪوشش سمجهڻ گهرجي . بحر حال عدم اعتماد جي تحريڪ ناڪام ٿي وئي آهي پر حڪمران ٽولو پيهر مخلوط حڪومت ٺاهڻ لاءِ جيڪو دباءُ وجهي رهيو آهي . ان سان نوان خطرا پيدا ٿي پيا آهن . لڳي اينئن ٿو تہ محترمہ پنو بليڪ ميل ٿي آءِ جي آءِ سان مخلوط حڪومت ٺاهڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي . اهو عمل عوام جي مفادن وٽان نہ آهي . ان ڪري هن کي گهرجي تہ هو ضياءَ جي ساٿارين سان ڪنهن بہ صورت ۾ ناہ نہ ڪري البتہ ترقي پسند ڌرين سان اسيمبليءَ کان ٻاهر اتحاد ڪري عوام کي متحرڪ ڪري . ان سلسلي ۾ فوجي ٽولي جي اسپوڪس مين جنرل بيگ طرفان بيان بازيون ڪرڻ ، جمهوريت ۽ سياست جي اصولن جي ابتڙ آهي . ڪنهن بہ فوجي جنرل جو سياست ۾ عمل دخل ڏيڻ ، حڪومت کي هدايتون ڏيڻ ڪنهن بہ صورت ۾ چاهي هو جمهوريت جي سپورٽ ۾ ئي ڇو نہ هجي ، قابل قبول نہ آهي . دنيا جي ڪنهن بہ جمهوري ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪو جنرل ان قسم جا بيان جاري ڪري ٿو تہ هو نوڪريءَ مان نہ صرف خارج ڪيو وڃي ٿو بلڪ ان جي سزا بہ ڏني وڃي ٿي . فوج کي جمهوري حڪومت ۽ عوام جي نوڪر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ گهرجي .

● ايم ڪيو ايم بظاهر اهو چوندي آهي تہ اسان جمهوريت لاءِ محترمہ پنو جي حمايت ڪئي آهي . ان جي پٺ وانگي ٿي وئي . هو ٿين تہ هر جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ڌرين هڪ فاشسٽ تنظيم سمجهيو پئي . پ پ جي حمايت ڪرڻ بحر حال هڪ مثبت عمل هيو . هن ان مثبت عمل جي عيوض جيڪو حڪومت کي بليڪ ميل ڪيو ۽ اهو معاملو سندس مثبت عمل کان وڌيڪ خراب عمل هيو . هيئنر سندن آءِ جي آءِ سان ناہ سندن اصل صورت ۾ سامهون اچڻ وارو عمل آهي . بحر حال سنڌ جي لاءِ سندن هي ناہ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيندو ۽ اينئن محسوس ٿي رهيو آهي تہ هاڻي ڪراچيءَ کي سنڌ کان الگ ڪرڻ وارو خطرناڪ منصوبو ويجهڙ ۾ عملي صورت وٺڻ وارو آهي . ان لاءِ سڀني ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند قوتن کي متحد ٿي منصوبہ بندي ڪرڻ گهرجي . ايم ڪيو ايم هيئنر هڪ اهڙي مافيا بڻجي چڪي آهي جو ان جا ميمبر بہ ان کان منهن موڙڻ ۾ خوف محسوس ڪري رهيا آهن . اردو ڳالهائيندڙ عوام هيئنر هن کان خوفزده آهي ۽ اختلاف ڪندڙن سان جيڪو حشر ٿي رهيو آهي ، اهو ان جي فاشسٽ صورت ظاهر ڪري رهيو آهي . ايم ڪيو ايم جي ان عمل کي روڪڻ لاءِ سڀني قوم پرست ، ترقي پسند ۽ جمهوريت پسندن کي گڏ ٿيڻو پوندو ، تڏهن ئي اسين سڀ ان مان جان ڇڏائي سگهندا سين .

● سنڌ قومي اتحاد جي صورتحال بہ نہ صرف اطمينان جوڳي نہ آهي بلڪ هاڻ تہ هي اتحاد سنڌ دشمن عوام دشمن قوتن جو ساٿاري بڻجي چڪو آهي . آءِ جي آءِ جي حومت عملين ۾ جهڙي ريت ايم ڪيو ايم حميد ارڙي وئي آهي اهڙي ريت S.N.A بہ ساڳي راند کيڏي رهي آهي . انڪري سنڌ جي حقن لاءِ بهتر ، جمهوري ۽ ترقي پسند اتحاد جي ضرورت پيدا ٿي وئي آهي . اسان ڪامريڊ جام ساقيءَ طرفان ١٢ نومبر جي اخبارن ۾ ڇپيل اهڙي اتحاد جي حمايت ڪيون ٿا ۽ وطن دوست قوتن کي اپيل ڪري رهيا آهيون تہ هو ان جي ڪا بهتر موٽ ڏيندا ۽ سنڌ جي عوام ۾ S.N.A جي موجوده ڪردار ڪري جيڪا مايوسي پيدا ٿي آهي ان مان ڪڍندا .

● ١٢ نومبر حسن ناصر جي شهادت جو ڏينهن آهي - حسن ناصر پورهيت طبقي جو عظيم ۽ اڏول سروان هيو ، جنهن کي لاهور جي شاهي قلعي ۾ ١٩٦٢ع ۾ پورهيت عوام جي حقن جي جدوجهد جي پاداش ۾ اذيتون ڏيئي ماريو ويو . حسن ناصر پنهنجي جان ڏيئي پورهيت عوام جو مان مٿانهون ڪري ايوبي آمريت کي شڪست ڏيئي پنهنجو پاڻ ملهائي ويو ۽ جسماني موت مرندي اڄ بہ هو جدوجهد جي روپ ۾ اسانجي سامهون موجود آهي . سندس عظيم قرباني هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائيندي .

● شعور سٿ جي ساٿي قاضي امداد جو والد ديهانت ڪري ويو . شعور سٿ سميت شعور جي ورڪرن ۽ نمائندن سائس ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيواريءَ جو اظهار ڪيو آهي .

● شعور جي چيف ايڊيٽر غلام محمد ڏيري کي هڪ من گهڙت قتل ڪيس ۾ ٻانڌي ٻنايو ويو آهي . ڪيس ۾ ٻانڌي ٻنايو ويو آهي . ادارو ادارو شعور جي چيف ايڊيٽر غلام محمد ڏيري کي فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿو .

● سنڌ جو ترقي پسند شاعر "ٻريا رنگ رتول" جو سرجڻهار افضل قادري موت سان ويڙهاند ۾ جنبيل آهي . مسڪينيءَ جي حالت سندس جان بچائڻ ۾ ناڪام وئي آهي . سرڪار جا رحمدل ادارا بہ سندس علاج ڪرڻ کان لنوائي رهيا آهن . افضل قادريءَ جو چوڻ آهي منهنجو ايترو علاج ڪيو- جو آئون زنده رهي سگهان- بس وڌيڪ ڪجھ بہ نٿو گهران . ادارو سنڌ سرڪار کان گهر ٿو ڪري تہ افضل قادريءَ سميت استاد بخاريءَ جو بہ سرڪاري خرچ تي علاج ڪرايو وڃي .

شعور سٿ

جساف جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري

ڊوڊو مهيري

سان انٽرويو

شعور سٽ



سوال: موجوده ملڪي ۽ خصوصن سنڌ جي صورتحال جو ڪهڙو تجزيو ڪريو ٿا؟

جواب: مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي يارهن سالن جي ڊگهي جدوجهد ڪانپوءِ ملڪ تي جمهوريت جو سج اڀريو ۽ اهو به ان صورت ۾ اڀاريو ويو آهي، جڏهن حاڪمن مڪمل طئه ٿيل پروگرام تحت هڪ طرف سرڪاري ۽ ملٽري ادارن آءِ جي آءِ کي جنم ڏنو ٻئي طرف پيپلز پارٽي جنهن کي يارهن سالن جي ويڙهه جو تجربو هيو، ان کي ڏسندي سرڪار ۽ حاڪمن اهي بندوبست ڪيا ۽ ان کان پوءِ اليڪشن ڪرائي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ پيپلز پارٽيءَ کي اقتدار مليو، جنهن ڪانپوءِ آءِ جي آءِ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پيو ۽ آءِ جي آءِ جو اهو ڪردار ان لاءِ هيو ته جيئن پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجو ڪردار مڪمل طور تي ادا ڪرڻ نه ڏنو وڃي ۽ ان جي خلاف بند ٻڌا وڃن، يارهن مهينن جي تجربي ڪانپوءِ اها ڳالهه واضح ٿي چڪي آهي ته پ پ کي ڪنهن به بنيادي ڪم ڪرڻ يا جمهوريت ڏي فروغ کان هر حال ۾ روڪڻ جي لاءِ آءِ جي آءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي آهي، هينئر به عدم اعتماد جي تحريڪ ۽ ٻيا طريقا استعمال ڪري پ پ جي حيثيت کي چيلنج ڪيو ويو آهي ۽ پ پ صرف پنهنجي بچاءُ ۾ پنهنجو وقت گذارڻ تي مجبور ٿي پئي آهي ۽ اڳتي هلي اها ڪوشش ڪئي ويندي ته ان حڪومت کي ڊاٿو وڃي ۽ جيئن ته پ پ کي ملٽري

معرفت ختم نه ڪري سگهيا هئا ان ڪري اهو ڪم آءِ جي آءِ جي سويلين روپ ۾ ڪيو پيو وڃي هڪ طرف صورتحال اها آهي ٻئي طرف خود جيڪو پ پ جو ڪردار آهي اهو ائين هجڻ گهرجي ها ته اها رياستي فوجي ادارن جي، حاڪمن جي خلاف مظلوم قومن کي اڳتي وٺي وڃي ها، انساني حق اڀاري ها پر رياستي ادارن پ پ کي خصوصن سنڌ ۾ قومپرستن سان الجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ قومپرستن جا به ڪجهه ماڻهو الجهي پيا آهن. تنهنڪري پ پ جيئن نعپ سان ٿيو هيو ان رستي تي پهتي آهي يا جيئن بنگالين سان، جنهن جا نتيجا اهي نڪتا هئا ته ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو ۽ نعپ جا بلوچ ۽ پٺان اڳوان جيلن ۾ هئا ته به نه ٽهيا هئا. اڳتي هلي ساڳين ادارن پي اين اي جي صورت ۾ اتحاد ٺهرايو جنهن سان جمهوريت کي ڊاٿو ويو ۽ مارشل لا جنم ورتو ۽ اڄ ملڪ ۽ مظلوم قومون هڪ وڏي کاهيءَ ۾ وڃي ڪريون ته هڪ صورت اها به وڃي بيٺي آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ خصوصن سنڌ تمام نازڪ صورتحال ۾ ڦاٿل آهي جنهن ۾ پ پ ڪمزور صورت ۾ هجڻ ڪري پنهنجي اقتدار کي بچائڻ جي لاءِ ڪڏهن ايم ڪيو ايم سان ٺاهه ٿي ڪري ته اتي به ايم ڪيو ايم جون جيڪي سنڌ لاءِ هاڃيڪار شيون آهن اهي مڃي ٿي ۽ جڏهن سنڌي ماڻهن جي دٻاءُ يا اهي شيون جيڪي پ پ جي قبول ڪرڻ کان ٻاهر هيون ته ايم ڪيو ايم اهو ٺاهه ٽوڙي آءِ جي آءِ سان ٺاهه ڪيو. اسين پ پ- ايم ڪيو ايم يا ايم ڪيو ايم- آءِ جي آءِ ٺاهه سنڌ لاءِ انتهائي هاڃيڪار سمجهون ٿا پر جيئن ته پ پ تي وڏيڪ دٻاءُ هيو جنهن ڪري سنڌ ڪنهن وڏي نقصان کان بچي وئي پر آءِ جي آءِ- ايم ڪيو ايم اتحاد سنڌ لاءِ انتهائي خطرناڪ سمجهون ٿا. ڇاڪاڻ ته پ پ کي جيڪو ٿورو سنڌي ماڻهن مينڊيٽ ڏنو آ، ان ٺاهه جي صورت ۾ ان کي ختم ڪيو ويندو ۽ هتي جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد کي به روڪيو ويندو ۽ اڃان به اڳتي هلي سنڌ بلوچستان جي ساحلي علائقن کي مستقل طور فري پورٽ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. پ پ جي اڳوائن به پنهنجن بيانن ۾ اهو ظاهر ڪيو آ ته اهي ان (ڪراچيءَ) کي قائد آباد جي نالي ۾ صوبي ۽ فري زون ٺاهڻ جي ڪوشش ڪن پيا. آءِ جي آءِ مڪمل طور تي ايم ڪيو ايم سان ڀاڱي ڀائيوار ٿي رهي آهي ۽ ان ڪانسواءِ حاڪمن يارهن سالن ۾ اهو آزمايو ته بندوق ۽ گوليءَ جي زور تي سنڌي ماڻهن جي قومي جدوجهد کي روڪي ۽ نه دٻائي ٿو سگهجي، ان ڪري دائمي طور تي قومي جدوجهد کي روڪڻ ۽ ان کي منجهائڻ جي لاءِ آمريڪا ۽ پنجاب فيصلو ڪيو آ ته خصوصن برصغير جا گڏيل لوڏيل ماڻهو يا پنجاب جا واڌو ماڻهو سنڌ ۾ آباد ڪيا وڃن، ۽ ان آباديءَ جي معرفت جيئن آمريڪا جون ڪالونيون سنگاپور، هانگ ڪانگ يا اسرائيل آهن، سنڌ جي صورتحال به ائين ٺاهي وڃي. ان صورت ۾ سنڌ هڪ گهڻ قومي يا گهڻن نسلن جو صوبو بڻجي ويندو. انهن جا جهيڙا جهڳڙا ڪرائي، مٿان ملٽريءَ جا ادارا سنڌ ۾ مضبوطيءَ سان پنهنجا پير ڄمائي قومي جدوجهد کي روڪي سنڌ جي دائمي ڦرلٽ ڪري سگهندا. اهڙي طرح سان سنڌ جي صورتحال ان نتيجي تي پهتي آهي جتي حاڪم تيزيءَ سان دائمي طور تي سنڌ جي جدوجهد کي روڪڻ لاءِ مڪمل طور تي پنهنجي سازشن، حڪمت عملين، طاقت ۽ ادارن سميت ميدان تي لٿو آهي.

سوال: ملڪي صورتحال ۾ موجوده جمهوري عمل خلاف جيڪو آءِ جي آءِ جو

ڪردار آهي جنهن ۾ بہ "سنڌ جي ڪارڊ" کي امن امان جي مسئلي جي صورت ۾ خصوصيت سان پيش ڪيو پيو وڃي. اڳ ۾ آءِ جي آءِ جون جيڪي اتحادي ڌريون هونديون هيون اهي جمهوري عمل خلاف سنڌ ۾ حالتون خراب ڪرڻ چاهينديون هيون پر هينئر آءِ جي آءِ ايم ڪيو ايم ٺاهه جي صورت ۾ آءِ جي آءِ کي سنڌ اندر کليل ۽ سڌي طريقي سان حالتن خراب ڪرڻ جو موقعو مليو آهي جنهن وسيلي اهي سنڌ دشمن منصوبن تي بہ عمل ڪندا. ان نئين صورتحال ۽ ڌر بندي سبب سنڌ جي خصوصن ٻن وڏن شهرن، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اندر جيڪا صورتحال ٺهندي ۽ ان جي نسادن جي صورت ۾ شروعات ٿي چڪي آهي، ٻئي طرف جمهوري عمل ڊاهڻ سامراج دشمن ۽ قومپرست چوراڻيندڙ پارٽي اي اين پي جي رويي ۽ ان سڄي صورتحال کي اوهين ڪيئن ٿا سمجهو تہ حالتون ڪيئن بيهنديون؟

جواب: اسين اهو پڌائيندو هلان تہ بنگلاديش جي آزاديءَ کانپوءِ، خصوصن هتي جي مظلوم قومن ۾ جيڪو آزاديءَ جو جذبو هيو، ان کي پنجاب يا حاڪمن سنجيدگيءَ سان وٺڻ شروع ڪيو چاڪاڻ تہ بنگال جي ڌڪ حاڪمن کي تمام گهڻو هاڃو رسايو هيو. تنهن ڪري سنڌي ماڻهن جي جدوجهد خلاف نئين سر حڪمت عمليون ٺاهيون ويون، پر اڳتي هلي پ پ جو دور هيو جنهن ۾ مظلوم قومن جي آواز کي ڪجهہ وقت لاءِ ماٺو ڪرڻ ۽ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر ڀٽو صاحب جيئن تہ ڦاسيءَ چڙهيو ۽ فوج جو راڄ قائم ٿيو ۽ خصوصن سڌي طور تي سنڌ ۾ فوج جي نفاذ سنڌي ماڻهن کي اهو احساس ڏياريو تہ مارشل لا جو سڌو ٽارگيٽ اهي ئي آهن. تنهنڪري سنڌي ماڻهن ١٩٨٣ع جي تحريڪ ۾ شاندار جدوجهد ڪئي ۽ قربانيون ڏنيون ۽ حاڪمن جون اکيون کولرائي ڇڏيون چاڪاڻ تہ هڪ طرف اهي ساڳيا هٿيار بند ادارا هئا جيڪي بنگال ۾ شڪست کائي چڪا هئا. اڃا اهو ڌڪ سنڌن مٿيو بہ ڪونہ هيو تہ ٻئي طرف سنڌي ماڻهن هٿين خالي ٻي سرو ساماني جي حالت ۾ جن کي ڪا بہ بين الاقوامي مدد ڪانہ هئي پنهنجي حالت آهر جنگ ڪئي هئائون جنهن جا اثر نہ صرف ملڪي پر بين الاقوامي سطح تي بہ پيا هئا. ان ڪان حاڪم ڇرڪي ويا جنهن جي نتيجي طور تي پ پ کي اقتدار مليو. سنڌي ماڻهن جي ان جدوجهد کي روڪڻ جي لاءِ پنجاب جي ان سڌي ملٽري مداخلت ان کي تمام گهڻو نقصان پئي پهچايو ان جي وقار تي اثر پئي پيو ان ڪري ان ساڳئي ئي اداري هتي جي لوڪل خصوصن مهاجر کي هٿ ڏئي ايم ڪيو ايم ٺهرائي. سنڌي ماڻهن جي ان قومي ۽ جمهوري جدوجهد جي خلاف هڪ نئون فيڪٽر کڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ان ڪري هتي لساني جهيڙن

> **رياستي ادارن پ پ کي خصوصن سنڌ ۾ قوم پرستن سان الجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ قوم پرستن جا بہ ڪجهہ ماڻهو الجهي پيا آهن.**

جي ڪري ٿين ڪي ان ڳالهہ جو ڪارڻ سمجهون ٿا. ايم ڪيو ايم کي ايترو تہ اڀاريو ويو جو اها سنڌن ڌر طور تسليم ٿين لڳي جنهن کي عالمي ادارن باقاعده سنڌ جي مظلوم ڪيس ڪان وڌيڪ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن دنيا کي ڄاڻايو وڃي تہ سنڌ جي ڪيس ڪان وڌيڪ مظلوم آهن. تنهنڪري اها هڪ فيڪٽر جي طور تي اڀري. مهاجر جماعت اسلاميءَ ۾ هجن يا ڪنهن ٻي تنظيم ۾ يا انڊيا ۾ انهن قومي ۽ سامراج دشمن جدوجهد ڪان هٽي سامراج نواز ۽ ان جو ساٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ انهن جو اهو ڪردار رهيو آهي ۽ بنگال کانپوءِ ۽ پي اين اي دوران بہ اهو ئي ڪردار رهيو آهي. هينئر خصوصن اهي جڏهن هڪ فارميشن ۾ آيا آهن تڏهن هو پنجاب جي ادارن جي چوڻ تي لڳي سنڌي ماڻهن جي ويڙهاند خلاف جدوجهد يا نسلي جهيڙا ڪن ٿا. ان صورت حال ۾ قومپرست ۽ جمهوري پارٽين تي وڏو فرض عائد ٿئي ٿو تہ اهي انهي صورتحال کي جيڪا ايترو اڀري چڪي آهي جو سنڌ جي بقا جو مسئلو بنجي چڪي آهي ان لاءِ سنجيده ٿين. اڃا سنڌ جا ماڻهو سنڌ جو سياستدان سنجيده نہ ٿيو آهي تہ هي بہ هڪ ڪيس آهي هڪڙا ان کي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جو ڪيس ۽ هڪڙا ان کي ملٽريءَ جي سازش ٿا سمجهن ۽ هڪڙا ان کي ڪا نہ ڪا صورت ڏئي ٿا ڇڏين، پر ان لاءِ ڪا بہ ٺوس واضح پاليسي ۽ ڪردار ۽ جدوجهد ڪرڻ لاءِ سنجيده نہ ٿيا آهن. مهاجر فيڪٽر لاءِ پ پ يا پ پ ڪان مستقبل ۾ انهن لاءِ هڪ واضح لائين رکي وڃي ۽ ان مطابق ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اڳ پ پ جي دور ۾ مهاجر فيڪٽر ڪراچيءَ جو اسيمبليءَ ۾ ٧ ميمبر هيو ۽ اسيمبليءَ ۾ حزب اختلاف ۾ هئا ۽ سڄي پ پ حڪومت اڪثريت ۾ هئي تنهن هوندي بہ اهي فوجي ادارا انهن کي پ پ کي ڊاهڻ لاءِ ايسيتائين استعمال ڪندا رهيا جيسيتائين اها ڊٺي ۽ ڀٽو صاحب ڦاسيءَ تي چڙهيو. اڄ بہ اها صورتحال آهي اهي ستاويهہ ميمبر آهن، سنڌ جا ميمبر ٨٢ آهن انهن اڪثريتي سنڌ جي ٨٢ ميمبرن کي ستاويهہ ميمبرن (اقليت) جي هٿان مجبور ڪيو پئي ويو تہ سنڌي ماڻهن جيڪو کين مينڊيٽ ڏنو آ انهن کي ڪردار ادا ڪرڻ نہ ڏنو وڃي ۽ انهن جو جيڪو فرض آ، ان کان هٽائي صرف مهاجرن اڳيان بليڪ ميل ٿيندا رهن، ۽ جڏهن پ پ هنن کي گهربل شيون نہ ڏنيون تہ اهي ساڳي ايم ڪيو ايم وارا آءِ جي آءِ سان مليا هن جمهوري حڪومت جي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي چڪا آهن تہ اتي خصوصن اي اين پي ۽ ٻيون جيڪي بہ پاڪستان ليول تي پارٽيون آهن انهن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. پر اسان اهو واضح طور تي پڌائڻ ٿا گهرون تہ جڏهن صدر اسحاق اچي ايم ڪيو ايم جي اڳوڻن سان مليو تہ اتي پليجي صاحب صدر کي تارون ڪيون. ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ جڏهن صدر سان ملن ٿا تہ اها ڳالهہ اسان کي سمجهہ ۾ اچي ٿي ۽ پليجي جي ملڻ جي ڳالهہ اخبارن ۾ آندي وئي يا رسالن ۾ ڏني وئي يا پنهنجا بيان ڏنائين تہ اهو اسان سمجهون ٿا تہ جڏهن سنڌ ۾ هڪ

چونڊيل نمائنده حڪومت آهي ۽ مرڪز ۾ بينظير آهي، انهن کي ڪراس ڪري صدر سان ملڻ جنهن جا نتيجا اهي نڪتا تہ عدم اعتماد جي تحريڪ آئي ۽ ان هن حڪومت کي ايترو تہ ڪمزور ڪيو جو حاڪمن اڳيان اجان وڌيڪ جهڪي ويئي ۽ مظلوم ماڻهن جي مينڊيٽ تان هٿ ڪڍي انهن جي خواهشن مٿان تي مجبور ٿي. اهڙي وقت خصوصن پليجي صاحب جو ڪردار مان سمجهان ٿو تہ پ پ ۽ بينظير کي ڪراس ڪرڻ جي برابر هيو ۽ اهڙي صورتحال اسين سمجهون ٿا تہ اها جيڪڏهن ساڳي اي اين پي سرحد جي صورت ۾ آه جي ۽ سان گڏ ويٺي آهي ان جوڪردار جيڪو پاڪستان ليول تي نهي ٿو اهو آه جي آه سان ٻڌ ٿي ٿو وڃي ۽ ان ڪري هن حڪومت جي خلاف ٿو وڃي. جنهن جي نتيجي ۾ آئون سمجهان ٿو تہ پ پ حڪومت کي سخت ڌڪو پهتو آهي، تہ اهڙي حالت ۾ ملڪ گير پارٽين کي واضح طور تي سنڌن ڪردار جيڪو سرحد ۾ هجڻ گهرجي تہ پوءِ اهو سنڌ ۾ بہ هجڻ يا جيڪو سنڌ ۾ ڪردار ادا ڪن اهو ملڪي ليول تي بہ ادا ڪرڻ گهرجي. ايئن نہ ٿيڻ گهرجي تہ جيڪو هتي ڪردار ادا ڪن پنهنجي ماڻهن ۽ اخبارن اڳيان اهو جدا ۽ ملڪي ليول تي جيڪو ادا ڪن اهو جدا ۽ مخالفانہ بيهي تہ انهيءَ صورت ۾ اهي سڀ ليڪٽر گڏجي هن حڪومت کي ڊاهڻ، ڪمزور ڪرڻ ۽ فوجي حاڪمن جي پيرن ۾ جهڪڻ جي مترادف ٿين ٿا، تنهنڪري انهن کي احتياط ڪرڻو پوندو ۽ سڌو ٿي بيهڻو پوندو.

سوال: توهان جي ان ڳالهہ مان ايئن سمجهجي تہ پليجو-صدر ملاقات ۽ صدر-الطاف ملاقات اهي ٻئي موجوده جمهوري عمل خلاف پيش ڪيل عدم اعتماد جي تحريڪ جا حصا آهن؟

جواب: بلڪل! اسان واضح ڪيو آ تہ انهن ڪراس ڪيو آهي جڏهن نمائنده ڌريون موجود آهن تہ سنڌ جي تحفظ جي لاءِ ان (پليجي) کي قائم علي شاه سان ملڻ گهرجي ها، سنڌ جي تحفظ جي لاءِ ان کي بينظير سان ملڻ گهرجي ها، سنڌ جي تحفظ جي لا ۽ سنڌ جي پارٽين ڏانهن هٿ وڌائڻ گهرجي ها. سنڌ جو تحفظ صدر اسحاق جي هٿ ۾ نہ آهي ڇاڪاڻ تہ صدر اسحاق ان لابي (فوج) جو نمائندو آهي جنهن جي هو نمائندگي ڪري ٿو ۽ ان جي معرفت ئي هو مختلف پرتن سان ملي پ پ حڪومت تي وار ڪري ٿو. اهو عدالتي هجي، آئيني هجي، اسيمبليءَ جي فلور تي مسئلو هجي يا سنڌ ليول جو مسئلو هجي ان سڀ ۾ صدر صاحب مڪمل طور تي هاڻي صاف ظاهر ٿي چڪو آهي تہ اهو هڪ ڏر آهي.

سوال: هن راند ۾ هڪ ڪردار بگٽي جو بہ آهي، جنهن سان گڏ بي اين اي، جنهن ۾ بي اين وائي ايم ۽ بي ايس او جو گڏيل ڪردار جيڪو عدام اعتماد جي رٿ دوران يا ان کان اڳي بيٺو آهي اهو آهِ جي آهِ جي مضبوط ساٿاري جهڙو آهي. جڏهن تہ اهي قومپرستيءَ جي دعويٰ ڪن ٿا، اوهين ان جي موجوده ڪردار کي ڪيئن ٿا سمجهو؟

جواب: اسان جي خيال ۾ بي اين اي يا خصوصن بگٽيءَ جي صورت ۾ بي اين اي جو جيڪو ڪردار بيهي ٿو اهو سرڪاري قومپرستي وارو بيهي ٿو. بگٽيءَ جو بلوچستان جي قومي جدوجهد کي ڪچلڻ، روڪڻ، تباه ڪرڻ ۾ جيڪو ڪردار هيو سو لڪل نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن بي اين اي اقتدار ۾ آئي پئي تہ حاڪمن پنهنجي پڪي پختي ماڻهوءَ کي بي اين اي جي اڳواڻي هٿن ۾ ڏني ۽ اڳتي هلي اسيمبليءَ جي معرفت بلوچستان جو وزير اعليٰ ٿي ويو ۽ هاڻي ان جون ڏوريون حاڪمن جي هٿن ۾ آهن. تنهن ڪري اهي حاڪم جڏهن چاهيندا تڏهن ان کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪندا رهندا، جيئن ماضيءَ ۾ ڪيو اٿن. تنهن ڪري بي اين اي جو ٽليهي ليڪي ڪردار سامراج نواز آهي، ان ڪري بي اين اي جا جيڪي سامراج دشمن قومپرست آهن، جن ويڙهاند ڪئي آهي، ان مطابق تنقيدي جائزو وٺي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سوال: نسلي فساد جيڪي هينئر ڪافي پختا ٿي چڪا آهن، انهن جي روڪٿام لاءِ ڪي ڌريون چون ٿيون تہ جيترو جمهوري عمل سگهارو ٿيندو اوترو اهي فساد ڪمزور ٿيندا، ۽ ان سان گڏ جيڪي بہ سامراج دشمن، ترقي پسند، جمهورت پسند ۽ وطن دوست ڌريون آهن انهن کي اردو ڳالهائيندڙن ۾ ڪم ڪري ئي ايم ڪيو ايم کي ٽوڙي سگهجي ٿو. اهڙي ڳالهہ حيدرآباد ۾ منعقد هڪ سيمينار "اچو تہ گڏجي سنڌ بچايون" ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن دانشورن، اديبن ۽ سياستدانن چئي هئي. ڪي انهن (مهاجرن) کي مرڳوئي ختم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا، اوهان وٽ ان جو ڪهڙو حل آهي. ٻي ڳالهہ تہ ڪجهہ ماڻهو اهو بہ چون ٿا تہ اسان کي هٿيار ڏنا وڃن تہ اسان جا ٻہ هزار رضا ڪار امن قائم ڪندا. ان بابت اوهان ڪجهہ ٻڌايو؟

جواب: سنڌ ۾ مهاجر فئڪٽر کي اسان سياسي مسئلو سمجهون ٿا، ان کي سياسي طريقن جي ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو. انهن حاڪمن پنهنجي سياست ذريعي نسلي بنيادن تي مهاجرن کي هٿيار بند ڪيو آهي، انهن کي فاشسٽ تنظيم ڏني آهي ۽ انهن کي پنهنجي ميڊيا جي ذريعي اڀاريو ويو آهي ۽ ان وسيلي اهو ٻڌايو ويو آ تہ اوهان بہ اها سياست ڪريو. پر اسين سمجهون ٿا تہ حاڪمن جي سياست ۽ جيڪي پاليسيون آهن، جن جي بنياد تي انهن کي اڀاريو ويو آهي جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو سنڌ جا قوم پرست ۽ ٻيون سياسي ڌريون اهي بہ اهڙي سياست ٿيون ڪن تہ پوءِ آئون سمجهان ٿو تہ اها حاڪمن جي ڪاميابي آهي. تنهنڪري هتي جي قومپرستن ۽ بهتر سياسي سوچ رکندڙ سياسي ڌرين کي سوچ ويچار ڪرڻ دنيا جي انقلابن جي سبق جي نتيجن تحت پنهنجي ڌرتيءَ جي حالتن مطابق سياست ڪرڻ گهرجي ۽ ايس اين اي بہ پنهنجو فارمولا ڏيئي چڪو آ تہ ۱۹۵۴ع کان اڳ آيل سنڌ جو حصو آهن. ان مطابق انهن کي سنڌ ۾ سنڌي قوم جو حصو تسليم ڪندي ان مطابق ان مسئلي کي سياسي طور تي اسان حل ڪري سگهون ٿا ۽ ان جو اهو مطلب بہ نہ آهي تہ اهو فاشسٽ جيڪڏهن بندوقون ڪڻي ٿو اسان جا گهر تاراج ڪري ٿو گهٽيون گهر بند ڪري ٿو تہ اتي اسان پنهنجي بچاءَ جو حق نہ رکون، پر اتي حڪومت تي فرض بڻجي ٿو تہ، جنهن (خصوصن غوث علي شاه) ڪان وٺي هيل تائين جن ايم ڪيو ايم آڏو گوڏا کوڙيا آهن، انهن کان حساب ورتو وڃي جنهن ڪري هتي دهشت گرديءَ جو راڄ وڌيو آهي ۽ اهو باور ڪرايو ويو آ تہ جيڪڏهن توهان بندوق کڻو ٿا، توهان وٽ طاقت آهي تہ پوءِ توهان سياست ڪري سگهو ٿا. مستقبل لاءِ

نه اهڙو رويو ٺيڪ آ ۽ نه ان جا ٺيڪ نتيجا نڪرندا. ڇاڪاڻ ته ان جا ڪراچيءَ تي مڪمل طور تي اثر پوندا ۽ ان سان گڏ سڄي سنڌ جي سياست تي اثر پوندا. سياست ۾ ڪلاشنڪوف کي سنو پيش ڪري، طاقت جو مظاهرو ڪري ماڻهن کي ڊيڪاريو وڃي ته اسان وٽ قوت آهي ته ان کي اسين سنو نه ٿا سمجهان. اسان سياسي طور تي مضبوط ٿيون، عوامي سگهه کي ان ۾ شامل ڪيون، پنهنجي سڄي سنڌ جي قوتن کي پاڻ ۾ سموئجي ته انهيءَ بنياد تي ئي اسان ان مسئلي کي حل ڪري سگهون ٿا. اها طاقت مستقبل ۾ پنهنجي قومي بچاءَ جي لاءِ جيڪڏهن هٿيار بند جدوجهد ڪري ٿي ته اها ٺيڪ ناڪ رهندي. ان ڪانسواءِ اهو جيڪو رويو سياسي ڏرين نماءُ ۽ ڏيکاءُ وارو شروع

سياست ۾ ڪلاشنڪوف کي سنو پيش ڪري طاقت جو مظاهرو ڪري ماڻهن کي ڊيڪاريو وڃي ته اسان وٽ قوت آهي، ته ان کي اسين سنو نٿو سمجهان.

ڪيو آ ان کي سياست ۾ ٺيڪ نه ٿا سمجهون، ڇاڪاڻ ته جڏهن به سنڌ تي ڏکيو وقت آيو آ، تڏهن سنڌ جي شهري ماڻهن تي پاڻ لڙائي وڏيڪ مڙهي وئي آهي. پر اهي ڌريون انهن جو بچاءُ نه سگهيون آهن تنهنڪري، سنڌي ماڻهن ڪري [illegible] حيءَ جي ماڻهن کي، مضبوط ڪيو کي، ڪرا [illegible] رف پين ماڻهن، کي به باور وڃي، پئي [illegible] هتي جو حصو آهن ۽ ڪرايو وڃي ته ام [illegible] ٽ لاڙن، ڏ [illegible] ي نندي‌و جتي انهن جي فاشس [illegible] وڃي، انهن خلاف بند پڌا [illegible] وڃن ته [illegible] اتي اها به گنجائش ڪڍي وڃي ته [illegible] ن کي سياست کان بچائڻ جي لاءِ پنهن [illegible] حون سياسي تبديليون ڪري، سنڌ جي ان مس [illegible] ئلي کي حل ڪيو وڃي.

سوال: توهان ايس اين اي جو ذڪر ڪيو آهي، ته جن بنيادن تي ايس اين اي ٺهيو هيو ۽ جيڪي سنڌ جي عوام جون ان مان توقعات هيون انهن کي ان هيئنر مايوس ڪيو آهي. ٻئي طرف پليجو صاحب سنڌي اتحاد ٺاهيو آهي ۽ ٽئين طرف ڪجهه ڏينهن اڳ اخبارن ۾ چار ساٿيءَ پارٽين سڏ آيو آهي ته سنڌ اندر ايس اين اي جي نقطن سميت، زرعي اصلاحات ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ واري سازش خلاف، آءِ جي آءِ کي دشمن نمبر هڪ قرار ڏئي ان جي جمهوريت دشمن عملن خلاف ۽ حق خود اراديت وارن نقطن تي ترقي پسند قومي ۽ جمهوري اتحاد ٺهڻ گهرجي. انهن ٽنهي ڳالهين جي مد نظر سنڌ جي عوام کي ڪهڙي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي؟

جواب: سنڌ قومي اتحاد پي ايل او ناهي، سنڌ قومي اتحاد سنڌي ماڻهن جي اتحاد جي خصوصن اينٽي ون يونٽ ڪانپوءِ پهرين ڪوشش آ، جنهن اتحاد سنڌي ماڻهن کي ايترو متاثر ضرور ڪيو آهي جو ان ڪانپوءِ سنڌ جي سياست گڏيل جدوجهد سان ماڻهن تسليم ڪئي آهي ته ان جا اثرات شاگرد تنظيمن تي به پيا آهن. سنڌي ماڻهن سمجهيو آ ته ڪين هڪ پليٽ فارم هجڻ گهرجي اهو جذبو سنڌ قومي اتحاد ماڻهن کي ڏنو. پر ايس اين اي ۾ جمهوريت جي جيڪا کوٽ رهي ان جي ڪري ئي ايس اين اي ماڻهن جي اميدن تي پورو نه لهي سگهيو آهي. باقي سنڌ قومي اتحاد جو ٽارگيٽ ۽ پروگرام سامراج دشمن ۽ سنڌ جي بنيادي مسئلن تي ٻڌل آهي پر ان اتحاد کي جيڪا بنيادي کوٽ آهي اها آئيني جوڙ جڪ جي آهي. اها جيڪڏهن ڏني وڃي ته ان مطابق اهو ايترو وسيع گنجائش رکي سگهي ٿو ته ڪجهه نقطا چار صاحب جا يا پين جا جيڪي اتحاد جي لاءِ فارمولا آهن انهن مان ڪجهه نقطا وٺي اڳتي وڌي سگهجي ٿو ۽ سنڌ قومي اتحاد کي ان ڳالهه تي ڌيان ڏيڻو پوندو ته اهو پنهنجي آئيني قدرن کي بحال رکي ته پوءِ ڪو شڪ نه آهي ته اسين، ان مان نڪتل پارٽيون يا ان ۾ موجود پارٽيون پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سنڌي ماڻهن جو اعتماد حاصل نه ڪري سگهن.

سوال: هيئنر جيئي سنڌ تحريڪ پاران سائين جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين جي آزاديءَ لاءِ جيل ڀريو تحريڪ جي شروعات ڪئي وئي آهي ان بابت جيئي سنڌ تحريڪ اندر خصوصن توهان جي حوالي سان اهم اسٽينڊ ورتو ويو آهي ۽ شديد مخالفت ڪئي وئي آهي ته اها نه هلڻ گهرجي. ان تحريڪ کي موجوده حالتن ۾ هلائڻ کي اوهان ڪهڙن بنيادن تي رد ڪريو ٿا، ان تحريڪ جي هيئنر آخر ڇو ضرورت پيش آئي، جڏهن ته گذريل ٻارهن سالن ۾ ٽوڙهي سانحي پيري جڏهن توهان سميت ٻين ساٿين جي زندگيءَ کي شديد خطرو هيو نه هلائي وئي، اوهان جي ان تحريڪ جي مخالفت جا اصولي ڪهڙا نقطا آهن؟

جواب: اسان اصولي طرح جدوجهد جا قائل آهيون، پنهنجي سياسي دوستن ۽ پنهنجي رهبر ۽ اڳوان جي لاءِ، پر جيل مان ويهي جيڪا دوستن راءِ ڏني آهي ان راءِ. کي مرڪزي باڊيءَ جي معرفت اچڻ گهرجي ها. مرڪزي باڊي جيڪا ٻاهر نمائنده آهي، اها سنڌ جي موجوده حالتن کي نظر ۾ رکي ان جو مطالعو ڪري ان مطابق حڪمت عملي ٺاهي ها. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به تحريڪ جي لاءِ هوم ورڪ سياسي سهڪار، پروپيگنڊا ۽ تياري جي ضرورت هوندي آهي ان ڪانپوءِ ئي جدوجهد کي اڳتي وڌائبو آهي جدوجهد جا مرحلا هوندا آهن جن تحت هلبو آهي. ته اسان سمجهون ٿا ته ان جدوجهد کي بنا تياري، بنا ترتيب ۽ نابالغيءَ جي حالت ۾ ميدان تي آندو ويو آهي، ان جا مثبت نتيجا نڪرڻ بجاءِ تحريڪ تي خراب اثر پوندا. ايئن خراب پوندا جيئن سائينءَ جي گرفتاريءَ ۽ جهنڊي جي سڙڻ وقت پيا هئا ۽ هيئنر به ڪارڪنن جي اخلاقي سپورٽ جيل وارن کي يا جيل وڃڻ وارن کي ناهي. ڇاڪاڻ ته اسان جدوجهد سياسي انداز ڀرپور نموني، سگهه ۽ سهڪار سان هلائڻ جا قائل آهيون جيئن ان جا مثبت نتيجا نڪرن، تنهنڪري ايئن جمپ ڏيئي جدوجهد هلائڻ کي اسان اصولي طور تي تنظيم جي خلاف سمجهون ٿا ۽ تنظيمي فيصلي کانسواءِ هلائڻ

سمجهون ٿا. اسان دوستن سان رابطو قائم ڪيو پنهنجي اڳواڻن کي ٻڌايو پر انهن پنهنجي يڪ طرفہ جدوجهد هلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان (جدوجهد) جا نتيجا اهي نڪتا آهن تہ سيني سياسي ڌرين، اخبارن، عوام سميت ڪنهن بہ ان سان سهڪار نہ ڪيو آ، صرف هڪ سيڪشن يا يونيورسٽين جا نوجوان گرفتاريون ڏيئي رهيا آهن، گهڻن (گرفتاريون ڏيندڙن) جو تنظيم (جيئي سنڌ) سان بہ واسطو ڪونهي ۽ ڪنهن جي مائٽن انهن خلاف بيان ڏنا آهن. ان جا جيڪي اثرات پيا آهن، گڏيل تنظيم تي صحيح نہ پيا آهن، اهو ئي اسان کي خطرو هيو جنهن جا نتيجا سامهون آيا آهن.

سوال: توهان جي ان مخالفت جي ڪري ٻي ڌر ٻاران رد عمل طور تي پنهنجن بيانن ۾ چيو ٿو وڃي تہ فلاڻو فلاڻي جو ايجنٽ آهي ٻئي طرف ان سڄي تحريڪ ۾ حميده کهڙو جو اڳواڻي وارو ڪردار نظر اچي ٿو. پريس ڪانفرنسون ڪري ان تحريڪ جو طريقہ ڪار ۽ مقصد پئي ٻڌايا اٿائين، جڏهن تہ حميده کهڙو بابت چيو ويندو آهي تہ اها سي آءِ اي سان سهڪاري هوندي آهي، ان جو ان تحريڪ ۾ ايترو اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد آهي ٻي ڳالهہ تہ ان جدوجهد دوران ٿيندڙ الزام تراشيءَ ۾ ڪيتري صداقت آهي؟

جواب: توهان کي ٿئون واضح ٻڌائيندو هلان تہ سائين جي ايم سيد جي دوري کان ليڪ هڪ ڏينهن اڳ ميڊم حميده کهڙو (محاذ جي) متوازي باڊيءَ جو اعلان ڪرايو ۽ ان ڪانپوءِ سائينءَ سان ملاقات ڪئي ويئي جنهن متوازي باڊيءَ کي سائين رد ڪيو ۽ اخبارن ۾ سائينءَ ان بابت بيان بہ ڏنو تنهن هوندي بہ انهن جو خيال هيو تہ سائين دوري تي نڪرندو ۽ سائينءَ جي دوري دوران ضرور گرفتاريون ٿينديون، جنهن ۾ قيادت جيل ۾ ويندي ۽ پٺيان اهي هان رهندا، جنهن مطابق جيئي سنڌ جي سڄي تحريڪ جو جيڪو ڦل ۽ محنت آهي، ان کي سامراج نواز ڌرين سان ڳنڍي لوڙيو ويندو پر ان جا نتيجا اهي نڪتا تہ (دوري دوران) ڪجهہ قيادت اندر ويئي ۽ جن خلاف اهو متوازي محاذ

نهيو هيو. اها قيادت ٻاهر رهجي ويئي، جنهن ڪري ميڊم صاحبہ جو اهو خواب پورو ٿي نہ سگهيو. ٻيو خود ۹ آڪٽوبر تي ميڊم ڪراچيءَ کان سکر ويندي پريس ڪلب بڪ ڪرائي، رات جو ڪشمور ۾ آجياڻي ۾ شريڪ ٿي صبح سوير جو سائين جي گرفتاري عمل ۾ اچي ٿي ۽ اتان وري ميڊم صاحبہ اچي پريس ڪانفرنس ڪري ٿي پريس ڪانفرنس ۾ ان کي جيڪو اهم اعلان ڪرڻو هيو ان ۾ هڪ سائينءَ جي گرفتاريءَ ۽ آزاديءَ بابت هيو. سائينءَ جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ ميڊم جو سفر توهان کي لاهور نظر ايندو اها خبر اخبارن ۾ بہ اچي چڪي آهي جتي آءِ جي آءِ جي اڳواڻن سان ملي چڪي آهي. ان مطابق ان (حميده) سڀ حڪمت عمليون ناهيون. ان کان اڳ سمورو ميدان تيار ڪيو تہ جيئن حاڪمن کي (پاڻ) وٺائي سگهي ۽ اسان انهيءَ ڪري خبردار ڪيو تہ اها جدوجهد آءِ جي آءِ جي هٿن ۾ ڪيڏندي ٿي وڃي ۽ دوستن پاڻ کي سنڀاليو جنهن جي نتيجي ۾ دوستن جا واضح بيان اچي چڪا آهن تہ ميڊم ان جدوجهد ۾ ٽنگ نہ اڙائي تنهن جي ڪري اسان جا الزام سڏا ان تي هئا ۽ خود جيل جي دوستن بہ ان خلاف بيان ڏنا آهن.

سوال: اڳ قادر مگسي ۽ توهان جي ٻين ساٿين جيڏا متبادل باڊي ۽ تنظيم ٺاهي هئي، ان ڪانپوءِ هي ٻيو موقعو آهي تہ اختلاف وري کليل طريقي سان منظر عام تي آيا آهن ۽ جيڪي اختلاف اڃا وڌي رهيا آهن جن جي خاتمي جي ڪا صورتحال نظر نہ ٿي اچي تہ ان صورتحال ۾ انهن ٻنهي واضح ٽيل ۽ مختلف نقطہ نظر رکندڙ ڌرين جي گڏجي هلڻ جا ڪيترا امڪان آهن؟

جواب: اسان جيئي سنڌ تحريڪ ۾ اختلاف ختم ڪندي گڏ نہ ٿيا آهيون، اسان اختلاف سمجهندي ۽ انهن کي توريندي تڪيندي

> **اسان سمجهون ٿا تہ جيل ۾ پيو تحريڪ کي بنا تياري، بنا ترتيب ۽ نابالغيءَ جي حالت ۾ ميدان تي آندو ويو آهي. ان جا مثبت نتيجا نڪرڻ بجاءِ تحريڪ تي خراب اثر پوندا.**

گڏ ٿيا آهيون ۽ اسان جي رهبر (جي ايم سيد) خود پنهنجي انٽرويوز ۽ بيانن ۾ واضح ڪيو آ تہ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ٻہ ڌريون آهن، هڪ ساڄي ٻي کاٻي ڌر. ان ڪري اهي ٻہ ڌارائون آهن جن جو ڪڏهن ڪڏهن ٽڪراءُ بہ ٿيندو رهي ٿو، جيڪو پريس ۾ جداگانہ راءِ ۾ بہ اچي ٿو. پر اتي اسان انهن اختلافن کي سمجهي پنهنجي پوري قوت سان وڙنا آهيون ۽ اسان اهو بہ واضح ڪندا هلون تہ اسان خصوصن جساف ۾ جيڪڏهن آئيني ۽ جمهوري قدر بحال ٿا ٿين تہ پوءِ جيڪا ليفٽ جي سوچ آ، جيڪي ترقي پسند قومپرست آهيون انهن جي واضح طور تي جيت اڳيان آهي ۽ سڄي سنڌ جو باشعور شاگرد ۽ فيڊريشن جو بهادر ڪارڪن، صحيح سوچ ۽ راءِ رکندڙ اسان سان گڏ آهي ۽ اهو ان ڳالهہ جو منتظر آهي تہ ڪڏهن ٿو ڪيس پنهنجي راءِ کي استعمال ڪري صحيح فيصلو ڏيڻ جو موقعو ملي تہ جيئن صحيح قيادت فيڊريشن جي حوالي ڪن.

سوال: جيئي سنڌ تحريڪ اندر ساڄي ۽ کاٻي ڌر جو ذڪر سائينءَ عوامي آواز کي ڏنل انٽرويو ۾ ڪيو آهي پر خود سائينءَ اتي پنهنجي تحريڪ جي اندر کاٻي ڌر جي سوچ کي واضح نموني سان رد ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ طبقي کي ٻئي طبقي سان ويڙهائڻ وارو دليل ڏنو اٿئين. اوهين جيئي سنڌ تحريڪ جي اندر ترقي پسند سوچ رکندڙ جي حوالي سان ان کي ڪيئن ٿا سمجهو؟

جواب: سائين جي ايم سيد اسان جي تحريڪ جو رهبر ۽ اڳواڻ آهي، ان مطابق تحريڪ کي چڱي طرح ڏسي ۽ نظر رکي ٿو ۽ اسان سمجهون ٿا تہ سائين جي ايم سيد جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سوشلزم جي ڪري ٿو تہ ان سوشلزم لاءِ پرچو (تبليغ) ڪئي آهي، ڪارڪنن کي مستقبل لاءِ تيار ڪيو آ،



متحده محاذ واري سياست مشترڪ مسئلن تحت ٿيندي آهي، جنهن تي مڪمل اتفاق راءِ موجود هوندو آهي ۽ جنهن لاءِ معروضي حالتن جي شديد تقاضا راهه هموار ڪندي آهي. جيڪڏهن سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلن ۽ انهن جي حل واري طريقي تي به ڪي سياسي ۽ نظرياتي اختلاف ۽ تضاد ناهن هوندا ته هڪ گڏيل پارٽي ناهڻ طرف وڃيو آهي. پر جيڪڏهن سماج اندر اها به صورتحال آهي ته هڪ پارٽيءَ ۾ سموهجي نٿو سگهجي، ته پوءِ فوري حل طلب ۽ بنيادي مخصوص مسئلن، جن ڪان سماج جو هر طبقو متاثر ٿيندو آهي، تي جيڪڏهن جدوجهد هلائڻ لاءِ هم آهنگي پيدا ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن ان سان گڏ عوام ۽ حالتن جو دٻاءُ به جوڙڻ لاءِ سازگار آهي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ نڪتن تي اتحاد به جڙندا آهن. جن اتحادن لاءِ هي رهنما اصول هوندا آهن. ادارن اندر جمهوري روايت، شخصي هڪ هٽيءَ ڪان انحراف، هر تنظيم ۽ پارٽيءَ جي برابر حيثيت تسليم ڪرڻ، گروهي، شخصي، ذاتي مفادن ۽ انانئيت پسنديءَ کي ان مٿان مڙهڻ ڪان پرهيز ڪرڻ، اتحاد ڪان ٻاهر ويٺل، ترقي پسند، جمهوريت پسند، سامراج دشمن، قومپرست ڌرين رجعتي ۽ سامراجي ڪُڪ مان جنم وٺندڙ قوتن جو تعين ڪرڻ ۽ انهن لاءِ غير لچڪيدار مؤقف جوڙڻ، جنهن ۾ يقينا مؤقف ٻي ڌُر يعني رجعت پرستن ۽ بنياد پرستن جي مخالفت ۾ هوندو. اتحاد ۾ موجود غير پارٽي فردن بجاءِ پارٽي فردن جي اهميت کي اوليت ڏيڻ، ملڪي صورتحال ۽ حڪمران ڌرين آمريت/جمهوريت بابت مؤقف، جدوجهد لاءِ هدف بنايل نڪتن لاءِ ملڪي ۽ بين الاقوامي حالتن جي ردوبدل جي مدِنظر ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند فڪر جي حامل لائين جوڙڻ وغيره، پر جيڪڏهن ان متحده محاذ واري سياست اندر انهن اصولن جي متضاد صورتحال اختيار ڪئي وڃي ٿي ۽ ان گهڻ طبقاتي متحده محاذ اندر جاگيردارانه، وچولي طبقي، پيٽي بورجوازي طبقي واريون سوچون پنهنجا ست رنگ ڏيکارڻ شروع ڪن ٿيون، جن وسيلي انهن طبقن جي پيدا ڪيل داخلي چڪتاڻ، جيڪا هيٺين طبقي واري سوچ رکندڙ اتحادي ڌرين جي خلاف ۽ ان سميت سموري عوام ۽ ڌرتيءَ خلاف وڃي ٿي ته ان صورت ۾ اها چڪتاڻ اتحاد کي انتشار ڪان بچائڻ بغير ان کي غير جمهوري ۽ حقيقي هدف بنايل نڪتن ڪان هٽائي هڪ اهڙو رُخ اختيار ڪرائي ٿي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ عوام دوست، قوم دوست ۽ وطن دوست نٿو رهي ته پوءِ اهڙو متحده محاذ پنهنجي اصل فارم ۾ ناهي رهي سگهندو، پر ٻڇي ٻُري هڪ مخصوص گروهه ۽ طبقي جو وڃي اتحاد رهندو آهي. اهو سڄو جهيڙو عوام دشمن ۽ ٽوڙ واري شڪل ڪاهي ڌر جي متحده محاذ اندر توڙي ٻاهر ڪمزور پوزيشن ۾ هجڻ ڪري به وٺندو آهي ۽ اها ڪاهي ڌر جيترو مضبوط هوندي اتحاد به اوترو ئي پائيدار ۽ صحيح بنيادن تي ۽ رُخ ۾ جدوجهد ڪندو رهندو.

اتحاد ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪ عارضي، جيڪي عارضي (issuse) تي جوڙيا ويندا آهن ۽ ٻيا مستقل، جيڪي قومي آزادي ۽ سماجي برابريءَ جي فتح تائين جاري رهندا آهن. عارضي اتحاد ارتقائي مرحلن مان گذري نيٺ مستقل اتحاد واري صورت ضرور اختيار ڪندا آهن. پر اهڙي صورتحال تڏهن پيدا ٿيندي آهي. جڏهن قومي ۽ طبقاتي جبر تيز ۽ رياستي تشدد جي انتها ٿيندي آهي. (Survival) جو مسئلو پيدا ٿيندو آهي ۽ هيٺين طبقي جون نمائنده پارٽيون به مضبوط تنظيمي، سياسي ۽ نظرياتي بنيادن تي پختگي حاصل ڪنديون آهن، تڏهن ٻيون به روشن خيال، سامراج دشمن، محب وطن ۽ ان ساڳي ظلم جون ستايل ڌريون مجبور ٿينديون آهن هڪ ٽِبل تي ويهڻ لاءِ. سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ ۽ ان کانپوءِ عملي ميدان ۾ حصي وٺڻ لاءِ. جهڙي طريقي سان اڄ جي دؤر ۾ دنيا اندر خصوصا به اهڙا متحده محاذ موجود آهن، جيڪي قومي آزاديءَ واري ويڙهه ۾ جنبيل آهن، فلسطين ۾ پي ايل او (P-L-O) ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ آفريڪن نئشنل ڪانگريس (A N C)، جن ۾ ڪميونسٽ به آهن ته قوم پرست به.

اهڙي طرح هن ملڪ اندر ڪاهي ڌر جون قوتون ۽ قومپرست ڌريون به متحده محاذ واري سياست جو سٺو تجربو رکن ٿيون، پر اهي متحده محاذ ته هينئر تائين عارضي ثابت ٿيا آهن. هن ملڪ جي اندر جڙيل اهڙا اهم اتحاد نئشنل عوامي پارٽي (نعپ)، نئشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (اين ڊي پي)، پاڪستان نئشنل پارٽي (پي اين پي) ۽ عوامي نئشنل پارٽي (اي اين پي) ليکيا وڃن ٿا. جن جي غيرپائيداريءَ ۾ به بورجوا قوم پرست ليڊرن جو اهم ڪردار رهيو آهي، جن ڪاهي ڌر جي پارٽين سان اتحاد ته ڪيا آهن، پر جڏهن اهي "حڪمران ڌر سان سمجهوتي واري پوائنٽ" تي پهچندا آهن ته پوءِ انهن ڪاهي ڌر کي ڪمزور ڪرڻ ۽ انهن اتحادين ڏانهن غير

اتحادي رويا اختيار ڪري نيٺ مجبور ٿي ويا آهن تہ يا تہ ڪاهي ڏر انهن بورجوا ڌرين جي مڪمل طور پڇ لٽڪائو ٿي رهي يا اتحاد جي صفن مان نڪري وڃي. ڪاهي ڏر جي ڪن پارٽين تہ ٻيو رستو ئي اختيار ڪيو آهي، يعني ان اتحاد مان نڪري وڃڻ وارو، پر ڪي پارٽيون يا گروهہ انهن بورجوا ڌرين جي سمورين خامين ۽ چالن کي ڄاڻندي، ڏسندي ۽ سمجهندي بہ ان بورجوا قيادت جي قدمن ۾ ڪريل ئي رهيون آهن.

اهڙي طرز جا اتحاد سنڌ ۾ بہ ٺهيا آهن، جن مان بہ وڏيڪ اهميت ۽ وڏيڪ سياسي ڌرين کي جوڙڻ وارو ماضي قريب ۾ ٺهيل "سنڌ قومي اتحاد (S-N-A)" چورائڻ لڳو. سنڌ قومي اتحاد وقت جي اهم گهرج هيو ۽ هينئر بہ سنڌ جي وسيع تر سياسي ۽ انقلابي ڌرين جو اتحاد اڳ کان وڏيڪ اهميت رکي ٿو. ان وقت جي معروضي حالتن، جن مان هڪ طرف سنڌ جي عوام کي شاونسٽ نعرن ۽ نسل پرست رحجانن ڏانهن نسل پرست ۽ تنگ نظر ڌريون ڌڪي عوام جي حقيقي قومي حقن

٨٨ع تي حيدرآباد ۾ ڪامريڊ جام ساقيءَ جي جڳهہ تي گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي قومي حقن جي لاءِ هڪ وسيع تر پليٽ فارم تشڪيل ڏيڻ لاءِ فوري فيصلا ڪيا ويا ۽ ان سلسلي ۾ جلدي متحرڪ ٿيڻ تي بہ سوچ ويچار ڪئي ويئي. ان وقت سنڌ اندر پليجي ۽ سنڌن فرنٽن جو "سنڌي عوام جو قومي اتحاد" ۽ جيئي سنڌ محاذ، سنڌ نئشنل ڪانگريس، سنڌ ساگر پارٽي ۽ سنڌ دوست انقلابي تنظيم جو "راڄوڻو اتحاد" موجوده هئا. راڄوڻي اتحاد، سنڌي بلوچي پختون فرنٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻين شاگردن، هاري مزدور، تنظيمن، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي تنظيمن ۽ گروهن ٻين سنڌ دوست پارٽين درميان اتحاد ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ جام ساقي ميرپور ٻٺو ۾ ممتاز ڀٽي ۽ سن ۾ جي ايم سيد سان ملاقات ڪئي. عبدالواحد آريسر بہ سائين جي ايم سيد سان ان مسئلي تي ڳالهہ ڪئي، نيٺ انهن سمورين ڌرين درميان وسيع تر اتحاد لاءِ ذهني هم آهنگي ۽ راضپو پيدا ٿيو. ۴-اپريل ٨٨ع تي ان مجوزه اتحاد کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ گڏجاڻي سن ۾ رکي

> پليجي جو موقف هيو تہ مهاجر دشمن نمبر پهريون آهي، انهن خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪميونسٽ پارٽي وڏو نالو آهي، ههڙي ملڪ ۾ ان سان گڏ جدوجهد ٿئا ڪري سگهون، اسين مار ڪائي ويندا سين پر اجلاس جي اڪثريت جي اِها راءِ بيٺي تہ اصل دشمن مهاجر نہ بلڪ پنجاب جو بالادست گروهہ ۽ ان جا پنجابي، پناهگير ۽ سنڌي ايجنٽ اصل دشمن آهن.

واري جدوجهد جي رخ کي موڙڻ ۾ رُڌل هيون ۽ عوام کي هڪ اهڙي اوڙاهہ ۾ اڇلڻ لاءِ سامان تيار ڪري رهيون هيون، جيڪو سنڌ جي عوام ۽ ان جي ڌرتيءَ جي وجود جي لاءِ هاڃيڪار ۽ زهر قاتل هيو، (جنهن تيار ٿيل سامان نيٺ اڳتي هلي سنڌ جي عوام کي پنهنجي لپيٽ ۾ وڪوڙي ورتو) ٻئي طرف حالتن جي اها بہ تقاضا هئي تہ سنڌ ۾ جيڪو قومي جبر ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، سنڌ جي مظلوم عوام جا بنيادي، سماجي، سياسي، معاشي ۽ انساني حق چيڙهون چيڙهون ٿي رهيا آهن ۽ سنڌ جي عوام جي انهن قومي حقن لاءِ سنڌ جون مختلف سياسي ڌريون جدوجهد تہ ڪري رهيون آهن، پر جڙو چڙ ٿي ڪري، انڪري هڪ اهڙي وسيع تر اتحاد جي ضرورت هئي، جيڪو سنڌ جي قومي حقن جي لاءِ صحيح سمت ۾ جدوجهد ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي قومي جمهوري جدوجهد کي نسل پرست ۽ تنگ نظر ڌرين طرفان تارپيڊو ڪرڻ وارن منفي خيالن کي بہ مليا ميٽ ڪري. (ان ڪري اهو اتحاد (S-N-A) جو هر ۾ ترقي پسند ۽ جمهوري رهيو). انهن سمورن ويچارن کي مدِنظر رکندي ترقي پسند ۽ محب وطن اڳواڻن ڪامريڊ جام ساقي، عبدالواحد آريسر ۽ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ ۴-مارچ

ويئي، پر جڏهن پنجاب ۾ پليجي کي باخبر ذريعن کان اهو پتو پيو تہ سنڌ ۾ نمائنده پارٽين جو هڪ وسيع تر اتحاد ٺهي رهيو آهي تہ هو پنهنجو ڊُڙو جلدي ختم ڪري حميده کهڙو جي معرفت گڏجاڻيءَ کان بہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ سن اچي پهتو. جتي سائين جي ايم سيد سان اڪيلائي ۾ اڍائي ڪلاڪ ملاقات ڪيائين. ٻئي ڏينهن ۴-اپريل تي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ جدوجهد لاءِ چار نڪتا، (١) ڪالا باغ ڊيم (٢) فوجي ڇانوڻين (٣) ڌارين جي آبادڪاريءَ خلاف (۴) ۽ سياسي قيدين جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ طئہ ٿيا. ان ئي اجلاس ۾ پليجي انهن اردو ڳالهائيندڙن جيڪي پاڻ کي سنڌي سمجهي سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ جوڙڻ چاهن، جي شرڪت ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي (S-N-A) جي ميمبر ٿيڻ ۽ دشمن جي تعين تي سخت اختلاف ڪيو، جن اختلافن کي اجلاس اڪثريتي طور تي غير معقول قرار ڏنو.

جڏهن تہ پليجي جو مؤقف هيو تہ مهاجر دشمن نمبر پهريون آهن، انهن خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪميونسٽ پارٽي وڏو نالو آهي، ههڙي ملڪ ۾ اسين ان سان گڏ جدوجهد ٿئا ڪري سگهون، مار ڪائي ويندا سين، پر اجلاس جي تمام وڏي اڪثريت جي اها راءِ بيٺي تہ اصل

دشمن مهاجر نہ، بلڪ پنجاب جو بالادست گروهہ ۽ ان جا پنجابي، پناهگير ۽ سنڌي ايجنٽ اصل دشمن آهن ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا اڳواڻ پاڻ مار ڪاٺڻ لاءِ ويٺا آهن. توهان مار نہ کائيندا، جڏهن تہ اتحاد جو نالو اصول ۽ حڪمت عملي پليجي جي گهٽي اسرار ڪري جڙي نہ سگهيا. جنهن لاءِ ٢٠-مئي تي سن ۾ اجلاس رکيو ويو. هن پهرئين اجلاس ۾ هيٺين پارٽين ۽ تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. رضوان ڪيهر، شفيع محمد جاموٽ، محمد عمر ميمڻ (سنڌي بلوچ پختون فرنٽ)، سائين جي ايم سيد، عبدالواحد آريسر، حميده کهڙو، بشير قريشي، علي نواز ٻٽ (جيئي سنڌ تحريڪ)، رسول بخش پليجو، مسعود نوراني، عالم شاهہ (سنڌي عوام جو قومي اتحاد)، قاسم پٿر، صوفي حضور بخش (سنڌ نئشنل ڪانگريس)، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ، محمد خان، غلام الرسول سومرو (وطن دوست انقلابي پارٽي)، محمد حسن سمون (سنڌ انقلابي تحريڪ)، مولانا عزيز الله ٻوهيو (سنڌ ساگر پارٽي)، امير چانڊيو، ادريس چانڊيو (سنڌ دوست انقلابي تنظيم)، امر لال (ڊي ايس ايف)، اختيار پنو (سنڌ هاري ڪميٽي) ۽ ڪامريڊ جام ساقي (ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان). اهو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ (ايس اين اي) جي انهن ڇهن نڪتن سان جيڪو بہ متفق ٿيندو ۽ جنهن جو سهڪجهہ، جيئڻ مرڻ سنڌ ڌرتيءَ سان وابستہ هوندو، اهو هن اتحاد ۾ شامل ٿي سگهي ٿو. ٢٠-مئي تي ٿيندڙ سن ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ مختلف ادبي، سياسي، سماجي تنظيمن، پارٽين ۽ شخصيتن کي دعوتون ڏيڻ لاءِ ٽہ رڪني ڪميٽي جوڙي ويئي، جنهن ۾ ڪامريڊ جام ساقي، رسول بخش پليجو ۽ حميده کهڙو ميمبر طور ڪنيا ويا. پر ان ڪانفرنس کان اڳ يعني ٦-مئي تي ڪامريڊ جام ساقي پنهنجي اڳ جي طئہ ٿيل پروگرام تحت يورپ جي دوري تي روانو ٿي ويو. ان جي وڃڻ ڪانپوءِ پليجو حميده ميدان خالي ڏسي گڏجي پنهنجي هم خيالن ڌرين کي دعوتون ڏيڻ شروع ڪيون تہ جيئن اتحاد تي پنهنجي رحجان جي بالادستي مڙهي سگهجي. ڪجهہ شخصيتن ۽ پارٽين کي ڪامريڊ جام ساقي بہ دعوتون ڏيئي ويو هيو. ٢٠-مئي تي سن ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ ٨٨ اڳواڻن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي. جڏهن تہ ٣-اپريل واري اجلاس ۾ طئہ ڪيو ويو هيو تہ جيڪو بہ S-N-A جي ڇهن نڪتن سان متفق ٿيندو ۽ پنهنجو سڀڪجهہ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ وقف ڪندو، اهو S-N-A جو ميمبر ٿي سگهي ٿو، جنهن جو اشارو خصوصا اردو ڳالهائيندڙ سنڌين ڏانهن هيو. ٢٠-مئي واري ڪانفرنس ۾ انهن کي دعوت ملڻ جي باوجود بہ نہ اچڻ ڏنو ويو. ايستائين جو هڪ پارٽي جيڪا S-N-A جي باني ميمبرن مان هئي، ان جي بہ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي نمائندي کي اجلاس واري ڏينهن جي ايم سيد جو اخبارن ۾ بيان ڇپيو تہ پروفيسر جمال نقوي اجلاس ۾ شرڪت نٿو ڪري سگهي. جو تہ هو اردو ڳالهائيندڙ آهي (ڪامريڊ جام ساقيءَ جي ٻاهر وڃڻ ڪري پروفيسر جمال نقوي پارٽيءَ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هيو)، اهو سڄو ڪمال پليجي حميده جو هيو، جڏهن تہ ان ڪانفرنس ۾ الاهي بخش سومرو، حسين هارون، رحيم بخش سومرو ۽ ٻين ڪيترن ئي جاگيردارن، ايم اين ايز، ۽ سينيٽرن کي دعوتون ڏنيون ويون هيون. جيڪي انهن جي سوچ ۾ وڏيڪ محب وطن ۽ سنڌ دوست هئا. اجلاس ۾ شرڪت کان پوءِ انهن مان ٻن ڄڻن الاهي بخش سومري ۽ رحيم بخش سومري وچي وزارتون بہ ورتيون. ان ڪانفرنس ۾ خصوصا اتحاد جي نالي تي تمام گهڻو بحث ٿيو، جنهن ۾ پليجي جو مؤقف سنڌي قومي اتحاد هيو جنهن سان سڄي هال مان صرف مير ٿيبي گروپ جي (هاڻي نئين ٺهيل قومي انقلابي پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽيءَ اڄي ميمبر) غلام رسول سهتي سر ملايو، (پر هينئر پليجو ان پراڻي "سنڌي قومي اتحاد" واري خواب کي ساپيا ڏيڻ ۾ ضرور ڪامياب ويو آهي ۽ پنهنجن سمورن فرنٽن سان اتحاد ڪيو اٿائين، لڳي ٿو تہ اِهي فرنٽ پهريان پليجي سان نہ هئا، جو هينئر انهن سان سنڌ جي قومي حقن جي ڪن نڪتن تي اتحاد ڪيو اٿائين. ڪيڏو نہ سنڌ جي معصوم عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ ۽ انهن سان دوکو ڪرڻ آهي، ڪنهن کي خبر ناهي تہ اِهي سڄاڳ ٻار، اهي سڀ تحريڪون اِهي سڀ ڪميٽيون پليجي جون ذيلي تنظيمون آهن، پوءِ بہ ايڏو "اتحاد" جي نالي ۾ ڪوڙ). پليجي ان نالي واري راءِ جي بہ رد ٿي وڃڻ کان پوءِ سمجهيو تہ هينئر پنهنجا عزائم S-N-A تي نٿو مڙهي سگهي. ان ڪري ڊرو ٿيڻ لڳو. ان تي ڪانفرنس ۾ سائين اجي ايم سيد جي اڳواڻيءَ ۾ ١٢ ميمبرن واري ڪميٽي جوڙي ويئي، جنهن جو ڪم اتحاد جي تنظيمي جوڙ جڪ، پروگرام لاءِ جدوجهد جي صورتن ۽ عام چونڊن بابت اتحاد جو رويو متعين ڪرڻ ۽ هر مهيني هر ضلع ۾ گڏجاڻيون ڪرڻ هيو. ان ئي ڪانفرنس ۾ ٣-آگسٽ تي جنرل ڪائونسل جو اجلاس رکيو ويو ۽ اهو بہ طئہ ٿيو تہ جيڪي هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن ٻئي اجلاس ۾ فقط اُهي ئي شرڪت ڪري سگهندا. S-N-A جي ٺهڻ جي ٺيڪ نون ڏينهن کان پوءِ يعني ٢٩ مئي تي غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل جوڻيجو حڪومت جون سموريون اسيمبليون ۽ وزارتون جنرل ضياءَ پنهنجي اٺين آئيني ٻل تحت مليل اختيارن جي زور تي ٽوڙي جوڻيجي ويچاري کي سنڌڙيءَ موڪلي ڏنو ۽ هنگامي حالتون نافذ ڪيون. ٣٠-مئي تي ٽي ويءَ تان ڪيل پنهنجي تقرير ۾ جنرل ضياءَ چيو تہ جلد نگران حڪومت قائم ڪئي ويندي، جيڪا چونڊن جو پروگرام ترتيب ڏيندي. جوڻيجو حڪومت ١٠-اپريل تي ٿيل اوجهڙي ڪئمپ واري واقعي جي رپورٽ ظاهر ڪرڻ ۽ افغان

مسئلي جي نبيري لاءِ جنرل ضياءَ کان مختلف مؤقف رکڻ ڪري ڊاهي ويئي هئي، ۽ جنيوا ٺاهه بہ جونيجو دؤر ۾ ٿيو. ان ٺاهه کان پوءِ بين الاقوامي حالتن جي پس منظر ۾ ملڪي حالتن ۾ تبديلي اٿر هئي. ان سان گڏ بين الاقوامي ۽ ملڪي حالتن جو دٻاءُ چونڊن ڪرائڻ جي حق ۾ وڌي رهيو هيو، جنهن ڪي پر ڪيندي جنرل ضياءَ ١٦-نومبر تي چونڊن ڪرائڻ جو اعلان تہ ڪيو، پر اهو وري بہ غير جماعتي بنيادن تي. جنهن خلاف پ پ پ جي شريڪ چئرمين بينظير ڀٽو سپريم ڪورٽ ۾ آئيني درخواست داخل ڪرائي تہ چونڊون پارٽي بنيادن تي ڪرايون وڃن. ان صورتحال ۾ ملڪ جون سموريون ترقي پسند، سامراج دشمن، جمهوريت پسند ۽ وطن دوست ڌريون پارٽي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ واري مطالبي تي زور ڏيئي رهيون هيون، تہ ٻئي طرف رجعت پرست قوتون پارٽي بنيادن تي چونڊون ٿيڻ / بلڪ چونڊن ٿيڻ جي ئي خلاف هيون. جن لاءِ مختلف حربا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا ويا، جن مان مکيہ سنڌ جي امن امان واري صورتحال کي ڪارڊ بنائي اليڪشن ملتوي

ڪرائڻ وارو منصوبو سٽيو ويو. جيئن تہ سنڌ ۾ ٨٦ع کان نسلي جهيڙن جو ٻج ڇٽجي چڪو هيو، هيئر انهن نسلي جهيڙن جيڪي اردو ڳالهائيندڙن ۽ پٺاڻن ۽ پنجابين درميان ٿي رهيا هئا. انهن کي اردو ڳالهائيندڙن ۽ سنڌين ڏانهن موڙڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي. جن سان هنن اڳ جي تيار ٿيل فضا تحت بہ شڪار ڪرڻ ٿي چاهيا. هڪ اليڪشن ملتوي ڪرائڻ ۽ ٻيو جهيڙن وسيلي اردو ڳالهائيندڙن ۽ سنڌ جي اصل وارث سنڌين جي وچ ۾ نفرتن کي جنم ڏياري سنڌ جو ورهاڱو سؤلو بنائڻ هيو، جنهن جي ابتدا لاءِ اهو سنڌن لاءِ وقتائتو موقعو هيو. ان سلسلي ۾ اڳ ئي ايم ڪيو ايم، مُلو ندوي (ايم آر سي)، ايم آءِ ٽي، پي پي آءِ ۽ ٻيون رجعت پرست ۽ پردن ۾ لڪل شاتر قوتون سرگرم ٿي چڪيون هيون.

SNA جي پهرئين ۴-اپريل واري اجلاس کان ٺيڪ ٽئين ڏينهن يعني ۷-اپريل تي حيدآباد ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي چوڪ واري مسئلي کان پهرئين جهڙپ سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن درميان ٿي، جنهن ۾ ١٣ ماڻهو ڦٽيا ۽

فوج گشت ڪرڻ شروع ڪيو. S-N-A جي ٺهڻ جي باضابطا اعلان کان ٺيڪ هڪ مهينو پوءِ ١٨-جون تي سنڌي شاگردن تي مُلي ندوي، ايم ڪيوايم ۽ ٻين رجعت پرستن جي سوچيل سمجهيل سازش تحت حملا ڪرائي فسادن ۾ شدت آندي ويئي. انهن فسادن کي روڪرائڻ لاءِ ايس اين اي پاران هڪ مذاڪراتي ڪميٽي جوڙي ويئي، جنهن جي پليجي وارن شديد مخالفت ڪئي ۽ چوڻ لڳا تہ "اتفاق راءِ سان فيصلو ٿيڻ گهرجي، نڪي اڪثريتي راءِ" سان. ان مسئلي کي پليجي وارا پريس تائين ايترو تہ وٺي آيا، جو مذاڪراتي ڪميٽيءَ رضاڪارانہ طور تي پنهنجون استعفائون پيش ڪيون. جيڪي بعد ۾ ايس اين اي جي ٻين ميمبرن جي اسرار تي واپس ورتيون ويون. جڏهن تہ پليجي جو شروعات کان ئي اهو مقصد هيو تہ ان اتحاد کي نسل پرست بڻائجي، ۽ سنڌ جي عوام کي نسلي جهيڙن ۾ الجهائجي جو؟ اها پليجي کي چڱي طرح خبر هوندي. جو تہ پليجي جا اجلاسن اندر اعتراض صرف ان مسئلي تي ٿيندا هئا. هن پليجي جي بحثن پليجي جي رجحان کي پڌرو ڪري وڌو هيو. مذاڪراتي ڪميٽيءَ

اجلاس ۾ طئہ ڪيو ويو هيو تہ جيڪو بہ S.N.A جي ڇهن نڪتن سان متفق ٿيندو، ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ وقف ڪندو اهو S.N.A جو ميمبر ٿي سگهندو. ٢٠ مئي واري اجلاس ۾ انهن کي دعوت ملڻ جي باوجود بہ نہ اچڻ ڏنو ويو ايستائين جو S.N.A جي ميمبر تنظيم جي اڳوان پروفيسر جمال نقويءَ لاءِ چيو ويو تہ اهو شرڪت نٿو ڪري سگهي.

جي مخالفت بہ اهو ئي مقصد هيو تہ حالتن کي گڏ جي ريهي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجي، پر جهيڙو وڌائڻ گهرجي. جنهن جا فائدا ۽ نقصان نہ ان وقت پليجي ڏٺا يا هئا ۽ نہ اڄ تائين ڏٺايا اٿائين. جڏهن تہ اسين اڄ بہ سنڌ جي مظلوم عوام مٿان زوري مڙهيل انهن نسلي جهيڙن جي بلڪل حق ۾ نہ ڪلهہ هئا سين ۽ نہ اڄ آهيون، پر آءُ سمجها نٿو تہ مون سان گڏ سنڌ جو هر باشعور فرد ۽ سنڌ ۽ ان جي عوام جو سڄڻ انهن جهيڙن جو ڪنهن بہ صورت ۾ حمايتي ناهي. پر ان سموري مخالفت وسيلي پليجو ( ) مان نڪرڻ لاءِ صرف ۽ صرف مواد هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. جو تہ پليجي سمجهي ورتو هيو تہ نہ ( ) سندس نسل پرست لائين تي هلي سگهي ٿو ۽ نہ وري ڪنهن اهڙي لائين تي، جنهن وسيلي پليجو اقتداري ڌرين سان سمجهوتي بازي ڪري اقتدار تائين پهچي سگهي پيو ۽ هنئير شايد پليجي کي ڪُڙڪ پئجي وئي هئي تہ چونڊون جماعتي بنيادن تي ٿينديون، جنهن ڪري هو اي اين پيءَ جي پليٽ فارم تان ڪنهن نہ ڪنهن ڌر سان ٺاهه ڪرڻ اسيمبليءَ جي ڊيسڪ تائين

پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر ان لاءِ ڪيس SNA کان پاند آجا ڪرائڻا ضروري هئا.

ان پيدا ٿيل تنظيمي صورتحال ۽ سنڌ اندر ٿيندڙ نسلي جهڳڙن، جن SNA جي جدوجهد ۽ ڪردار تي ڪافي اثر ڇڏيا هئا. جي پيش نظر رهبر ڪاميٽيءَ جي گڏ جائي ٣، آگسٽ تي ٿي. جنهن کي delay ڪرڻ لاءِ پليجي جي ايم سيد ڏانهن تار موڪلي، ان جي باوجود بہ گڏ جائي مقرر وقت ۽ تاريخ تي ٿي، جو تہ ان کي ملتوي ڪرڻ جو ڪو بہ جواز نہ هيو. ان گڏ جائيءَ ۾ پليجي جي لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هو، ١٥ آگسٽ تي ٿيندڙ رهبر ڪميٽيءَ جي گڏجائيءَ ۾ شرڪت ڪري پنهنجو مؤقف رکي، جنهن لاءِ جي ايم سيد پليجي ڏانهن خط موڪليو. ١٥، آگسٽ واري رهبر ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڪامريڊ جام ساقي، پليجي ۽ حفيظ پيرزادي خصوصي دعوت تي شرڪت ڪئي، جنهن ۾ پليجي پنهنجو مؤقف رکيو. جن مسئلن تي وڏيڪ بحث لاءِ ١، سيپٽمبر تي جنرل ڪائونسل جو اجلاس سڏ ۾ رکيو ويو، تہ جيئن ان پيدا ٿيل بحران کي حل ڪري سگهجي. ان جنرل ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ دعوتن ڏيڻ جو ڪم پليجي تي رکيو ويو، جن ۾ محمود هارون، الاهي بخش سومرو، سلطان احمد چانڊيو، اعجاز جتوئي، حميد جتوئي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا. دعوتن دوران پليجي اڳ وانگيان وري بہ ڳالهائيندڙ جيڪي SNA جي سموري پروگرام سان هئا، کي دعوتون شعوري طورتي نہ ڏنيون. ٢٥، آگسٽ تي سن ۾ SNA جي اڳوائن جي جي ايم سيد سان گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين کي بہ سن ۾ ٿيندڙ ١، سيپٽمبر واري اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. جنهن ۾ قومي محاذِ آزاديءَ جو اڳواڻ معراج محمد خان، انساني حقن واري سنڌ لايرس ڪميٽيءَ جو عاقل لوڌي، سنڌي مهاجر رابطا ڪائونسل جو عباس نقوي، نيو سنڌي قومي موومينٽ جو جعفرالحسن، دانشور پروفيسر ڪرار حسين وغيره شامل هئا. انهن کانسواءِ ٻين بہ اهم اهڙن شخصيتن، جن ۾ مخدوم طالب المولىٰ، سوڀو گيا ن چنداڻي، رئيس غلام مصطفي برڙي، ڪامريڊ روچي رام، نورالدين سرڪي، سراج، ڪاڪو تيرٿداس ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ شامل هئا، دعوتون ڏنيون ويون. ٢٦ آگسٽ تي پليجي وارن فيصلو ڪيو تہ SNA جي ٣٥ تنظيمن مان (١١) تنظيمون، ١، سيپٽمبر واري جنرل ڪائونسل واري اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪنديون، جنهن جو جواز غير سنڌين کي اجلاس ۾ گهرائڻ وارو ڏنو ويو. اهي يا رنهن تنظيمون ڪهڙيون هيون؟ سمورا سنڌس فرنٽ پليجو جيئن تہ SNA مان نڪرڻ لاءِ ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ هيو، سو اردو ڳالهائيندڙ سنڌين جي شرڪت کي بهانو بنائي ١، سيپٽمبر واري اجلاس ۾ اچڻ کان اڳ ئي اعلان ڪري نڪري ويو.

پليجي جو اردو ڳالهائيندڙن جي شرڪت تي نڪرڻ جو آخر جواز ڪهڙو هيو؟ ڇا پليجي سياسي تاريخ ۾ اردو ڳالهائيندڙن سان ڪڏهن بہ گڏ سياست نہ ڪئي هئي؟ معراج محمد خان سميت ڪيترن ئي پ پ پ اردو ڳالهائيندڙن سان ايم آر ڊيءَ ۾ گڏ ويٺو رهيو، اي اين پيءَ ۾ عابد زبيري، اعزاز نذير سميت ڪيترن ئي اردو ڳالهائيندڙن سان گڏ رهيو؟ اعتراض ڪرڻ ويلي بہ اي اين پيءَ ۾ شامل هيو، جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي اردو ڳالهائيندڙ ان وقت شامل هئا. اتي تہ ڪڏهن انهن سان گڏ ويهڻ ۽ سياست ڪرڻ کان انڪار نہ ڪيو هئائين. پوءِ آخر هتي جو اعتراض ڪري رهيو هيو؟ سندس ان ٻٽي پاليسيءَ جو مقصد صرف ۽ صرف اقتدار تي پهچڻ جي خواهش ئي هيو ۽ پليجو انهن ٻنهي ڳالهين يعني SNA کي نسل پرست اتحاد بنائڻ يا مورڳو SNA کي ناڪام ڪرڻ، ۾ ناڪام ويو.

١، سيپٽمبر تي SNA جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ پليجي کانسواءِ باقي سمورين ڌرين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ نئين ٢١ ڄڻن تي مشتمل رهبر ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن کي اتحاد جو آئنده عملي پروگرام طئہ ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو ۽ اهو بہ اختيار ڏنو ويو تہ جيڪي بہ ماڻهو اتحاد جي چار نڪاتي پروگرام سان متفق ٿي "انفرادي طرح" ايندڙ چونڊن ۾ بيهندا تہ انهن بابت فيصلو ڪندي. ٢٣، سيپٽمبر تي رهبر ڪميٽيءَ جي گڏ جائي ٿي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ قومي اتحاد چونڊن ۾ ٽڪيٽ ڏئي ڪو بہ اميدوار نہ بيهاريندو، پر اتحاد ۾ شامل پارٽيون ۽ ڪي فرد "انفرادي طور" تي اميدوار بيهندا تہ انهن جي مدد ڪئي ويندي ۽ ان ئي اجلاس ۾ مخالفت جي باوجود نئين آئين ساز اسمبليءَ جو نقطو SNA جي پروگرام شامل ڪيو ويو.

ان اجلاس ۾ اٺ رڪني ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ ممتاز ڀٽو، ڪامريڊ جام ساقي، اعجاز جتوئي، غلام شاه، شفيع محمد جاموٽ، علي مختيار رضوي، بيگم گلزار انڙ ۽ ارباب کهاوڙ کنيا ويا. ان ڪميٽيءَ جو ڪم ضلعن ۾ تعلقن جي تنظيم ڪاري ڪرڻ، جلسا ڪرڻ، فنڊ گڏ ڪرڻ، هيڊ ڪوارٽر مقرر ڪرڻ، ۽ چونڊن ۾ بيهندڙ اميدوارن جي مدد لاءِ "ويچار" ڪرڻ هيو.

جڏهن تہ SNA جي اندر ۽ ٻاهر اهو بحث تيزيءَ سان جاري ٿي چڪو هيو تہ SNA اليڪشن اتحاد ناهي ۽ جيڪو بہ ان کي اليڪشن اتحاد بنائڻ جي ڪوشش ڪندو ان جي مزاحمت ڪئي ويندي. پو تہ ڪيترائي سنڌ جا سياسي يتيم جاگيردار جن جي مٽي تي ٻئي ڪنهن بہ پارٽيءَ جي ظاهر ۾ ڇانوَ ڪا نہ هئي، انهن SNA کي خوبصورت ٽڪاڻو سمجهي اچي انڪري پناه ورتي هئي تہ جيئن ان SNA کي ڏاڪڻ بنائي اسيمبلي تائين پهچي

سگهجي. جن ڪي جوئيجو حڪومت جي برطرفي ۽ ١٧، آگسٽ واري واقعي، جنهن ۾ جنرل ضياءَ هلي پيو) ويتر پروسي جوڳو بڻائي ڇڏيو تہ هينئر چونڊون ضرور ٿينديون.

ان وچ ۾ رجعت پرست ڌريون پنجاب ۾ پوڻ ۽ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال جي آڙ ۾ اليڪشن ملتوي ڪرائڻ جي سازش ۾ بہ سرگرم رهيون. جو تہ اليڪشن ٿيڻ جي صورت ۾ ڪين پنهنجي ١١، سالن جي عرصي جي ڪرتوتن وسيلي مظلوم عوام جي دلين ۾ پوڪيل پوک جي اپت جو اندازو هيو. انڪري خصوصا سنڌ اندر ڪيترائي انسانيت

حميده کهڙو ڪي زوريءَ بيگم نصرت ڀٽو جي مقابلي ۾ ٻيهاريو ويو. حميده کهڙو هڪ امڙي تحريڪ جي اڳوان هئي جيڪا تحريڪ ڪنهن بہ وفاقي سياست ۾ يقين نہ رکڻ جي دعوي' ڪندي آهي.

سوز ۽ وحشتناڪ واقعا اليڪشن جي اعلان کان پوءِ ڪرايا ويا. ١٨ جون کانپوءِ، ١٧ جولائي تي مئير تي حملي وارو واقعو. ان جي ردِ عمل طور ڪيتريون ئي بيگناہ ۽ معصوم زندگيون لٽيون ويون. اجان اهي زخم تازائي هئا تہ وري ١٧، سيپٽمبر تي حيدرآباد ۾ فساد ڪرايا ويا. ان کانپوءِ ٣٠ سيپٽمبر تي حيدرآباد جو انڌوهہ ناڪ واقعو، جنهن ۾ تقريبا ساڍيون چار سؤ جانيون اجل جو شڪار بڻجي ويون. تہ ٻئي ڏينهن يعني ١، آڪٽوبر تي پرهہ ڦٽيءَ جو نئين صبح جي آمد تي سنڌي عوام جو سفاڪي، بيدردي ۽ هٽلري طريقي سان ڪوس ڪرائي آجيان ڪرڻ سان گڏ اليڪشن ڪي ملتوي ڪرائڻ ۽ سنڌ جي تقسيم وارو انگ پوررو ڪيو ٻئي ويو. انهن واقعن جو خصوصا سڄي سنڌ تي اثر انداز ٿيڻ اٽر هيو ۽ ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ ۾ فسادن جا شعلا ڀڙڪڻ لڳا. ١، آڪٽوبر تي SNA جي ڪنوينر ڪامريڊ جام ساقيءَ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٣٠، سيپٽمبر تي ٿيل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ جا فيصلا ٻڌايا، ۽ انهن غير انساني انداز ۾ ٿيل سنڌ جي مظلوم عوام جي قتل عام تي سخت احتجاج ڪيو ۽ چيو تہ "اهي فساد آمريت جي ساٿاري قوتن ڪرايا آهن" (٣، آڪٽوبر هلال پاڪستان) اهو بہ فيصلو ٻڌايو ويو تہ ٢٧، آڪٽوبر ۽ ٢٩ آڪٽوبر تي احتجاج جا ڏينهن ملهايا ويندا. ساڻس پريس ڪانفرنس ۾ ممتاز ڀٽو، اعجاز جتوئي ۽ ٻيا بہ گڏ هئا.

ٻئي ڏينهن تي سڄي سنڌ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي متاثرين لاءِ امدادي ڪيمپون لڳائڻ، انهن جي مدد لاءِ چندا گڏ ڪرڻ، ۽ احتجاج طور سڄي سنڌ ۾ ڪارو ڏينهن ملهائڻ جي اپيل ڪئي وئي. ان سڏ جي موٽ ۾ عوام لکين روپيا، رت جو بوتلون ڏنيون ۽ ڪامياب "ڪارو ڏينهن" ملهائي SNA جي جدوجهد سان ڀرپور يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو. ان وچ ۾ سپريم ڪورٽ جماعتي بنيادن تي چونڊن جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ٢٤، آڪٽوبر تي جي ايم سيد سن ۾ ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو اجلاس گهرايو، جنهن جي خبر اجلاس ٿيڻ کان صرف هڪ ڏينهن اڳ اخبار ۾ ڇپي ان اجلاس ۾ سائين جي ايم سيد اليڪشن ۾ بيٺل ضرورتمند اميدوارن ڪي SNA جي حمايت جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا. انهن SNAجي مڪمل حمايت يافتہ اميدوارن جا اخبارن ۾ نالا ڇپيا. جنهن تي SNA جي ڪنوينر ڪامريڊ جام ساقي بيان ڏئي مخالفت ڪئي تہ SNA حميده کهڙو ۽ ٻين جي حمايت نہ ڪندو، ۽ SNA اليڪشن اتحاد ناهي. سائين جي ايم سيد باقي رهيل ان فيصلي، جنهن ۾ SNA۾ شامل تنظيمن جا ساٿي ئي ٽڪ تي بہ بہ اميدوار بيٺا هئا، لاءِ ٢٧، آڪٽوبر تي سن ۾ ٻيو اجلاس گهرايو جنهن ۾ بہ ساٿي طرز تي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، ۽ ڪجهہ اميدوارن جو سفارشن تي حمايت جو اعلان ڪيو ويو. جهڙي طرح

سنڌ قومي اتحاد - ليفٽ جو ڪردار ۽ ذميواري

انور ابڙو

لاڙڪاڻي مان صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ تي ساڳي ئي تڪ تي امان شيخ ۽ رضوان ڪيهر اميدوار هئا. ۽ ڏوڪريءَ مان محب پيرزادو ۽ مظفر شاهه فارم ڀرايا هئا. جڏهن ته جي ايم سيد امان شيخ (پي اين پي) محب پيرزادي (سنڌڌاري ڪميٽي) جي عوامي حيثيت ۽ ورڪ ڏسڻ بغير ممتاز ڀٽو ۽ حميده کهڙو جي سفارش تي رضوان ڪيهر (فرنٽ) ۽ مظفر شاهه (فرنٽ) جي حمايت جو اعلان ڪيو. امان شيخ ۽ محب پيرزادي مجبورا SNAجي وسيع ترمفادن ۾ هٽ ڪيو. انهن کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي اهڙي طرزجا فيصلا ڪيا ويا. جيڪي سراسر غير جمهوري هئا. جن جي صرف ڪميونسٽ اڳوان ڪامريڊ جام ساقيءَ مخالفت ڪئي. ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته SNAجي جنرل ڪائونسل جي ان فيصلي مطابق ته SNA ٽڪيٽون جاري نه ڪندو، ۽ نه وري پنهنجا اميدوار بيهاريندو، پر "انفرادي طور" ٻيڻل اميدوارن جي حمايت تي غور ڪيو ويندو، تي عمل ڪيو وڃي ها ۽ ٽڪيٽن ورهائڻ واري "جديد طريقي" (جنهن ۾ ظاهرا ته ٽڪيٽون نه ڏنيون ويون، پر ان ۾ جنهن انداز سان اميدوارن جي حمايت ۽ مخالفت ڪئي وئي اهو بلڪل ٽڪيٽن ورهائڻ وارو جديد انداز هيو) ڪي نه اپنايو وڃي ها، پر جيڪڏهن ڪير اليڪشن لڙي پيو ۽ اهو فرد، پارٽي يا تنظيم SNA جي ميمبر به هئي ته ان تڪ جنهن مان هو اليڪشن لڙي رهيو هيو، اتان جي SNA۾ شامل تنظيمن ۽ پارٽين جي شاخن تي منحصر هيو ته اهي ان جي حمايت سان گڏ ورڪ به ڪن يا نه. ليڪن ان لاءِ SNA جو مرڪزي فيصلو نه هجڻ گهرجي ها، ته فلاڻي تڪ ۾ فلاڻي اميدوار جي ضرور حمايت ڪئي وڃي. آءُ ڪنهن فرد ٻاران اليڪشن لڙڻ جي مخالفت بلڪل نٿو ڪريان، هر هڪ جو اهو جمهوري حق آهي ته هو اليڪشن لڙي سگهي ٿو. ليڪن هڪ اهڙو متحده محاذ هيو جيڪو اليڪشن لاءِ نه جوڙيو ويو هيو، پر اهو قومي حقن جي حل لاءِ انقلابي ۽ ٻين طريقن سان جدوجهد ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو هيو ۽ نه وري جي اعليٰ اداري جو اليڪشن ۾ حصي وٺڻ جو فيصلو هيو. انڪري ان جو اليڪشن ۾ ڪن چند سياسي يتيم جاگيردارن جي مفادن جي پورائي خاطر لهي پوڻ جي جنرل ڪائونسل جي فيصلي جي هڪ طرف انحرافي هيو ته ٻئي طرف خود جي همه گير اهميت، ساک کي اهڙو ته گهرو زخم رسايو جيڪو آخر تائين نه ڀرجي سگهيو. ۾ شامل پارٽيون، تنظيمون ۽ شخصيتون اليڪشن ۾ حصي وٺڻ لاءِ بااختيار هيون، پر پنهنجي تنظيم، پارٽي يا آزاد حيثيت ۾ نڪي SNAجي پليٽ فارم تان جهڙي طريقي سان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳوان ڪامريڊ جام ساقيءَ چوندڊ پنهنجي پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان لڙي. هن نه ڪان درخواست ڏني حمايت ورتي (جيتو ٺيڪ خود ان وقت جو ڪنوينر به هيو) ۽ نه وري سندس حمايت ڪئي) اهي بظاهر ته آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ بيٺا هئا. پر

انهن اليڪشن مهم ۾ SNAکي پارٽي بڻائي استعمال ڪيو - پريس ۽ عام ماڻهن جي زبانن تي اهو هيو ته فلاڻي تڪ تي قومي اتحاد ۽ فلاڻي پارٽيءَ جو مقابلو آهي. ان حمايت ڪرڻ واري عمل ۾ سائين جي ايم سيد ايترو ته اڳتي نڪري ويو. جو عوام جي ٽڪرايل، ضياءَ شاهيءَ جي باقيات ۽ ضياءَ آمر جي يار ڪوڙل شاهه سميت ڪيترن ئي اهڙن فردن جي حمايت ڪئي. ڪراچيءَ ۾ ٻين ڪانسواءِ المڌني جو ڪئي جي حمايت ڪئي وئي، جنهن رجعت ترين جماعت پ پ آءِ وارن سان گڏ SNAجو جهنڊو ڪئي ورڪ ڪئي. انهن ڪانسواءِ جي ايم سيد، جتوئي (حميد جتوئي، اعجاز جتوئي ۽ لياقت جتوئي) جي نه صرف حمايت ڪئي، پر انهن جي اليڪشن مهم ۾ شرڪت ڪري سنڌن سوڀ خاطر ورڪ به ڪئي (اليڪشن مهم دوران جتوئي فيملي، سمورا اخلاقي قدر لتاڙي مخالف ڌرتي غير اخلاقي زبان ۾ ايترا ته حملا ڪيا جو ٻنهي ڌرين درميان ڪيترئي ڀيرا ئي جهڙپون به ٿيون، جنهن جي نتيجي ۾ به عام ماڻهو SNAبابت پنهنجي اڳئين راءِ به بدلائڻ لڳو) سائين جي ايم سيد نه صرف جتوئي فئملي جي ورڪ ڪئي پر حميده کهڙو ۽ ممتاز ڀٽو جي به ورڪ ڪئي ۽ لاڙڪاڻي شهر ۾ انتخابي جلسو ڪيو. جنهن جلسي ۾ خصوصا ممتاز ڀٽي جي ڀٽي خاندان خلاف ڪيل تقرير به SNA جي ڪردار مسخ ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. ان کانپوءِ ممتاز ڀٽيءَ جي سڄي اليڪشن مهم دوران مخالف اميدوارن ۽ انهن جي پارٽي قيادت خلاف زبان جو استعمال ڪنهن به صورت ۾ عام ماڻهو لاءِ جيڪا ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندي ته ان وقت ڀٽي خاندان بابت ڪنهن به واتان ڪا به اهڙي ڳالهه جيڪا ڪردار متعلق هجي جي برداشت کان ٻاهر هئي SNA جي پليٽ فارم تان اهو سهڪجهه ٿيندو رهيو، حميده کهڙو کي زوري بيگم نصرت ڀٽو جي مقابلي ۾ بيهاريو ويو. حميده کهڙو هڪ اهڙي تحريڪ جي اڳوان هئي، جيڪا تحريڪ ڪنهن به وفاقي سياست ۾ يقين نه رکڻ جي دعويٰ ڪندي آهي. پر پوءِ به اهو سهڪجهه ٿيندو رهيو. اهو سهڪجهه جو ٿي رهيو هيو؟ انهن غير جمهوري، شخصي، ذاتي اتحاد جي پاليسي مخالف فيصلن سبب اتحاد متنازعہ شڪل اختيار ڪري ويو. سنڌ جي هر مڪتب فڪر جي ماڻهوءَ، جنهن هن اتحاد کي عزيز ۽ پنهنجو نمائنده اتحاد پئي سمجهيو، ۽ جنهن جي ٺهڻ تي سنڌ جي هر هڪ فرد بي انتها خوشي محسوس ڪئي هئي. هينئر ڪيس پنهنجا ڦٻيل حق حاصل ڪرڻ سولا لڳي رهيا هئا ۽ عام ماڻهوءَ اهو سمجهي ورتو هيو ته اتحاد جي ٺهڻ سان جڻ هنن هڪ معرڪو ڪٽي ورتو آهي. تن تصورن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويا، سنڌ اندر ٿيندڙ نسلي جهڳڙن دوران ستايل سنڌين جي ايري واهر نه ڪري سگهيو هيو. جنهن ۾ شامل سڀني ڌريون تنقيد جوڳيون آهن، پر ان جي باوجود به ستايل سنڌين لاءِ ڏڍ هيو. اتحاد کي اليڪشن ۾ الجهائي عوام جي ذهنن ۾ ان سوچ کي جنم ڏنو ويو ته اهو اتحاد سنڌ جي مسئلن لاءِ نه پر چند جاگيردارن جي مفادن جي پورائي ۽ انهن جي ازلي پ پ پ دشمني تحت پ پ پ جي مخالفت ۽ مقابلي لاءِ ٺهيو آهي. ان عمل ڪري SNA جي اڳين قائم ٿيل ساک مٽي ۽ اتحاد هڪ مخصوص طبقي جو اتحاد بڻجڻ ۽ ليکجڻ طرف وڌيو. SNA جي ٺهڻ کان اليڪشن واري عرصي تائين ان ۾ ويٺل جاگيردارن ۽ هيٺين طبقي جي نمائندگي ڪندڙ ڌرين درميان ايترا اختلاف اڀ نه ابريا هئا. اڀ اهڙا مسئلا هئا جن تي ٿورن اختلافن جي باوجود به گهڻي هم آهنگي ۽ اتفاق راءِ موجود هيو. سواءِ ڀليجي جي ڌرجي. پر اهي جيڪي سياسي يتيم جاگيردار اتحاد ۾ گهڙي آيا هئا/گهرايا ويا هئا، انهن ۽ هيٺين طبقي جي حامل ڌرين درميان طبقاتي مفادن تحت فطري طور تي هڪ نه هڪ ڏينهن تضاد ابرڻا هئا، جن جي ابتدا اليڪشن کان ٿي ۽ انتها ۵، فيبروري ۽ ۱۵ سيپٽمبر تي پهچي ۾ ٿي. اليڪشن ٿي گذري پر SNAجو ڪو به اميدوار ڪٽي نه سگهيو، جنهن هار SNAجي پليٽ فارم تان بيٺل اميدوارن کي ڌاڍو توائي ۽ مايوس ڪيو ۽ انهن هار جي ردعمل طور عوام کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. پر عوام جي راءِ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا.

جوڻدن کانپوءِ هڪ نئين سياسي صورتحال جنم ورتو، يعني آمريت جي جاءِ تي جمهوري عمل جي ابتدا ٿيڻي هئي، ان صورتحال ۾ SNAجي اسٽريٽجي ۾ تبديليءَ جي گنجائش هئي، پروگرام ۾ نه. يعني عوام جي ووٽ سان آيل تبديليءَ کي مثبت قرار ڏيڻ اقتدار اعليٰ عوام جي چونڊيل اڪثريتي پارٽيءَ جي حوالي ڪرڻ ۽ آءِ جي آءِ ۽ ٻين رجعتي قوتن جي اقتدار اعليٰ جي منتقليءَ ۾ روڙا اٽڪائڻ بابت مؤقف جوڙڻ گهربو هيو. جيڪو SNA نه ڪيو. ان لاءِ اهو جواز معقول نه هيو ته SNA ۷۳ع جي آئين کي تسليم نٿو ڪري ۽ ملڪي سياست ۾ يقين نٿو رکي. جيڪڏهن اها ڳالهه هئي ته پوءِ سائين جي ايم سيد پنهنجي ڀهرئين خطبي ۾ اهو کهڙي مقصد خاطر چيو هيو ته، آءُ آسمان مان ڪري اچي کجيءَ ۾ ٽنگيو آهيان ۽ آءُ سنڌو ديش جو پروگرام في الحال ملتوي ٿو ڪريان، (جڏهن ته ڪو به انقلابي پروگرام ملتوي ناهي ٿيندو) ۽ آئيني ۽ جمهوري طريقي سان سنڌ جا حق وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ٻي ڳالهه ته جيڪڏهن وفاقي سياست ۾ ڪنهن به حصي وٺڻ جو ارادو نه هيو، ۽ ۷۳ع جي آئين کي تسليم نه پئي ڪيو ويو ته پوءِ سائين جي ايم سيد ٻين ماڻهن کي SNAجي پليٽ فارم تان سرٽيفيڪيٽ جو جاري ڪيا، ۽ اهي ماڻهو جيڪي وفاقي سياست سو به جنرل ضياءَ جي دؤر واري سياست ۾ منڍيءَ تائين ملوث هئا. ته نه صرف انهن پر خود پنهنجي تحريڪ جي اڳوان حميده کهڙو کي کهڙي مقصد لاءِ بيهاريو ويو؟ حميده کهڙو بابت اهو جواب ڏنو ويندو ته ان تحريڪ سان استعفي ڏئي پوءِ اليڪشن لڙي جيڪڏهن ان جي استعفي هئي ته ان پوءِ پنهنجي تحريڪ جا جهنڊا، ۽ نالا جو استعمال ڪيا ۽ اليڪشن کانپوءِ وري پنهنجي تحريڪ ۾ جو ڪئي وئي؟ اهو سمجهڻ گهرجي ته کهڙي به سياست هجي اها ملڪي صورتحال کان ضرور متاثر ٿيندي آهي. ڊسمبر ۾ پ پ پ کي اقتدار منتقل ڪيو ويو ۽ جيئن ته SNAاليڪشن ۾ حصو وٺي پاڻ کي ملڪي سياست سان جوڙي ورتو هيو. ان جي باوجود به جمهوري عمل بابت ڪو به مثبت مؤقف نه جوڙي سگهيو. ان سڄي صورتحال ۾ SNAجي ڪنهن به اداري جي ميٽنگ نه ڪئي وئي هئي. نيٺ ۵، فيبروري، ۸۹ع تي رهبر ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو، پر ان کان اڳ چونڊن جي نتيجن اچڻ کانپوءِ SNA۾ شامل ڪجهه ڌرين، جن کي اليڪشن ۾ نئين صورتحال جو تجربو ٿيو هيو. تن جي ذهنن ۾ اها سوچ ويهڻ شروع ٿي هئي ته SNAکي هڪ پارٽيءَ ۾ تبديل ڪجي. جنهن سلسلي ۾ ممتاز ڀٽو کليل ۽ ڍڪيل لفظن ۾ اظهار ڪرڻ لڳو، هن پنهنجي ٽن صوبن تي مشتمل سنڌي بلوچ پختون فرنٽ به ٽوڙائي ڇڏيو. ان ئي عرصي دوران اخبارن ۾ خبرون اچڻ لڳيون ته سنڌ ۾ قومپرستن جي هڪ نئين پارٽي ٺهي رهي آهي. ان سلسلي ۾ ممتاز ڀٽي جا بيان ۽ انٽرويوز به اچڻ لڳا جن ۾ اظهار ڪرڻ لڳو ته بلوچستان ۾ قومپرستن (BNA) ڪٺيو آهي، پختونخواهه ۾ قومپرست حڪومت ۾ شامل آهن (ان وقت اي، اين، پي پ پ پ جي مخلوط حڪومت هئي). جڏهن ته پنجاب ۾ پنجابي قوم جي حقن جي ڳالهه ڪندڙ نواز شريف جي حڪومت آهي. ۽ اهڙي طرح صرف سنڌ ئي آهي، جتي قومپرست اقتدار کان ٻاهر آهن. انڪري هن جو سڄو زور هيو ته اهڙي ڪا گڏيل پارٽي ٺاهجي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ٻي اليڪشن ۾ سنڌ جو اقتدار حاصل ڪري سگهي. ان لاءِ SNAجي رهبر ڪميٽيءَ جي ميمبرن ڏانهن جي ايم سيد جي صحيح سان سوال نامون به جاري ڪيو ويو هيو. جنهن ۾ اهو چيل هيو ته کي هڪ پارٽي ۾ تبديل ڪجي يا نه؟ جنهن سوال تي ۵، فيبروري تي ٿيل رهبر ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ بحث ٿيڻو هيو. ۵، فيبروري تي اجلاس ٿيو. جنهن ۾ ڀهريان ڪامريڊ جام ساقيءَ هي قرار دادون پيش ڪيون.

"سنڌ قومي اتحاد جي رهبر ڪميٽيءَ جو هي اجلاس سمجهي ٿو ته اتحاد کي انتخابي اتحاد بڻائڻ جنرل ڪائونسل جي فيصلي جي خلاف عمل هيو ۽ ان عمل سڄي ملڪ جي جمهوري تحريڪ ۽ ان جي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي مفاد کي نقصان پهچايو آهي. انڪري جن به هن اتحاد کي انتخابي بڻايو. انهن جي مذمت ٿو ڪري.

هي اجلاس ملڪ ۾ چونڊن توڙي اقتدار جي منتقليءَ کي مثبت عمل ٿو سمجهي ۽ سمورين جمهوري قوتن کي اپيل ٿو ڪري ته آئين مان اٺين ترميم ختم ڪري پارليامينٽري نظام بحال ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي.

اقتدار جي منتقليءَ کانپوءِ مظلوم طبقن توڙي مظلوم قومن جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو رستو کليو آهي، ان تي حڪمران طبقن جا سخت رجعت پرست حلقا پريشان آهن ۽ مظلوم طبقن توڙي مظلوم قومن جي نجات جو رستو روڪڻ لاءِ نواز شريف جي اڳوانيءَ ۾ شاونسٽ نعرا ڏئي، مارشلائي قوتن کي موٽائي آڻڻ ۽ مضبوط ڪرڻ جون سازشون سٽي رهيا آهن. هي اتحاد انهن سازشن جي مذمت ٿو ڪري.

هي اجلاس قومي حقن سميت سڀني جمهوري حقن جي جدوجهد کي مسخ ڪرڻ لاءِ نسلي جهڳڙن جي مذمت ٿو ڪري ۽ سمجهي ٿو ته اهو ضياءَ ازم جا پوئلڳ، اسلامي جمهوري اتحاد ۽ ٻيا فوجي ٽولي جا ڇاڙتا ڪري رهيا آهن ته جيئن موجوده مثبت تبديليءَ کي ختم ڪري سگهجي.

هي اتحاد منحوس مارشل لا وارين قوتن جي مقابلي ۾

سنڌ قومي اتحاد - ليفٽ جو ڪردار ۽ ذميواري

انور ابڙو

جو تبديل جمهوري حڪومت جو خير مقدم ٿو ڪري ۽ هشيار سنڌ نوڪر شاهيءَ جي سازش کي ننديو ٿو.

اهي سموريون قراردادون اجلاس يڪسر طور تي ردڪري ڇڏيون. اهي ڪيترو غلط هيون؟ پڙهندڙ خود فيصلو ڪن. انهن قراردادن ڪانسواءِ ڪامريڊ جام ساقيءَ (سنڌ قومي اتحاد) کي پارٽيءَ ۾ تبديل ڪرڻ واري تجويز جي به مخالفت ڪئي ۽ چيو ته هتي مختلف نظريا رکندڙ پارٽيون هڪجهڙا متفق نڪتن تي ويٺيون آهن، جن جا الڳ پنهنجا تنظيمي ڍانچا ۽ تشخص آهن، انڪري (سنڌ قومي اتحاد) کي پارٽيءَ ۾ تبديل ڪرڻ صحيح قدم نه ٿيندو. سمورن رهبر ڪميٽيءَ جي ميمبرن انهن سمورين قراردادن کي ردڪري ڇڏيو. ظاهر آهي هڪ متحده محاذ جيڪو جمهوري عمل کي مثبت نه مڃي، پنهنجي غلط ڪيل فيصلن تي خود تنقيد نه ڪري ۽ رجعت پرست قوتن آءِ جي آءِ ۽ پين جي مذمت نه ڪري ته سڌي طور تي ان کي انهن ڳالهين جو حمايتي تصور ڪري سگهجي ٿو. جڏهن جو اهو رنگ بيٺو ته ان ڪانپوءِ ترقي پسند جمهوريت پسند، وطن دوست ڌر لاءِ ڪا به گنجائش نه رهي هئي ته هو اجان به انهن سان گڏ رهي جدوجهد ڪري. اتي ڪي سائي اهو سوال ضرور ڪندا ته مٿي پنهنجي هن مضمون ۾ آءُ پليجي کي اڪثريتي راءِ جو فيصلو نه مڃڻ ۽ نڪري وڃڻ واري عمل ڪري ڏوهي ٺهرائي رهيو آهيان. جڏهن ته ڪامريڊ جام ساقيءَ کي ان اڪثريتي راءِ جو فيصلو نه مڃڻ ۽ اتحاد مان نڪري وڃڻ واري عمل جي باوجود به ڪيس صحيح قرار ڏيئي رهيو آهيان. ائين ڇو؟ ان جو مختصر جواب اهو آهي ته پليجي جا اعتراض نه صرف (سنڌ قومي اتحاد) اندر ويٺل پر ٻاهر ويٺل به هر ماڻهو رد ڪري چڪو هيو. انڪري نه پليجي (سنڌ قومي اتحاد) کي حقيقتي قومي حقن واري ويڙهه کان هٽائي نسل پرست رنگ ڏئي اهڙي جنگ ۾ ڌڪڻ پئي چاهيو جنهن جو ڪو نتيجو نه هيو. جيڪي اعتراض ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفاد ۾ نه هئا. جڏهن ته ڪامريڊ جام ساقيءَ (آءُ ڪنهن جي وڪالت ڪو نه ٿو ڪريان پر حقيقتون ٿو بيان ڪريان). جيڪي اختلاف رکيا، اهي اڪثريتي راءِ ته ان وقت رد ڪيا، پر اڄ اهي سڀ سڀڪڙو صحيح ثابت ٿي چڪا آهن جيڪي اعتراض ترقي پسند ۽ جمهوري هئا، جن وسيلي سنڌ قومي اتحاد کي مثبت راهه اختيار ڪرڻ طرف وٺي وڃي سگهجي پيو. جو ته سنڌ جا حق مارشل لا يا آءِ جي آءِ جي حڪومت ۾ حل ٿي ٿا سگهن. جيڪي مڪمل طور تي رجعت پرستيءَ ۾ ٻڌل آهن، پر اهي حق حقيقي جمهوري راڄ سان ضرور منسلڪ آهن، جيڪڏهن اسين جمهوري عمل جي حمايت ڪندي اڳيان وڌيڪ جمهوري حقن لاءِ وڙهندا سين. ۽ ان جمهوري جدوجهد سان قومي حقن جي جدوجهد کي جوڙيندا سين ته يقينا ان سان سنڌ ۽ سنڌ جي عوام جا مفاد ڪنهن حد تائين حل ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن حل ٿا ٿي سگهن ته انقلابي ويڙهه لاءِ حالتون سازگار ملي سگهن ٿيون. جنهن ۾ ڀاڻ کي منظم ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته ڪي ڌريون سنڌ قومي اتحاد کي آءِ جي آءِ جي ٽيم بڻائڻ ۾ رڌل هيون. انڪري ڪامريڊ جام ساقي سنڌ قومي اتحاد جي روح کي جاگيردارن جي مفادن ۾ ڪيڏڻ ۾ انهن سان شريڪ نه ٿيڻ پئي چاهيو. اهيئي فرق هئا پليجي جي مخالفت ۽ ڪامريڊ جام ساقيءَ جي حمايت ۾.

٨. فيبروريءَ تي ڪامريڊ جام ساقي پنهنجي پارٽيءَ جو سنڌ قومي اتحاد مان نڪرڻ جو اعلان ڪيو، عجيب ڳالهه اها ٿي جو ١٢، فيبروريءَ تي عبرت اخبار ۾ ڪامريڊ جام ساقيءَ جون سنڌ قومي اتحادجي اجلاس ۾ پيش ڪيل اهي قراردادون سنڌ قومي اتحاد پاران پاس ڪيل ڄاڻائي ڇپيون ويون (جيڪي ڪامريڊ جام ساقيءَ پنهنجي پاران جاري ڪيون هيون، پر اخبار غلطي وچان سنڌ قومي اتحادجي کاتي ۾ انهن کي وجهي وٺي) ٻئي ڏينهن ١٣، فيبروريءَ تي عبرت اخبار ۾ سنڌ قومي اتحادجي رهبر ڪميٽيءَ جي ميمبر مولانا عبيدالله ڀٽي جو بيان ڇپيو ته "اهي ٺهراءَ سنڌ قومي اتحاد پاران نه آهن، بلڪ اها تجويز ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻ جام ساقيءَ رهبر ڪميٽيءَ ۾ پيش ڪئي هئي. رهبر ڪميٽيءَ اتفاق راءِ سان پيش ڪيل تجويز کي رد ڪري ڇڏيو هيو. انهيءَ ڪري جام ساقيءَ سنڌ قومي اتحاد کان جدا ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. هن چيو ته سندس رد ٿيل تجويز سنڌ قومي اتحاد جو ٺهراءُ ڪٿين ٿي ٿي سگهي."

ڪامريڊ جام ساقيءَ جي سنڌ قومي اتحادمان نڪرڻ ڪري سڀني قومپرست ۽ ترقي پسند سڌ جندڙ ڌرين ڪامريڊ جام ساقي ۽ ان جي پارٽيءَ تي تنقيدن جو اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ڪري ڏنو، جن ته ڪامريڊ جام ساقي سنڌ قومي اتحادجي غلط پاليسين کي رد ڪري ۽ سنڌ قومي اتحاد اندر پناهه ورتل جاگيردارن جي عزائم کي عوام آڏو وائکو ڪري وڌي غداري ڪئي هئي. (جيڪا غداري هينئر اهي سڀ دوست به ڪري رهيا آهن، جن ان وقت ڪامريڊ جام ساقيءَ تي تنقيدون ڪري ترقي پسنديءَ جو ثبوت پئي ڏنو) ٥، فيبروريءَ ڪانپوءِ پارٽي طرف و جن لاءِ هڪ قدم اهو کنيو ويو ته SNAجا عهديدار ڪنيا ويا. جن ۾ حميد جتوئي کي چيئرمين ۽ حميده کهڙو کي وائس چيئرمين کنيو ويو. (پارٽي ٺاهڻ واري راز ظاهر ٿي پوڻ ڪانپوءِ هنن في الحال سنڌ قومي اتحاد کي پارٽيءَ جو نالو ڏيڻ کان پرهيز ڪئي، پر ان جي صورت پارٽيءَ جهڙي بڻائڻ طرف وڌڻ لڳا)

ان ڪانسواءِ اڄ اهي سموريون ڳالهيون زبرن سان سمجهه ۾ اچي رهيون آهن ته سنڌ قومي اتحادجمهوري عمل جي حمايت ۽ آءِ جي آءِ ۽ ان جي اڳواڻ نواز شريف جي مذمت، هڪ پارٽي بڻائڻ جي مخالفت (آءُ ڳالهه جي مخالفت ٿو ڪريان ته ڪو سنڌ ۾ سنڌ قومي اتحاد جي پارٽي نه ٺاهڻ گهرجي. اهو هر ڪنهن کي حق آهي ته هو ڪنهن به پارٽيءَ ۾ شامل ٿي سگهن ٿا يا نئين ٺاهي سگهن ٿا. پر اعتراض سنڌ قومي اتحاد جي حوالي سان آهي، جيڪو هڪ مختلف ڌرين جو متحده محاذ هيو) ۽ اليڪشن اتحاد بڻائڻ واري عمل جي مذمت جو نه ڪئي هئي؟

١٥، سيپٽمبر واري اجلاس جاگيردارن جي سنڌ قومي اتحاد تي ڪيل ان محنت جا سمورا نتيجا ظاهر ڪري ڇڏيا جنهن ۾ رجعتي نواز شريف سان گڏ جي موجوده جمهوري حڪومت خلاف جدوجهد هلائڻ ڪانسواءِ مڪمل نئين باڊي جي نامزدگي، حفيظ پيرزادي جي ڪنوينئر شپ ۾ هڪ آئيني ڪميٽي جوڙڻ، جيڪا ٻن مهينن اندر آئين ۽ منشور تيار ڪندي. انهن فيصلن سان سنڌ قومي اتحاد جي هڪ ميمبر تنظيم سنڌ دوست انقلابي تنظيم جي اڳواڻ جو نواز شريف سان اتحاد ڪرڻ ۽ موجوده جمهوري حڪومت خلاف تحريڪ واري فيصلي تي واڪ آئوٽ ڪري وڃڻ، ٻي سنڌ قومي اتحاد جي ميمبر تنظيم سنڌ نيشنل فرنٽ جي اڳواڻ ممتاز ڀٽي جو اهو بيان ته "ايس اين اي جي نامزد ڪيل باڊي غير آئيني آهي. ۽ اها سمورين پارٽين جي نمائنده ناهي." (١١، سيپٽمبر ٨٩ع هلال پاڪستان) واپ، يا ڊبليو ايس ايف جي نمائيندي کي به جي ايم سيد پاران اجلاس مان ڪڍي ڇڏڻ ۽ مير ٿيبي گروپ جو طالب لاشاري جيڪو به ٻاهر ئي ويٺو رهيو. ان ڪانسواءِ آئين ۽ منشور جي ضرورت جو پيش اچڻ ۽ جڏهن ته ست نڪتا جدوجهد لاءِ موجود هئا. جيڪي متفق طور تي پاس ٿيل هئا. انهن سمورين ڳالهين مان اهي مقصد نڪرن ٿا ته سنڌ قومي اتحاد کي جاگيردار (جيڪي ان تي حاوي آهن). سياسي طور سنڌ اندر آءِ جي آءِ جي خال ڀرڻ لاءِ استعمال ڪندا. سنڌ قومي اتحاد هينئر مڪمل پارٽي بڻجي چڪو آهي. جنهن جي مڪمل باڊي آهي. تنظيمي ڍانچو ٺاهيو پيو وڃي ۽ آئين ۽ منشور جوڙيو پيو وڃي، بس ان جو نالو اتحاد وارو رهي، پر ڪم پارٽيءَ وارو ڪندو.

سنڌ قومي اتحاد ۾ هينئر ڪابي ڌر نه جي برابر رهي آهي ۽ ان ۾ جيڪا هڪ اڌ لبرل قسم جي ڌر وڃي آهي ان لاءِ به ٻه رستا آهن، هڪ ته سنڌ قومي اتحادجي سڀني ڳالهين کي جبري طور تي ئي سهي قبول ڪري ويٺي رهي يا نڪري وڃي. باقي سنڌ قومي اتحاد اندر اڪثريتي مڪمل طور تي جاگيردار ڌر وڃي رهندي جن کي سنڌ اندر سياسي پارٽيءَ جو پليٽفارم گهربل آهي. جيڪو سنڌ قومي اتحاد ئي پورو ڪري سگهي ٿو. ان ڪانسواءِ سنڌ قومي اتحادجي ١٥ سيپٽمبر واري اجلاس ۾ جن فردن کي دعوتون ڏنيون ويون هيون انهن ۾ ٻين ڪانسواءِ آءِ جي آءِ ضلع دادو جو اڳواڻ ڊاڪٽر منظور لغاري به شامل هيو، ۽ ان کان اڳ پير پاڳاري، غلام محمد مهر، سلطان احمد چانڊيي سميت ڪيترن ئي جاگيردارن ۽ آءِ جي آءِ جي يارن کي شامل ٿيڻ لاءِ دعوتون پيون ڏنيون وڃن. ٻئي طرف ڪيترائي سينئر جاگيردار، وڏيرا، سابقه اسيمبلين جا ميمبر ڌڙاڌڙ سنڌ قومي اتحاد ۾ شموليت لاءِ درخواستون ڏئي رهيا آهن. ڇا انهن سمورن کي قومي درد اچي جاڳيو آهي؟

ڪين سنڌ مٿان ٿيندڙ ظلم جي خبر هينئر اچي پئي آهي. (اهي سمورا ۽ خود پيرپاڳارو ان وقت ڪيڏانهن ويا هئا. جڏهن سنڌ جي مظلوم عوام مٿان فوجي آپريشن ٿي رهيو هيو، ۽ خود پير پاڳاري جا حُر مسڪين هارين ۽ غريبن جي عورتن جون لڄون لٽي رهيا هئا ۽ انهن مسڪين مٿان گوليون هلائي رهيا هئا. ڇا هينئر اهي سڀ شريف ۽ قومي درد رکندڙ ٿي ويا؟). يا هينئر جو اهي

> **S.N.A ۾ هينئر ڪابي ڌر نه جي برابر آهي ۽ جيڪا هڪ اڌ لبرل قسم جي ڌر وڃي آهي ان لاءِ به رستا آهن. هڪ ته S.N.A جي سيني ڳالهين کي جبري طور تي ئي سهي قبول ڪري وٺي يا نڪري وڃي**

سنڌ قومي اتحاد ۾ سنڌ جي قومي حقن لاءِ شموليت ڪري رهيا آهن، ته ڇا انهن هينئر اهي پنهنجا سمورا مٿي قائم ڪيل رشتا ٽوڙي ڇڏيا آهن؟ يا ڪو ڦودني ۾ ڦير آهي. جاگيردارن جو ڪردار اسان وٽ نه بلڪ دنيا جي هر حصي ۾ هڪ جهڙوئي يعني ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند سوچ ۽ عمل جي اڳيان روڪ بڻيل ئي رهيو آهي ۽ هينئر جيڪي سمجهن ٿا ته جاگيردار ۽ آءِ جي آءِ جا يار سنڌ قومي اتحاد کي صحيح قومي حقن واري انقلابي رستي ته هلائيندا سي يا ته موقعي پرستي ڪري رهيا آهن. ياوري احمق آهن. (پر احمق ڪير به ناهي). هينئر سنڌ قومي اتحاد ۾ يتيم ۽ ٻي سهارن جاگيردارن لاءِ جيڪو رستو کليو آهي. اهو يقينا سنڌ قومي اتحادکي جاگيردارن ۽ آءِ جي آءِ جي يارن جو نمائنده اتحاد بڻائي ڇڏيندو. انڪري ته انهن جاگيردارن لاءِ خصوصا پ پ پ ڪانسواءِ (جنهن ۾ هو نه ويندا) ٻيو ڪو به متبادل رستو ناهي ۽ نه وري اهي اهڙي پوزيشن ۾ آهن جو پنهنجي ڪا ڌار پارٽي ٺاهي سگهن انهن جي مدر پارٽي (آءِ جي آءِ) جون پاڙون به سنڌ مان مڪمل طور تي اکڙجي چڪيون آهن، ۽ سنڌ جو عوام جڏهن انهن جو نالو ٻڌي ٿو ته سندس اکين ۾ رت ٻرجي ٿو اچي. انڪري ان بدنام نالي ۾ سندن سياست ٿي هلي سگهي. سنڌ قومي اتحاد جي ڪجهه نه ڪجهه ساک آهي. هڪ منفرد ۽ عوامي نالو آهي ۽ ان ۾ ويٺل ڌرين وٽ افرادي قوت به آهي، جنهن ڪري هو ان

سنڌ قومي اتحاد - ليفٽ جو ڪردار ۽ ذميواري ۽ هي صورتحال

انور ابڙو

قوت جي استعمال سان چڱيءَ طرح پنهنجو عمل جاري رکي سگهندا. انڪري سنڌين لاءِ اهو هڪ بهترين پليٽ فارم ثابت ٿيندو. انڪري سنڌ قومي اتحاد جي مستقبل ۾ به ساڳي صورتحال برقرار رهي ته پوءِ سنڌ ۾ آءِ جي آءِ جي ضرورت نہ پوندي. ان لاءِ ڪجهہ مثال اهي بہ آهن تہ حميد ڪهڙو جونيجو نواز شريف ۽ ٻين آءِ جي آءِ جي اڳواڻن سان سنڌ قومي اتحاد جي ١٥، سيپٽمبر واري اجلاس کان اڳ ملاقاتون، ٢٣ سيپٽمبر تي اين ايس ايس او جي سرپرست (جنهن نوابشاهہ ۾ پنجابي آبادگار بورڊ پاران جلسو بہ ڪيو هيو. جنهن ۾ سنڌين خلاف ڳالهايو ويو هيو. ان سان ملاقات (هلال پاڪستان) وغيره. جيڪا هينئر. سنڌ قومي اتحاد جي وائيس چيئرمين آهي، تہ يقينا اهي ملاقاتون ڪنهن ٻئي مسئلي تي نہ هونديون پر انهن جي وچ جيڪا باهمي دلچسپيءَ واري ڳالهہ آهي، اما آهي موجوده جمهوري حڪومت جنهن خلاف ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ چاهن ٿا.

ان سڄي صورتحال ۾ سنڌ قومي اتحاد اندر موجود ليفٽ جو ڪهڙو ڪردار رهيو؟

سنڌ قومي اتحاد ۾ شروعات کان وٺي ليفٽ جون يا لبرل قوتون ڪنهن بہ سنڌ قومي اتحاد جي اجلاس ۾ شرڪت کان اڳ غير رسمي ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ گڏيل مؤقف جوڙينديون هيون. جيڪو سنڌ قومي اتحاد کي ڪنهن بہ غلط رُخ ۾ وٺي وڃڻ نہ ڏيندو هيو. ان عرصي ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو. ان ۾ پهرين جي ڪردار، چالن ۽ سنڌ اندر ٿيندڙ نسلي جهيڙن بابت انهن سمورين ڌرين درميان سوچ ۽ عمل يڪسان هوندو هيو. جڏهن پهرين نڪري ويو. تہ ان کان پوءِ هڪ نئين صف بندي ٿيڻ شروع ٿي ۽

خود انهن ليفٽ جي ڌرين اندر ڌار پوڻ شروع ٿيا. خصوصا اليڪشن واري مسئلي ان ڌر بنديءَ کي واضح ڪري ڇڏيو. هڪ طرف جي ايم سيد، غير پارٽي شخصيتون، واپ، سنڌ دوست انقلابي تنظيم، ميرٿهو گروپ، پي اين پي، سنڌ نيشنل ڪانگريس ۽ سنڌ ساگر پارٽيءَ وارا رهيا تہ ٻئي طرف صرف اڪيلي ڪميونسٽ پارٽي. جيتوڻيڪ انهن سمورن جو اردو ڳالهائيندڙن ۽ نسلي فسادن بابت سنڌن مؤقف تقريبا برابر هيو، پر اليڪشن دوران سواءِ ڪامريڊ جام ساقيءَ جي ٻيون سموريون ڌريون ايستائين جو پاڻ کي ترقي پسند چورائيندڙ دوست بہ اليڪشن ۾ اتحاد جي حصي وٺڻ کي صحيح چئي تاريخي غلطي ڪري رهيا هئا ۽ جڏهن تہ وٽن ان وقت اليڪشن ۾ سنڌ قومي اتحاد جي حصي وٺڻ ۽ ان ڪانپوءِ نڪرندڙ نتيجن جو ڪو بہ تجزيو ڪو نہ هيو. جيڪڏهن ان دوران اهي سموريون ليفٽ جون ڌريون ۽ لبرل، گڏيل مؤقف جوڙن ها تہ سنڌ قومي اتحاد کان شعوري طور تي ايڏي وڏي غلطي ڪرائيندڙ شايد ٻجي پري ٿين ها ۽ سنڌ قومي اتحاد سنڌ جي عوام اڳيان متنازعہ شڪل وٺي نہ بيهي ها. اليڪشن ٿي پر سنڌ قومي اتحاد جي ڪنهن بہ اميدوار نہ کٽيو. ان وقت سنڌ قومي اتحاد ۾ ليفٽ جا نادان دوست

اهو سمجهن کان قطعا اڻڄاڻ هئا. تہ هو انهن شخصيتن جي حمايت ڪري رهيا آهن. جيڪي سنڌ قومي اتحاد کي اليڪشن ۾ پار ٿي بنائي استعمال ڪري رهيا آهن. جن جي زبان مخالف پارٽي اميدوارن بابت (جيڪي اميدوار بہ ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪري عوام کي پيارا هئا) غلط ۽ غير سياسي انداز ۾ استعمال ٿي رهي آهي. يا اهو تہ سنڌ قومي اتحاد جون حمايت يافتہ شخصيتون عوام جون پسنديده بہ آهن يا غير پسنديده ۽ نڪرايل. جن

سمورين ڳالهين کي دوستن پنهنجي اجلاسي جاگيردارن جي جيبن ۾ چڙهي ورڪ ڪندا ۽ خاڪ اڏائيندا عوام جي اکين ۾ وجهندا رهيا. ليفٽ جي نادان دوستن جي ان عمل ڪانپوءِ جاگيردار پاڻ کي سنڌ قومي اتحاد ۾ اڃان وڌيڪ سگهارو ڀانئڻ لڳا.

٥ فيبروريءَ واري اجلاس ۾ ترقي پسند چورائيندڙ دوستن جو ڪردار بلڪل موقعي پرستيءَ پڇ لٽڪاءُ پٺي ۽ مريديءَ وارو رهيو. شايد ڪين اهو خوف هيو تہ جيڪڏهن سنڌ قومي اتحاد جي غلط پاليسين جي مخالفت ٿا ڪريون تہ متان سنڌ قومي اتحاد مان ڪڍيا نہ وڃون ۽ پوءِ اڪيلا ٿي نہ وڃون. جو تہ اهڙين ننڍين ننڍين تنظيمن کي سنڌ قومي اتحاد زندگي ضرور ڏني هئي ۽ SNA جي اسٽيج تان پنهنجي تنظيم ڪاري ڪئي هئي. هن اجلاس ۾ جيئن تہ هڪ جاگيردانہ ۽ جمهوريت دشمن سوچ هئي تہ ٻئي طرف پورهيت طبقي جي نمائندگي ڪندڙ جمهوري ۽ سنڌ دوست سوچ هئي. انهن سوچن درميان تضاد هيو، جتي ترقي پسند چورائيندڙ دوستن کي ڄمي ويڙهہ ڪرڻ گهرجي هئي، ۽ بدتر ڳالهيون رد ۽ بهتر پاس ڪرائيون هيون، پر اهي دوست اڪيلي ٿيڻ جي خوف کان ويڙهيا سيڙهيا ڪنڌ ۾ ٿي ويٺا رهيا. جڏهن تہ اما حقيقت آهي تہ ترقي پسند قوتون جيڪي پنهنجي آدرش سان سچيون هونديون آهن، اهي وقتي طور تي اڪيلو ٿين يا تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي اچي بيهنديون آهن، تڏهن بہ پنهنجي اصولن تي ڪا بہ سوديبازي ناهن ڪنديون. جڏهن تہ اهي دوست جاگيردارن جي غلط صحيح فيصلن کي قبولي پنهنجي پر ۾ ترقي پسند ڪردار ادا ڪندا رهيا. ان وقت دوست اهو دليل ڏيڻ لڳا تہ هي

وقت نڪرڻ جو ناهي، جڏهن تہ سنڌي عوام کي هيڏا سارا مسئلا درپيش آهن ۽ جيڪو نڪري ٿو وڃي، جن تہ هو غداري ٿو ڪري، بلڪل ٺيڪ - مسئلا سنڌي عوام کي درپيش هئا. اوهان جي رهڻ جي باوجود اڄ بہ اهي ساڳيا مسئلا موجود آهن ۽ اوهان جي ان لائين کي ١٥، سيپٽمبر واري اجلاس رد ڪري ڇڏيو، تہ ڪو اندر ويهي ڪري سنڌ قومي اتحاد کي صحيح رُخ ۾ هلائي سگهجي ٿو. هينئر تہ اوهين بہ اهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهيو. جيڪي نو مهينا اڳ ڪامريڊ جام ساقيءَ رکيون هيون ۽ نہ مڃڻ جي صورت ۾ اتحاد مان نڪري ويو هيو. (ميرٿهي گروپ جي امداد چانڊيئي پروڙ کي ڏنل انٽرويو ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ سنڌ قومي اتحاد اليڪشن ۾ حصو وٺي غلط

ڪيو ۽ هينئر سنڌ دوست جي سائين جو واڪ آئوٽ ڪري اچڻ ڪامريڊ جام ساقيءَ جي مؤقف کي درست ثابت ٿا ڪن، جڏهن تہ ان وقت اهي سمورا دوست خاموش هئا). جڏهن ١٥، فيبروريءَ تي ڪامريڊ جام ساقي سنڌ قومي اتحاد سان اختلاف رکي نڪتو تہ اهي سمورا ليفٽ جا نادان دوست جذباتي لڳا پيا هئا ۽ مذمتي بيان جاري ڪري رهيا هئا. سموري ليفٽ تي بہ تنقيد آهي تہ ان جو بہ مجموعي ڪردار سنڌ قومي اتحاد ۾ ايترو نہ رهيو، جيترو رهڻ گهرجي ها، پر جيئن تہ هڪ عنصر اهو بہ هيو تہ ليفٽ جون قوتون افرادي طور تي ايتريون سگهاريون ڪو نہ هيون، جو ٻين جاگيردار سوچ رکندڙ ڌرين کي ضابطي ۾ رکي سگهن. انڪري انهن ۾ غير اتحادي رويا ۽ غير برابري وارا لاڙا پيدا ٿيڻ اثر هيو. ان ڪانسواءِ سنڌ قومي اتحاد جي هڪ سگهاري ميمبر تنظيم جيئي سنڌ تحريڪ اندر بہ هڪ پروگريسو حصو موجود آهي. ان سڄي صورتحال پيدا ٿي وڃڻ ڪانپوءِ (١٥ سيپٽمبر واري

اجلاس) في الحال تہ ان سڄي مسئلي تي ان جو ڪو رد عمل سامهون نہ آيو آهي. حالانڪ اما ڳالهہ يقيني سمجهجي ٿي تہ اهي دوست بہ ان سموري صورتحال کان نہ بي خبر هوندا ۽ نہ وري مطمئن هوندا پر جيئن تہ اهي هڪ تنظيمي ڍانچي اندر موجود آهن، انڪري انهن طرفان في الحال تہ ڪنهن مثبت رد عمل جي اميد گهٽ ٿي نظر اچي پر ان جي باوجود بہ هينئر جڏهن ليفٽ جون تقريبا سموريون قوتون سنڌ قومي اتحاد کان دور ٿي چڪيون آهن. تڏهن انهن دوستن تي تمام گهڻي ذميواري عائد ٿي ٿئي تہ اهي ان اتحاد کي جيترو بہ ٿي سگهي صحيح رخ ۾ هلائڻ ڏين ۽ جاگيردارن جون جيڪي سنڌ قومي اتحاد کي استعمال ڪرڻ متعلق سوچون آهن، انهن کي ڄيهو رسائن. جو تہ سنڌ قومي اتحاد ۾ ٻل ليفٽ جون قوتون موجود نہ بہ هجن، پر جيڪڏهن اهو ايترو غلط رُخ ۾ ٿو وڃي تہ ان سان سنڌ جي قومي ۽ جمهوري حقن جي تحريڪ کي گهڻ نقصان رسندو، پر جيڪڏهن ان اتحاد اندر اهي دوست خاموشي اختيار ڪن ٿا، تہ پوءِ يقينا جيڪي مٿين طبقي جون قوتون ان ۾ ڀرتي ٿي رهيون آهن، اهي جتي سنڌ جي قومي حقن جي تحريڪ تي ڌڪ هڻندا، اتي انهن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. انڪري دوستن کي ايترو ضرور ڪرڻ گهرجي تہ ان (داخلي جدوجهد) وسيلي جيڪڏهن سنڌ قومي اتحاد مثبت عمل ٿو ڪري، تہ گهٽ ۾ گهٽ ان کي منفي عمل بہ نہ ڪرڻ ڏين.

سنڌ قومي اتحاد جو ٺهڻ ۽ ان آخري مرحلي تي پهچڻ هڪ دؤر هيو، جيڪو پورو ٿي رهيو آهي، هينئر وري نئون دؤر شروع ٿي رهيو آهي. ان نئين دؤر ۾ ليفٽ کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا اهڙو ڪردار جيڪو هن اڳ هڪني خلاف ۽ هڪٻئي جا ترا ڪڍڻ وارو پٺي ادا ڪيو آهي، يا اهو (هڪ نئين قومي انقلابي پارٽيءَ جي نالي سان نئين پارٽي جي سينٽرل ڪميٽيءَ جي ميمبر)

S.N.A جي سگهاري تنظيم جيئي سنڌ تحريڪ جي اندر موجود پروگريسو حصي جي دوستن کي هينئر ايترو ضرور ڪرڻ گهرجي تہ داخلي جدوجهد وسيلي جيڪڏهن S.N.A مثبت عمل ٿو ڪري تہ گهٽ ۾ گهٽ ان کي منفي عمل بہ ڪرڻ نہ ڏيي.

غلام رسول سهتي وارو تہ ٢٥، آگسٽ تي حيدرآباد. قاسم آباد واري جلسي ۾ ڪامريڊ جام ساقي ۽ ان جي پارٽيءَ خلاف تہ ڳالها ٻائين پر هٿن مان ڇڏايو پٺي ويو تہ وارو ڪيو پير پاڳاري کي سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل ڪيو. تہ سنڌ جي قومي تحريڪ کي مضبوط ڪيون ۽ سندس اهو چوڻ تہ پير پاڳارو جيڪڏهن سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل ٿو ٿئي تہ اسان سندس ڪلي آڌر ڀاءُ ڪنداسين (شايد سهتي کان پير پاڳاري جي حرن جا مارشلا دؤر ۾ ڏنل مسڪين سنڌي ماڻهن کي گهاءُ وسري ويا آهن). اهي سهرويا ۽ ماضي جون ڪيل غلطيون هينئر نئين پيدا ٿيل حالتن ۾ ورجائڻ نہ گهرجن ۽ جديد حالتن جي گهرج پٽاندڙ پنهنجو ايمانداري سان خود تنقيد ۽ جائزو وٺڻ گهرجي.

ان سنڌ قومي اتحاد جي نئين پر متوقع صورتحال جي مدِ نظر هينئر قومي حقن جي جدوجهد لاءِ خصوصا ليفٽ جي سوچ وارين ڌرين لاءِ بہ صورتون آهن. پهرئين اما تہ اهي جاگيردارن، وڏيرن، آءِ جي آءِ جي يارن ۽ غير پسنديده شخصيتن سان گڏ جي اهڙي جدوجهد هلائن، جيڪا ظاهر ۾ سنڌ جي قومي حقن جي نعرن تي ٻڌل هجي پر ان جو عمل ان جي ابتڙ هجي. يا ٻي صورت اما آهي تہ اهڙي جدوجهد هلائي وڃي جيڪا هڪ طرف ملڪي ۽ قومي تحريڪ جي تضاد ۾ نہ اچي پر پنهنجي جدوجهد جو بنياد قومي مطالبن تي رکي سمورين ترقي پسند، سامراج دشمن قوتن کي جوڙي هلائي وڃي، انهن ٻنهي صورتن مان ليفٽ کي چونڊ ڪرڻي آهي. سائين جي ايم سيد جيڪو هينئر جاگيردارن جي گهيري ۾ ويٺو آهي، سائين ءَ جي بزرگ حيثيت ۽ جدوجهد جي مدِ نظر، بهتر اهو هيو تہ سائين انهن عوام جي نڪرايل ۽ ٽڙيل ماڻهن سان گڏ ويهڻ بجاءِ قومي حقن لاءِ حقيقي ادراڪ تحت جدوجهد ڪندڙ ڌرين سان گڏ ويهي ها. جتي سائين سونهين بہ پيو ۽ هينئر بہ جيڪڏهن سائين جي ايم سيد انهن جاگيردارن کان پاند آجا ڪرائي ۽ حقيقي سنڌ دوست ڌرين سان سنڌ قومي اتحاد جي ٺهڻ جي وقت واري پاليسيءَ تي واپس اچي تہ وري بہ هڪ مثبت اتحاد جنم وٺي سگهي ٿو، پر سائين جي ايم سيد جو جاگيردارن جي گهيري مان نڪرڻ في الحال تہ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويو آهي. اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ جي قومي مسئلن

ڪي جاگيردار، سرمائيدار ۽ وڏيرا ڪٺندا ته انهن جو پنهنجو مقصد هوندو ۽ جيڪڏهن ليفٽ ڪٺندي ته انهن جو مقصد ۽ رُخ پهنجو هوندو. انهيءَ ڪري موجوده وقت، سنڌ جي ليفٽ لاءِ سنجيدگيءَ سان، جائزو ۽ تجزيو ڪرڻ لاءِ هڪ نئين صورتحال پيدا ڪئي آهي. ان جو مارڪسي ۽ ليننی انداز ۾ حل ڳولڻ گهرجي. پر سنڌ قومي اتحاد جي ايترو واضح ٿي اچڻ جي باوجود به جيڪي دوست ان مان سنڌ جي حقيقي قومي حقن تي سچائي سان ويڙهه ڪرڻ جي اميد رکن ٿا، ته پوءِ اهي دوست يا ته جاگيردارانه سياست جا پيروڪار آهن، ياوري سياسي علم کان ڪورا آهن.

سنڌ قومي اتحاد ۾ جيڪي ماڻهو اچي چڪا آهن ۽ جيڪي اڃان اچي رهيا آهن انهن مان اڪثريتي ماڻهن جو چٽو پٽو مقصد سنڌ جي حقن تي سوديبازي ڪرڻ ۽ اينڊڙ اليڪشن ۾ سنڌ جو اقتدار اعليٰ حاصل ڪرڻ آهي. جنهن جو اظهار مختلف جلسن ۾ به ڪيو ويو آهي ته فلاڻو همراهه وزيراعليٰ ٿيندو. انهيءَ جنهن به هن سٽ ۾ وزير يا وزيراعليٰ ٿيڻ جا خواب ڏٺا، ان جو حقيقي عوام جي حقن کان انحرافيءَ وارو عمل شروع سمجهو. يا سنڌ قومي اتحادجي هڪ اڳواڻ اعجاز جتوئيءَ جو اليڪشن لاءِ اظهار، سو به اهڙي انداز ۾ جو سندس ذهني ڏيوالپڻي جو ڪُليءَ طرح پتو پوي ٿو ته: "جيڪو به اينڊڙ اليڪشن ۾ پ پ پ کي ووٽ ڏيندو، اهو پنهنجي پيءَ جو پٽ نه هوندو" (هلال پاڪستان ٢١ سيپٽمبر ٨٩ع). پر جا اعجاز جتوئي صاحب اهو ٻڌائيندو ته: "اينڊڙ اليڪشن ۾ جيڪو آءِ جي آءِ يا ٻين ڪنهن به اهڙي رجعت پرست جماعت کي ووٽ ڏيندو، اهو ڪنهن جو پٽ هوندو؟ اعجاز صاحب! سياست ائين نه ٿيندي. پر اوهان تي ته ميار نا هي، جو ته توهانجو طبقو ئي اهڙو آهي، جيڪو ووٽ نه ڏيڻ جي صورت ۾ مسڪينن ۽ ڪڙمين ڪاسبين جون لڄون ڪٽائيندو آهي، سندن ملڪيتون لٽائيندو ۽ ساڙائيندو آهي، سندن جوان پٽن کي جيلن ۾ واڙائيندو ۽ سندن منڊيون لٽائيندو آهي ۽ سندن پوڙهن پيرن کي ٽانن تي پٽڪو ڪڇيءَ ۾ وجهرائي گهلرائيندو آهي پر اوهان ته اڃان گاريون ڏيڻ شروع ڪيون آهن ۽ اڳتي جيڪڏهن عوام وري به اهڙو فيصلو ڏنو ته پوءِ خبر ناهي ته توهانجو ڪهڙو حشر ٿيندو. اهي سموريون ڳالهيون موجوده ۽ اينڊڙ جمهوري عمل بابت سنڌ قومي اتحاد جي اڳواڻن جو رويو متعين ڪن ٿيون.

هنئر سنڌ جي ليفٽ کي ان صورتحال ۾ اهم فيصلو ڪرڻو آهي. اهو فيصلو ان راهه جو ڪهر جائو آهي ڪهڻ ۾ گهڻ سنڌ ۾ ليفٽ پاڻ کي هڪڻي جو اتحادي بڻائي ۽ متبادل پيش ڪري، سنڌ قومي اتحاد جي ان صورتحال اختيار ڪري وڃڻ ڪانپوءِ سنڌ اندر هڪ اهڙي اتحاد جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي (ان اتحاد واري لفظ جي استعمال ڪرڻ ويل ذهني ڪرب مان گذرڻو ٿو پوي جو ته ڪن همراهن ان "لفظ" کي اهڙي انداز ۾ ۽ ايترو ته استعمال ڪيو آهي جو ان لفظ کان چڻ ته هر ماڻهو نفرت ڪرڻ ۽ چڙ ڪاڻڻ لڳو آهي. پر مجبورا استعمال ڪرڻو ٿو پوي) جنهن ۾ سنڌ اندر موجود سمورن ترقي پسند، سامراج دشمن، جمهوريت پسند ۽ وطن دوست تنظيمن، پارٽين ۽ گروهن کي شامل ڪرڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ هينئر پيو ڪو به رستو نظر نٿو اچي ۽ نه وري انفرادي طور تي ڪا به ڊر ڪجهه ڪرڻ جي قابل اهي. جو ته سنڌ قومي اتحادجي ان صورتحال اختيار ڪري وڃڻ ڪانپوءِ نڪتل ڪا به ڌر نه سنڌ قومي اتحاد ڏانهن واپس ٿي سگهي ٿي ۽ نه وري پليجي جي جوڙيل اتحاد ۾ وڃي سگهي ٿي ۽ نه وري پليجي وانگر پنهنجا سمورا فرنٽ جوڙي عوام کي دوکو ڏئي ميدان ۾ لهي سگهي ٿي ۽ نه وري پليجو پنهنجي

نسل پرست سياست في الوقت ترڪ ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن پليجو پنهنجي اها سياست ختم ڪري سنڌ جي حقيقي قومي حقن واري سياست اختيار ڪري ٿو ته پوءِ اڃان وڌيڪ سگهاري پوزيشن نهي سگهي ٿي، جيڪو نا ممڪن آهي. ان مجوزه اتحاد جي ضرورت ان ڪري شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي ته هڪ طرف جاگيردار ڌريون آهن ته ٻئي طرف نسل پرست ڌر آهي. هاڻي جيڪڏهن عوام کي حقيقي پنهنجي طبقي واري قيادت نه ٿي ڏني وڃي ۽ نه وري انهن کي حقيقتن کان

آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته پوءِ يقينا ان جو منطقي نتيجو اهو نڪرندو ته عوام انهن پنهنجي مان ڪنهن نه ڪنهن ڌر جو سهارو وٺندو ۽ اهڙي طريقي سان عوام اڳ وانگر صرف قربانيءَ جو ٻڪروئي بڻيو رهندو. انهيءَ ميدان، خالي ڇڏي عوام کي ڏکي انهن جي حوالي ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. جيئن ته سنڌ قومي اتحاد ان وقت جي حالتن ۾ هڪ مثبت قدم هيو، پر حالتن جي گذرڻ سان اهو پنهنجو شروعاتي طئه ٿيل ڪردار وڃائي چڪو آهي. هينئر ارتقائي قانون نئين اتحاد جي گنجائش ڪڍي آهي، ان اتحاد جي جڙي وڃڻ ڪانپوءِ اهو به طئه آهي ته اهي ڪا ايڏي وڏي تحريڪ هلائي سگهندا سو به ناممڪن آهي پر گهٽ ۾ گهٽ اهو فائدو ضرور ٿيندو ته تنگ نظر، نسل پرست، رجعت پرست ۽ جاگيردار ڌريون مليل ڪليل ميدان تحت اهو ڪجهه نه ڪري سگهنديون، جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهينديون ۽ اهو به طئي آهي ته ڪامل، مستقل ۽ سگهارو اتحاد تڏهن ئي جنم وٺي سگهندو جڏهن ليفٽ جون قوتون مضبوط ٿينديون ۽ جاگيرداري ذهنيت وارين ڌرين، رجعت پرست ۽ نقلي ڌرين تي عوام اعتماد نه ڪندو.

بقايا : ڊاڪٽر دودو مهيري

هڪ لائين رکي آهي. قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو مقصد حقيقي بنيادن ۽ صحيح رخ ۾ هئڻ گهرجي جيئن آزاديءَ جو صحيح ڦل ملي سگهي تنهنڪري خصوصن سنڌ ۾ سوشلسٽ ڌريون جيڪي سائينءَ سان لاڳاپيل آهن يا جيڪي نڪري قومي مسئلي يا سوشلسٽ سوچ رکي ان مسئلي کان هٽي ويون آهن، سائين انهن ڳالهين کان چرڪيل آهي. پر اسان پنهنجي جدوجهد، محنت، قوت ۽ ثابت قدميءَ سان اهو محسوس ڪرايو آ ته جتي قومي آزاديءَ لاءِ اٽل موقف رکون ٿا، اتي پنهنجي جدوجهد ۾ حقيقي پورهيت عوام کي به شامل ڪرڻ گهرون ٿا. ان کي سرواڻي ڏيڻ گهرون ٿا، جيئن اها جدوجهد سامراج دشمن، بين الاقوامي سوشلسٽ ۽ امن ڪئمپ ۽ دنيا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن سان ڳهو ڳهي سان ملائي پنهنجي آزادي ماڻي سگهي.

سوال: جيل پريو تحريڪ بابت توهان مؤجب ته سڄي سنڌ جي روشن خيال ڌرين ان کي بهتر نه سمجهيو آهي تڏهن به ان جي ڪاميابيءَ جا ڪيترا امڪان سمجهو ٿا؟

جواب: اسان سمجهون ٿا ته اسان جيڪو اسٽينڊ ورتو آهي ان کي جيڪا اخلاقي حمايت ملي آهي ان مطابق اسان سمجهون ٿا ته اها جدوجهد پهرين ئي اڪيلائيءَ هيٺ هلي وئي آهي. تنهنڪري جيڪا جدوجهد اڪيلي ٿي وڃي پيو رخ وٺي ته اها ڪهڙا اثر مرتب ڪري سگهي ٿي اهو هر باشعور ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تنهنڪري اها تحريڪ پنهنجي مثبت اثر ڇڏڻ بجاءِ تحريڪ تي منفي اثر ڇڏيندي.

سوال: توهان جيئن ته شاگرد اڳواڻ آهيو ان حوالي سان آخري سوال ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ڪراچيءَ جي داخلا پاليسيءَ واري مسئلي تي سنڌ جي شاگرد تنظيمن جي هڪ وسيع اتحاد جنم ورتو هيو جيڪو اڳتي هلي غير مؤثر ٿي ويو. هينئر گهڻ ۾ گهڻ سنڌ اندر شاگرد مسئلن جي حل لاءِ اتحاد جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي ان سلسلي ۾ توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟

جواب: اسان ڏهين نومبر ١٩٨٩ع تي پنهنجي مرڪزي باڊيءَ ۾ نئين سر اهو فيصلو ڪيو آ ته سنڌ جي شاگرد تنظيمن جي اتحاد کي جيڪو اڳ ۾ ٺهيل آهي ان کي نئين سر فارم ۽ تحرڪ ۾ آندو وڃي. ڇاڪاڻ ته جتي اسان جا قومي مسئلا آهن، اتي شاگردن جا به مسئلا شدت اختيار ڪندا پيا وڃن ۽ اسان سمجهون ٿا ته ٿوري عرصي جي اندر اسان جا حاڪم مڪمل طور تي تعليمي ادارن کي فوجي ادارن جي حوالي ڪرڻ وارا آهن، جنهن لا ۽ انهن جون تياريون ۽ مورچه بندي هلي پئي ۽ اسين سمجهان ٿو ته جڏهن اهو قدم کنيو ويندو ته شاگرد جدوجهد ۽ شاگردتنظيمن تي وار ڪيو ويندو، تنهنڪري اڳ ۾ ئي انهن کي خبردار ڪرڻ اتحاد جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ اسان اخباري بيان به ڪڍيو آهي ۽ ان لاءِ جلد ميور (——) ڪرڻ وارا به آهيون ته جيئن جلد شاگرد تنظيمن کي گڏ ڪري انهن جي سگهه ۽ اخلاقي سهڪار سان اڪيڊمڪ مسئلن سميت سنڌ جي بنيادي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي.

لينني پارٽيءَ جو تصور ۽ ٿاپ جو جائزو

خادم ٿهيم

مارڪسزم کي الٽو ڪري ڏسڻ، انهن پيٽي بورژوا رحجان قوم پرستاڻه ترميم پسندي، لبرل رحجان برتي ڪرڻ جون حرڪتون، ايتريون پُراڻيون آهن جيترو مارڪسزم خود خيال ۽ نظريا ڪي آسمان تان ڪو نه ٽپڪندا آهن ۽ نه ئي وري زمين مان ڪُنهين وانگر ڦٽي نڪر ندا آهن پر سماج جي معاشي معاشرتي بيج ڊاهه ۽ اُوسر جي نتيجي ۾ جنم وٺندا آهن ۽ هر خيال ۽ نظريو ڪنهن نه ڪنهن طبقي جو ترجمان هوندو آهي ۽ اهو طبقو ان نظريه جو سهيڙيندڙ ۽ سنڀاليندڙ هوندو آهي - مارڪسي فلسفو سرمائيدارانه دؤر (١٨ صدي جي آخر ۽ ١٩ صدي جي شروعات) ۾ اُوسر ورتي ۽ ٢٠ صدي جي ٻئي ڏهاڪي ۾ ئي دنيا جو فاتح نظريو ٿي اُڀريو (سوويت ١٩١٧ع آڪٽو بر انقلاب) - هن نظريه جو سنڀاليندڙ ۽ تخليق ڪار به مزدور طبقو آهي ڇاڪاڻ ته هي مزدور طبقي جو ترجمان آهي - سماج سادهه کان پيچيدهه طرف هر لمحي سفر ڪندو رهي ٿو تنهنڪري انهن نوان نوان مسئلا ۽ پيچيدگيون پيدا ٿيڻ ناگزير آهن، مارڪسي فلسفو سچو ۽ حقيقي آهي ڇاڪاڻ ته هو انهن تمام نون مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مزدور طبقي لاءِ مشعل راهه آهي - جئين ته فرد خود سماج جو حصو آهي ۽ فرد جو فڪر، ۽ سوچ، سماجي ڍانچي، مادي وجود جو عڪس هوندي آهي، انڪري سماج ۾ موجود منفي رحجانن، مخالف طبقن جي چالاڪين کان تڏهن بچي سگهي ٿو ٻي صورت ۾ هُو شعوري يا لاشعوري مٿي ڄاڻايل منفي رحجانن جو شڪار ٿي. انهن کي مارڪسزم ۾ زبردستي ٻرتي ڪرڻ جي ناقابل معافي غلطي ڪري ٿو. بلڪل اهڙي طرح سان وري مارڪسي ڏاهپ کي ڪٽر عقيدو، الهامي، ۽ جامد ڏاهپ سمجهڻ به مارڪسي فڪر سان دشمني جو اظهار آهي.

نظريو ۽ طبقو تحريڪ ۽ تاريخ کي جنم ڏيندڙ قوتون آهن ۽ انهن ٻنهي جي ڪا به جاگرافيائي، فضائي، نسلي، لساني، حد ڪانهي ۽ مارڪسي ڏاهپ به عالمي انڪري آهي ته هُو پوري انسانيت لاءِ آهي ۽ انڪري به آهي ته هي مزدور طبقي (جيڪو پوري دنيا ۾ موُجود آهي) جو نظريو ۽ فڪر آهي، مزدور طبقو عالمي طبقو آهي انڪري انجو نظريو به عالمي آهي. فرق صرف پنهنجي معاشي سماجي بيهڪ تحت مارڪسي بنيادي اصولن کي تخليقي انداز سان لاڳو ڪرڻ جو آهي، ڇاڪاڻ ته مارڪسي ڏاهپ ڪا رٽيل سوچ ڪانهي پر بقول لينن جي عمل لاءِ راهه ڏيکاريندڙ فڪر آهي.

پاڪستان جي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ پڻ اهڙا ڪيترائي لاها چاڙها آيا آهن. جن هتان جي مزدور طبقي ۽ مارڪسي فڪر کي نوان انداز به ڏنا آهن ته ساڳئي وقت ڪجهه گروهن طرفان مارڪسي ڏاهپ ۾ پيٽي بورزوا رحجان، قوم پرستاڻه رحجان ڀرتي ڪرڻ جون ڪوشسون پڻ ڪيون ويون آهن. اهڙن لاهن چاڙهن پاڪستان جي ڪميونسٽ تحريڪ تي وڏيڪ ڏيان ڏيڻ، مارڪسي لينني فڪر جو وڏيڪ گهرو مطالعو ڪرڻ. ۽ انتهائي هوشياري سان مارڪسي اصولن کي تخليقي انداز سان لاڳو ڪرڻ جي گهُرج کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو آهي- (پوري تاريخ تي بحث ڪرڻ هن مضمون جو حصو ناهي) - انهن مان تازو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان مان نڪتل ٻه گروپ افراسياب گروپ جيڪو سي پي پي جي مرڪز ڪميٽي جي گڏجاڻي مان سان ٨٧ع ۾ بائيڪاٽ ڪري نڪري ويو ۽ "اقليتي گروپ" جي نالي سان ڪم ڪندو رهيو. ٻيو گروپ حسن رفيق گروپ جيڪو پارٽي جي ٽين ڪانگريس ١٩٨٩ع مان بائيڪاٽ ڪيو تمام ٿوري تعداد جي ڪاڻو نسلرن سان اٿي ملحدهه گروپ تشڪيل ڏنو ۽ وطن دوست انقلابي پارٽي (جيڪا قوم پرستي کان اُوسر ڪندي مارڪسي لينني بڻي پر اڄ ڪلهه ٽن گروپن ۾ تقسيم ٿيل آهي). جو هڪ گروپ ڊاڪٽر ارباب کهاڙو

انضمام ڪري هڪ نئين پارٽي قومي انقلاب پارٽي (قاپ) تشڪيل ڏني آهي. اخبارن جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي چار پارٽيون ضم ٿي هڪ پارٽي ٺهي آهي. (اعزاز نذير هڪ پارٽي، حسن رفيق گروپ ٻي، افراسياب ٽئين پارٽي، ارباب کهاڙو چوٿين پارٽي) هاڻ حقيقت اِها آهي ته اعزاز نذير، حسن رفيق، افراسياب اِهي ٽيئي ڄڻا ته سي پي پي مان نڪتل آهن يعني اِهو ٿيو هڪ گروپ باقي ڊاڪٽر ارباب جيڪو ٽن حصن ۾ تقسيم ٿيل هو، انجو هڪ حصو قاپ ۾ شامل ٿي ويو باقي ٻه حصا ٻاهر ٿي رهيا. خبر ناهي ته اسانجا هي "مارڪسي ڏاها"، ڪنهن کي بي وقوف بنائڻ ٿا چاهين - خير اسانکي ته قاپ جي تنظيم ۽ سياسي بيهڪ ۾ وڏيڪ دلچسپي آهي.

ٿورو انهن گروپن تي نظر وجهون ته هو ڪٿي بيٺا هُئا.

(١) افراسياب گروپ سي پي پي جي مرڪزي ڪميٽي اندر اقليتي گروپ تشڪيل ڏنو ۽ پارٽي اداري مان بائيڪاٽ ڪيو - جڏهن ته هر ڪميونسٽ ۽ انجي پارٽي جو ليننيِ اصول اِهو هوندو آهي ته اقليتي گروپ جي پارٽي اندر يا پارٽي کان ٻاهر ڪا به گنجائش ڪا نه هوندي آهي. پارٽي اندر فرد جي راءِ ۽ پارٽي کان ٻاهر صرف ۽ صرف پارٽي راءِ هوندي آهي. پارٽي اندر فرد جي يا اقليتي راءِ کي لازمي طور تي، بنا ڪنهن شرط جي اڪثريتي راءِ جي تابع رهڻو آهي، ڇاڪاڻ ته مزدور طبقي جي پارٽي ۾ اقليتي گروپ ٺاهڻ جو مطلب ٿي پارٽي کي تقسيم طرف وٺي وڃڻ ۽ مزدور طبقي کي تقسيم ڪري ويڳاڙو ڪرڻ ۽ بورزوا لاءِ استعمال ڪرڻ واسطي ڇڏي ڏيڻ آهي، تنهنڪري جيڪي به اقليتي راءِ جا گروپ ٺاهين ٿا حقيقت ۾ مزدور طبقي سان غداري ڪري رهيا آهن. اِها ڳالهه مان ڪو نه ٿو چوان پر پوري مزدور طبقي ۽ ڪميونسٽ تحريڪ جي تاريخ تي نظر ڊوڙايو ته منهنجي ان ڳالهه جي تصديق ٿي ايندي يعني افراسياب لينني پارٽي جي بنيادي ترين اصول "اقليت، اڪثريت جي تابع"، جي ڀڃڪڙي ڪندي مزدور طبقه جي پارٽي کي ٽوڙي مزدور تحريڪ ۽ مزدور طبقي جي طاقت کي ڪمزور ڪيو ڪجهه ٻيا اختلاف.

مثال طور (١) مزدور طبقه جي پارٽي سي پي تي اي-اين-پي (عوامي نيشنل پارٽي) کي اوليت ڏيڻ، ايتري قدر جو جام ساقي کي پارٽي ڇڏي ۽ اي اين پي ۾ شموليت اختيار ڪرڻ جون هدايتون ڪرڻ.

(٢) متحده محاذ جي سياست ۽ طبقاتي سياست کي گڏو چڙ ڪرڻ.

(٣) "عظيم پختونستان" جي تنگ نظر قومپرستاڻي لائين اختيار ڪرڻ.

(٤) سنڌ ۾ رسول بخش پليجي جا هٿ مضبوط ڪرڻ ۽ انجي نسل پرست اتحاد، جيڪو سنڌين ۽ اردو ڳالهيندڙن جي وچ ۾ زبردست ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنيو، ۾ ويهڻ ان کا نسواءِ اڃان تائين سنڌ قومي اتحاد، جهڙي جمهوريت مخالف اتحاد ۾ ويهڻ پختونخواهه ۾ ولي خان کي انقلابي سمجهي انجي پويان لڳڻ،

تازوٺي تازو تنگ نظر جاگيردانه اتحاد يعني بلوچ نيشنل الائينس (بي اين اي) جيڪو هڪ اليڪشني (چونڊن واسطي) اتحاد هُو جي ڀرپور حمايت ڪرڻ پنجاب ۾ ڊي ايس ايف کي سرائيڪي شاگرد سانجهه ۾ ضم ڪرڻ جي حرڪت جهڙا قوم پرستانه قدم کڻڻ وغيره.

(٥) قومي جمهوري انقلاب کي واحد قرار ڏئي، سرمائيدارانه جمهوري انقلاب لاءِ جدوجهد ڪرڻ - جيڪو مڪمل طور تي سندن اصلاح پرست سوچ "قانوني مارڪسزم" واري سوچ جو ڪليل اظهار آهي.

اِهي تمام شيون توهان کي سندن ڪانگرس جي دستاويز "انقلاب جو رستو" ۽ گشتي مُراسله - مرڪزي توسيعي اجلاس سي پي پي ۾ ملي وينديون - خود واپ جي "چوٿين ڪانگرس جي سياسي رپورٽ"، ٧ جنوري کان ١٠ جنوري ٨٨ - ۾ هنن لاءِ هي لفظ آهن ته اِهي (اقليتي) قوم پرستن کان به وڌيڪ قوم پرست ٿيڻ جي ڊوڙ ۾ لڳا پيا آهن.

ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ، سي پي پي سان انضمام جون ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون ۽ هاري فرنٽ جو انضمام به ڪري ڇڏيو (سنڌ وطن دوست هاري ڪاميٽي جو انضمام) ۽ ڊاڪٽر صاحب اقليتي راءِ کي رد ڪندي چيو ته اهي بورزوا جا پڇ لٽڪاءُ رهڻ چاهين ٿا. پر بعد ۾ انضمام ته نه ٿي سگهيو اتحاد رهيو جيڪو به اڳتي هلي غير مؤثر بڻجي ويو. ارباب کهاوڙ قومي جمهوري انقلاب سان اتفاق نه ڪيو جو ته قومي جمهوري انقلاب بورزوا آهي، ۽ ڊاڪٽر، "عوامي جمهوري انقلاب،" جي دستاويز هيٺ لاٿي. بهر حال سي پي ۽ واپ، . سوشلسٽ رُخ، تي اتفاق ڪيو، پر اختلاف اِهو پيدا ٿيو ته (واپ) کي پارٽي ۾ پارٽي شڪل، يعني جيڪي ماڻهو (واپ) جي جنهن اداري ۾ ويهن ٿا اُهي (سي پي) جي اُن اداري ۾ ويهندا يعني مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ ضلعي ڪميٽي جو ضلعي ڪميٽيءَ ۾ ضم ڪجي. اِها ڳالهه ڪميونسٽ پارٽي تسليم نه ڪئي. انجا بنيادي ٻه سبب آهن هڪڙو ته (سي پي) ملڪ گير پارٽي آهي انڪري انجي (سينٽرل ڪميٽي) پوري ملڪ مان چونڊجي ٿي ۽ ٻيو ته لينني پارٽي ۾ فرد فردن ايندا آهن نه ڪي پارٽي جي شڪل ۾ ڇاڪاڻ فرد جُڙواڳ پنهنجي بورزوا رجحانن، قوم پرستي، وغيره وغيره رجحانن کان اُو سر ڪندا مارڪسزم ليننزم اپنائيندا آهن، تنهنڪري هو ڪميونسٽ پارٽي ۾ تڏهن شامل ٿي سگهن ٿا جڏهن انهن تمام منفي رجحانن کان آزاد ٿي، پارٽي آڏو پاڻکي پيش ڪن - پر عجيب صورتحال تڏهن وڃي بڻي جڏهن واپ جي مرڪزي اردو ترجمان "هر اول" ۾ "ڪراچي کي علحده ڪرڻ بابت هڪ مضمون ڇپيو ويو، عوامي دٻاءُ پيو ته اهو سمورو نزلو وڃي ٻن ماڻهن تي ڪريو ۽ انهن کي

واپ مان خارج ڪري ڇڏيو (۽ انهن وري ارباب کي ڪڍي ڇڏيو) جڏهن ته ترجمان هر اول واپ جو مرڪزي ترجمان آهي ۽ انجو پورو مواد مرڪزي ڪميٽي

يا سياسي ڪميشن منظور ڪندي آهي. بهرحال هتي به سوال ابري اچن ٿا:

(١) ارباب کهاوڙ (سي پي پي) سان قومي جمهوري انقلاب تي نه ٺهيو پر ڦاپ ۾ بورزوا انقلاب تي ڪيئن وڃو؟!

(٢) ڪانگريس رپورٽ ۾ هنن کي قوم پرست قرار ڏيڻ، سنڌي عوام جي قومي اتحاد مان نڪري بيان جاري ڪرڻ (ڄام، آريسر، ۽ ارباب جي نالي سان سنڌي عوام جي قومي اتحادجي حيدرآباد واري جلسي تي تنقيدي بيان) ته هي نسلي فساد ڪرائڻ چاهين ٿا. جيڪو هڪ دُرست بيان هو ۽ هاڻ ڇا ارباب پاڻکي دُرست ڪيو آهي يا پليجي جي اتحادين پاڻکي دُرست ڪيو آهن.؟؟!

حسن رفيق ته سائين، "عظيم تر" ڪميونسٽ گروپ آهي يعني مزدور طبقي جي پارٽي کي اِن اعلان سان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو، "مزدور طبقي جي وسيع تر ۽ تمام وڏي پارٽي ٺا هيندا." - هاڻ جيڪو پارٽي جي ڪانگرس مان تمام ٿورڙائي جو جٿو ٺاهي بائيڪاٽ ڪري ٿو ۽ مزدور طبقي ۽ انجي پارٽي تقسيم ڪري ٿو اُهو ڪيئن وسيع تر پارٽي ٺا هيندو ۽ جي ٺا هيندو ته ڪهڙي قسم جي پارٽي ٺا هيندو؟ ڪانگريس جيڪو پارٽي جو اعليٰ ترين ۽ بااختيار ادارو هوندو آهي ۽ شديد کان شديد تر اختلاف به هن اداري ۾ طئي ڪري وڃبا آهن، پر شرط اِهو آهي ته انهن اختلافن جو بنياد پارٽي کي بهتر کان بهتر ڪرڻ جي خواهش ۽ پارٽي ۽ طبقي سان دوستي تي ٻڌل هجي. پر اختلاف ئي پارٽي ۽ مزدور طبقي سان دشمني تي ٻڌل هجن ته ڪانگريس ته ڇا پر دنيا جي ڪا به طاقت پارٽي کي تقسيم ٿيڻ کان بچائي نٿي سگهي. اچو ته ڏسون هنن مارڪسي ڏاهن ڪهڙا اختلاف رکيا جيڪي ملڪ انور جي دستاويز، "پاڪستان ۾ سوشلسٽ تحريڪ جو عمومي تجزيو (١٩٨٨ - ١٩٤٧) اردو ۾ ۽ حسن رفيق جي دستاويز ۾ شامل آهن. ان کان علاوه به ڪافي، "ڏاهپ نُسخا" تخليق ڪيا ويا، جيڪي يقينا تاريخ وٽ محفوظ هوندا -

(١) پارٽي جو نالو (ڪميونسٽ پارٽي) تبديل ڪري، انجي ڊسپلن ۽ ضابطي کي سهني لاه قابل قبول ڪيو وڃي. يعني غير قانوني مان اهڙي قانوني شڪل ڏني وڃي جٿين پارٽي مارڪسي لينني مان ڦري حڪمرانن لاءِ پسنديده بنجي وڃي.

(٢) (ايس-ٽي-آر) - سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب سبب سرمائيداري مزدور طبقي کي خوشحال بنائي ڇڏيو آهي انڪري طبقاتي جدوجهد جو سوال ناهي رهيو بلڪ عالمي امن يعني هٿيارن جي خلاف جدوجهد ڪجي.

(٣) سامراجي گهڻ قومي ڪمپنيون (جيڪي قومن جي استحصال جو سامراجي وسيلو آهن - ليڪ) جي مخالفت نه ڪجي ڇا ڪاڻ ته اِهي ڪمپنيون اسانجي ترقي جو وسيلو آهن.

(٤) ڪميونسٽ پارٽي سنڌ جي پارٽي بنجي وئي آهي ۽ ان جو ڪردار قوم پرست بنجي ويو آهي.

(٥) آخر ۾ ته هي اجلاس (ڪانگريس) غير آئيني ۽ غير جمهوري آهي، انڪري اسين هن اجلاس کي ٺا مڃون ۽ ائين ڇٽي اسانجا مارڪسي ڏاها پارٽي جي نمائنده اداري مان نڪري هليا ويا.

انهن تمام متضاد فرقن يعني هڪڙو بورزوا جمهوري انقلاب جو حامي، ۽ قوم پرستي جو شڪار. ڊاڪٽر صاحب انهن ٻنهي رحجانن جو الزام لڳائيندو رهيو، وري حسن رفيق مورگوئي طبقاتي جدوجهد، لينني اصولن تحت ٺهيل پارٽي کان ئي انڪاري ۽ سي-پي-پي تي قوم پرستي وجهڻ هو الزام هڻي، علحدگي اختيار ڪئي ته اهي سڀئي رنگارنگي مارڪسي گروپ پاڻ ۾ ڪئين هڪ پارٽي ۾ ۽ ڪهڙي بنيادن تي، ڪهڙي مستقبل اڏڻ لاءِ متحد ٿي ويا؟؟؟ هنن رنگارنگي مارڪسي گروپن جي تابڙ توڙ جدوجهد جو نتيجو "ڦاپ"، نڪتو. اچو ته پهرئين، "ڦاپ"، جو تنظيمي جائزو وٺون. (اسان وٽ صرف اخباري رپورٽ آهي جنهن جي ڪا بہ ترديد ڪا نه ٿي آهي انڪري اسين ان کي مستند سمجهي سگهون ٿا)... روزانه "عوامي آواز" جمعو ١٥ - سيپٽمبر ۾ رپورٽ آهي ته، "هي پارٽي پورهيت عوام، پورهيت طبقي جي پارٽي سڏائيندي."

يقينن پارٽي ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي نمائينده هوندي آهي. سرمائيدارانه سماج ۾ ٻه طبقا يعني مزدورطبقو ۽ سرمائيدار طبقو، جيڪي مسلسل هڪٻئي خلاف مصروف جدوجهد هوندا آهن. سماج جو سڀ کان اڳتي وڌيل، مستقل انقلابي ۽ منظم طبقو صرف مزدور طبقو ئي هوندو آهي ۽ هي اڳواڻ هوندو آهي ڇاڪاڻ ته باقي، "عوام". انجي گرد جمع هوندا آهن ته سماج جي باقي پورهيت عوام لاءِ ٻه رستا هوندا آهن ته هو يا ته سرمائيدار جي چو گرد جمع رهن يا مزدور طبقي جي اڳواڻي قبول ڪن ڇاڪاڻ ته مزدور طبقو پنهنجي نجات سان گڏ وگڏ پوري عوام ۽ مظلوم قومن جي نجات لاءِ ويڙهه ڪندو آهي. تنهنڪري عوام جي پارٽي مان ڇا مراد آهي؟ ڇاڪاڻ ته "عوام جو مطلب ته اهي سماج جا تمام فرد هوندا آهن جيڪي پيداواري عمل ۾ حصو وٺن ٿا مثال طور مزدور، هاري، ٻڌي بورزوا، محنت ڪش عورتون، استاد، ڪلرڪ، محنت ڪش نوجوان وغيره سميت تمام پيداواري عمل ۾ ڀاڱي ڀائيوار فرد ۽ انهن تمام کي گڏائي پورهيت عوام (عام ماڻهو) يا پورهيت طبقو (سماج جو محنت ڪندڙ حصو)، مارڪسزم به مزدور طبقي جو نظريو آهي ۽ ان حوالي سان پوري پورهيت

طبقي ۽ مظلوم قومن جي آزادي جي تحريڪ لاءِ مشعل راهه آهي. اهڙي طرح سان عوام جو رهنما مزدور طبقو ۽ مزدور طبقي جو رهنما مزدور طبقي جي لينني پارٽي ڪميونسٽ پارٽي هوندي.

جيئن لينن واضح ڪيو ته، "سوشل ڊيموڪريٽ، پرولتاريه کي چون ٿا ته اسانجي ملڪ ۾ انقلاب (عارضي انقلابي جمهوري ڊڪٽيٽر شپ - ليڪ) پوري عوام جو آهي، ان لاءِ انتهائي ترقي يافته ۽ واحد مڪمل انقلابي طبقي جي حيثيت ۾ توهان کي (مزدور طبقه کي) نه صرف هن ۾ سرگرمي سان حصو وٺڻ گهرجي، پر هن ۾ رهنما جو ڪردار به ادا ڪرڻ گهرجي". (سوشل ڊيڪوڪريسي ۾ ٻه طريقه ڪار - صفحه ڏسو - ١٣٣ - مضمون لکڻ جي تاريخ جون - جولائي ١٩٠٥ع - مان لينن جي هر مضون سان تاريخ به ڏيان ٿو ته جيئن پڙهندڙ مضمون لکڻ واري وقت دوران ان وقت جي معروضي حالتن کي نظر ۾ رکن).
جيڪڏهن ڪا به پارٽي مزدور طبقي جي پارٽي ناهي ته اها يا ته پيٽي بورزوا پارٽي (پوري عوام جي) يا بورزوا پارٽي هوندي. انڪري اگر ڦاپ پورهيت عوام ۽ پورهيت طبقي جي پارٽي آهي ته مزدور طبقي ۽ انجي نظريي جي نه (پر ممڪن آهي ان سان گڏ) پر حقيقت ۾ هي پيٽي بورزوازي لبرل پارٽي آهي.

ٻيو ته هي دوست عوام جي عبوري جدوجهد ۽ پرولتاريه ڊڪٽيٽر شپ (سوشلسٽ جدوجهد) کي گڏوچڙ ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندي نظر اچن ٿا. مثال "سوشلزم منزل هوندي" سوشلزم هاڻ "پرولتاري ڊڪٽيٽر شپ" آهي ۽ انکي صرف مزدور طبقو ئي قائم ڪري سگهي ٿو ۽ اهو به تڏهن جڏهن ان وٽ هڪ پرولتاري لينني پارٽي جو هٿيار هجي. يعني پارٽي ته عوام يعني پيٽي بورزوازي ۽ منزل وري سوشلزم، سائين اهي ٻئي ڳالهيون ڪيئن ٿا ملايو؟ سوشلزم صرف پرولتاري پارٽي قائم ڪري سگهي ٿي باقي عوام ته انجا ويجها ۽ بهترين اتحادي ۽ پوئلڳ آهن.
ڪميونسٽ فوري، عبوري جدوجهد ۽ سوشلزم جي جدوجهد کي گڏ مُڏ نه ڪندا آهن انهن ۾ تخليقي رابطو قائم ڪندا آهن ۽ فوري جدوجهد، عبوري جدوجهد ۾ رهنما جو ڪردار ادا ڪندي انکي " پرولتاري ڊڪٽيٽر شپ

ڪميونسٽ فوري، عبوري جدوجهد ۽ سوشلزم جي جدوجهد کي گڏ مُڏ نه ڪندا آهن، انهن ۾ تخليقي رابطو قائم ڪندا آهن ۽ فوري جدوجهد، عبوري جدوجهد ۾ رهنما جو ڪردار ادا ڪندي ان کي پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ يعني سوشلسٽ جدوجهد سان جوڙڻ جو فرض ادا ڪندا آهن.

يعني سوشلسٽ جدوجهد سان جوڙڻ جو فرض ادا ڪندا آهن. سوشلسٽ جدوجهد ۽ عام، فوري، عبوري جدوجهد کي پيٽي بورزوازي ۽ بورزوازي ئي هڪٻئي ۾ وچڙائيندا آهن ته جيئن مزدور طبقي کي منجهائي ۽ پنهنجي پارٽي کان علحده ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهن. لينن انهي افاديت کي هيئن واضح ڪري ٿو، "ڪنهن به سوشل ڊيموڪريٽ کي هڪ لمحي لاءِ به اهو نه وسارڻ گهرجي ته پرولتاريه کي لازمي طورتي انتهائي جمهوري ۽ ريپبلڪن بورزوازي ۽ پيٽي بورزوازي جي خلاف به سوشلزم جي لاءِ طبقاتي ويڙهه وڙهڻي پوندي - اِن ۾ ڪو به شڪ ناهي. ان لاءِ سوشل ڊيڪوريسي جي هڪ علحده، خود مختيار، خالص طبقاتي پارٽي جي قطعي ضرورت آهي."
(سوشل ڊيڪوڪريسي ۾ ٻه طريقه ڪار صفحه ٩٠ - ١٩٠٥)
سوشل ڊيموڪريٽ ليبر پارٽي جيڪا روس جي مزدور طبقي جي پارٽي هُئي ۽ ١٩٠٥ع دوران هي پارٽي روس ۾ بورزوا جمهوري انقلاب لاءِ وڙهي رهي هُئي ڇاڪاڻ ته اقتدار تي جاگيردارن جو قبضو هو ۽ تمام پيٽي بورزوا، بورزوا، لبرل قوتون ان خلاف وڙهي رهيون هيون ۽ لينن زار شاهي خلاف ويڙهه کي بورزوا جمهوريت لاءِ ويڙهه قرار ڏئي انهِ هر اول جو ڪردار ادا ڪرڻ تي زور ڀريو ۽ پارٽي جي خودمختيار حيثيت کي واضح ڪندي عبوري يعني هارين مزدورن، پيٽي بررجوا ۽ پوري عوام جي عارضي انقلابي حڪومت لاءِ ويڙهه ۽ سوشلزم جي ويڙهه ۾ تخليقي ۽ سائنسي رابطو جُوڙيو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڪتاب پڙهو.
اسانکي لينن جي هن اصول کان سبق وٺڻ گهرجي ۽ انجي روشني ۾ عبوري مرحلي ۽ سوشلزم جي ويڙهه کي تشڪيل ڪرڻ گهرجي. ڦاپ لينني پارٽيءَ جي هڪ اهم ترين ۽ بنيادي اصول کان انحراف ڪيو آهي ۽ اهو انتهائي غور طلب پڻ آهي - ساڳي ڏينهن جي اخبار ۾ رپورٽ آهي ته "پارٽيءَ جون قومي وحدتون پنهنجي مخصوص حالتن مطابق حڪمت عملي ۽ اتحاد ٺاهڻ لاءِ آزاد آهن."
لبرل پيٽي بورزوازي رحجان (سرمائيدارانه انفرادي آزادي ۽ ڇڙواڳي موقع پرستانه رحجان) هن فيصلي سان ئي

واضع ۽ چٽو جهلڪي رهيو آهي. لينني پارٽي جا بنيادي چار اصول هوندا آهن.

(١) پارٽي ادارا (٢) جمهوري مرڪزيت (٣) مارڪسي تعليم تربيت (۴) سخت ۽ آهني نظم وضبط.

ڪو به مادو بغير مرڪز جي زنده نٿو رهي سگهي. جهڙي طرح مرڪز جي گرد اليڪٽران چڪر لڳائيندا آهن ۽ مرڪز گريز قوت ۽ مرڪز مائل قوت عمل ڪندي آهي. جيڪڏهن مرڪز گريز قوت مرڪز جي طاقت کان وڌي وڃي يعني مرڪز ڪمزور ٿي وڃي ته پوءِ اليڪٽران مرڪز کان دور هٽي ويندا آهن اهو سائنس جو اٽل اصول آهي. سياست جو مرڪز، "طبقاتي مفاد"، هوندو آهي جنهن جي گرد سڄي سياست ڦرندي آهي ۽ عوام مظلوم قومن جو مرڪز، "مزدور طبقو" ۽ مزدور طبقي جو مرڪز سندس پارٽي آهي ۽ پارٽي جي قوت سندس ان جا مضبوط ادارا ۽ با تربيت طبقو ۽ عوام هوندي آهي. پارٽي ڪارڪن هن ڦرلٽ ۽ ڪرپشن جي سماج جو حصو هوندا آهن هاڻ انهن منفي رحجانن (مرڪز گريز قوت) کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تربيت ۽ تعليم کي عام ڪري ڪيڊرڪي نظم ۽ ضبط ۾ رکجي يعني مرڪز مائل قوت جي زور کي وڌائجي ۽ اهو صرف هڪ اهڙي جمهوري مرڪزيت وسيلي ممڪن آهي نه ته ڪيڊر منفي رحجانن جو شڪار ٿي بجاءِ مزدور پارٽي جي گرد جمع ٿيڻ جي، اتان مرڪز گريز قوت جي (منفي رحجانن) سبب هٽي ويندو، نتيجي ۾ مزدور طبقي جي جدوجهد کي زبردست نقصان رسندو ۽ جهڙي طرح سان بغير مرڪزيت جي مادو زنده نٿو رهي سگهي، پارٽي به بغير جمهوري مرڪزيت جي انقلاب ته پري جي ڳالهه خود پنهنجو وجود نه ٿي بچائي سگهي. عدم جمهوري مرڪزيت جو مطلب ٿي ڪيڊر ۽ مزدور طبقي کي ڇڙواڳي، لبرل ازم، منفي رحجان لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏيڻ ۽ بورزوا لاءِ راهه هموار ڪرڻ آهي.

جمهوري مرڪزيت (هڪجهڙو ضابطو، چونڊيل ادارا، پارٽي آڏو جوابدهي، مرڪزي ادارا، اقليت اڪثريت کي تسليم ڪري. هيٺيان ادارا مٿين ادارن جي فيصلي تي عمل ڪن. ڪانگرس، ڪانفرس وغيره ڪرائڻ) مزدور طبقي کي اها طاقت فراهم ڪري ٿي ته هو انهن منفي رحجانن جي خلاف ويڙهه ڪري، ۽ هي پارٽي جي طاقت جو سر چشمو مزدور طبقي جي فتح جي ضمانت آهي. بغير جمهوري ۽ مرڪزيت جي لينني پارٽي جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي. قاپ وحدتن کي حڪمتِ عملي ڏاهڻ، اتحاد ڏاهڻ جي اجازت ڏئي جمهوري مرڪزيت تان انحراف، ڪيو آهي. جا مرڪزي ڪميٽي ۾ اها صلاحيت ڪانهي ته هُو ڪنهن فوري ۽ گهُر بل حڪمتِ عملي يا ڪنهن اتحاد جي سوال تي وحدتن جي رهنمائي ڪري سگهي، پارٽي ته سياسي ۽ انقلاب جي رهنما هوندي آهي، جنهن پارٽي جي مرڪزي اداري ۾ فوري پاليسي جوڙڻ جي صلاحيت



ڪانهي اها پارٽي ڪيئن مزدور طبقي، مظلوم قومن جي نجات جو وسيلو ٿي سگهي ٿي؟ اها هڪ سائنسي تخليقي قوت کان عاري پارٽي ۾ ئي ممڪن آهي. مٿي جيئن مون ذڪر ڪيو آهي ته عدم جمهوري مرڪزيت ڪيڊر سي هٽڻ ٿي منفي رحجانن (قوم پرستي، لبرل ازم، پيٽي بورزوازي، دهشتگردي، نسل پرستي وغيره جي حوالي ڪرڻ آهي) انجا اسان وٽ مثال آهن.

(١) عوامي نيشنل پارٽي - سامراج دشمن، ترقي پسند جماعت، سنڌ ۾ پليجو صاحب نسل پرستانه عملن ۾ مصروف ۽ تازو ولي خان آءِ جي آءِ سان اتحاد ڪري جمهوريت خلاف رجعتين سان بيٺو آهي، ۽ هي جو جواب هڪڙو ئي آهي ته مرڪز سڀني کي اجازت ڏني آهي ته جيئن وڻي تيئن ڪيو. يعني عدم جمهوري مرڪزيت پيٽي بورزوا، لبرل ۽ بورزوازي پارٽي جو طره امتياز آهي.

(٢) اسانجا اقليتي موجوده "قاپ"، جا اڳواڻ سنڌي عوام جي قومي اتحاد ۾ ويٺا رهيا ۽ سنڌ جي قومي حقن لاءِ پنهنجي پر ۾ وڙهي رهيا آهن پر خبر تان پئي ته سنڌ خانه جنگي جي باهه ۾ ٻري رهي آهي جا اقليتي ڪالا باغ ڊيم جي آڙ ۾ سنڌ ۾ ڦهليل نسل پرستي ۾ ملوث ناهن؟ تمام سنڌ جي ترقي پسندن، ڪميونسٽ، قوم پرستن دانهون پئي ڪيون ته يارو اهو اتحاد سنڌ ۾ خانه جنگي ڪرائيندو پر اسانجا اقليتي پليجي ۽ سنڌ جي عشق ۾ ايڏا ته انڌا ٿي ويا جو نه ڏسڻ پئي آين نه ٻڌڻ جو ته پارٽي طرفان اجازت هُئي ته پليجي جا هٿ مضبوط ڪيو، جيئن وڻي، تيئن ڪيو.

(٣) سنڌ قومي اتحاد ٺهيو، جمهوريت جي خلاف بيٺو آهي ته به ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن، خوف ته متان سنڌ دشمن ٿي وڃون. يعني جمهوريت دشمن، ڀل هجون پر سنڌ دشمن نه ٿيون، جڏهن ته ڳالهه ساڳي آهي پر ڪير ڪنٽرول ڪري مرڪز اجازت جو ڏئي ڇڏي آهي!

ليننيءَ پارٽيءَ جو تصور ۽ قاپ جو جائزو

خادم ٿهيم

(۴)بي اين اي (بلوچ نيشنل الائنس) جي حمايت ڪرڻ، ولي خان جي ليڊرشپ تي اکيون ٻوٽڻ وغيره وغيره. يعني ڪٿي به ڪا به هڪجهڙائي ڪانهي. يعني عدم جمهوري مرڪزيت سان انقلابيت ۽ سچائي جو پڻ خاتمو اچي وڃي ٿو ۽ قول ۽ فعل ۾ تضاد پيدا ٿيو وڃي، جيڪڏهن لينن جي انهيءَ اصول کان اجان به انحراف جاري رهيو ته اهو قول ۽ فعل جو تضاد اجان وڌيڪ گهرو ٿيندو.

جيڪا پارٽي عالمي سامراج، رجعتي فوجي جنرلن، رجعتي قوتن ۽ بدعنوان سماج جي درميان هجي ۽ اها سماجي تبديلي کي پنهنجي منزل قرار ڏئي ته اها بغير جمهوري مرڪزيت ۽ سخت آهني ضابطي جي بغير نه صرف منزل تائين ڪا نه پهچندي پر خود پنهنجو وجود انهن دشمن قوتن هٿان وڃائي ويهندي. جيئن لينن واضع ڪيو آهي ته "قطعي مرڪزيت ۽ پرولتاريه جو سخت ضابطو، بورزوازي تي فتح حاصل ڪرڻ جون بنيادي شرطون آهن". (مضمون "بالشويڪن جي ڪاميابي جو هڪ بنيادي شرط - صفحو ۱۰ - ڪتاب - مزدور تحريڪ ۾ ڪٽرپڻي ۽ گروهه بندي جي خلاف) ساڳئي مضمون ۽ ڪتاب جي صفحو ۱۲ تي لينن هن جي وضاحت هيئن ٿو ڪري "۲۰-۱۹۱۷واري سال دوران بالشويزم (اڪثريتي) بي نظير سخت حالتن ۾، انتهائي سخت مرڪزيت، ۽ آهني ضابطو تخليق ڪري سگهيو، ۽ انکي ڪاميابي سان ڪامياب رکي سگهيو". ساڳئي مضمون ۾ لينن انجي اهميت کي ظاهر ڪندي چوي ٿو ته "غالبا هاڻي هر ماڻهو ڏسي ٿو ته جيڪڏهن اهي انجي پارٽي ۾ سخت ۽ آهني ضابطو نه هجي ها، سموري مزدور طبقي طرفان هنکي ڀرپور ۽ مڪمل حمايت حاصل نه هجي ها........ ته بالشويڪ (اڪثريتي) اڍائي سال ته ڇا، اڍائي مهينن تائين به اقتدار ۾ نه رهي سگهون ها". ان پيراگراف جو مطلب آهي ته انقلاب آڻڻ، انقلاب بچائڻ، سواءِ جمهوري مرڪزيت ۽ سخت ضابطي جي ناممڪن آهي.

ممڪن آهي دوست اها ڳالهه ڪن ته "هنن جي قاپ قومن ۽ وحدتن جي خودمختياري جي قائل آهي". جهڙي طرح طبقي ۽ پارٽي ۾ فرق آهي ته بلڪل اهڙي طرح پارٽي ۽ قوم ۾ به فرق هوندو آهي. قومن جي حق خوداراديت جو وسيلو پارٽي هوندي آهي پر جيڪڏهن خود جڙواڳي ۽ عدم جمهوري مرڪزيت سبب پارٽي جو وجود ڪمزور هجي ته اها قوم جي حق خوداراديت لاءِ وڙهڻ جي به قابل نه ٿي رهي.

بيو ته پارٽي اندر آزادي، پسند پسند جا نظريا ۽ حڪمت عمليون ويهي ٺاهڻ جي، يعني پارٽي اندر حق خوداراديت جي ڪا به گنجائش ڪانه هوندي آهي، جاڪاڻ ته ان سان مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي جدوجهد کي ويڳاڙپ جو شڪار ڪري ڪمزور ته ڪري سگهجي ٿو پر انهن جي رهنمائي ڪرڻ ناممڪن آهي. جڙو اڳي، لبرل ازم ۽ مارڪسزم گڏ گڏ رهي نٿا سگهن ۽ هي رستو تنگ نظر قوم پرستي ۽ پڻ بورزوا پڻي طرف ويندو آهي.

قومي مسئلي کي بنياد بنائي، مزدور طبقي جي پارٽي کي تقسيم ڪندڙ ۽ قومي حقن جي جدوجهد جي چيمپين شپ جا داعي، هڪ اهڙي حرڪت ڪري ويٺا آهن جنهن جي توقع ڪنهن مارڪسي ليننيءَ بجاءِ صرف توسيع پسند تنگ نظر قوم پرست بورزوا کان ئي ڪري سگهجي ٿي. قاپ ڪانفرنس اعلان ڪيو آهي ته "بلوچستان ۾ پشتون علائقي کي پختونخواهه وحدت ڪميٽي ۽ بلوچ علائقي کي بلوچ وحدت ڪميٽي جو حصو قرار ڏنو ويو."

هي رحجان سڌو پشتون تنگ نظر قوم پرستي ۽ "عظيم پختونستان" واري لائين جو حصو آهي جيڪا حفيظ الله امين طرفان پڌري ڪئي ويئي هئي. قومي انقلابي پارٽيءَ بلوچستان کي تقسيم ڪري بلوچستان جي عوام کي تقسيم ڪرڻ جي حرڪت ڪئي آهي، نه صرف ايترو پر بلوچستان کي تقسيم ڪري بلوچ عوام ۽ پشتون عوام کي هڪٻئي جي مدِ مقابل بيهاري ڇڏيو آهي ۽ نه صرف بلوچ دشمني پر ساڳئي وقت پشتون دشمني جو پڻ اظهار ڪيو آهي. هي حرڪت قاپ تي ڇانيل قوم پرستيءَ، بورزوا رحجان کي ظاهر ڪري وڌو آهي.

هڪ ئي وحدت يا قومي رياست ۾ هڪ کان وڌيڪ نسل، لساني، ثقافتي گروهه ۽ ننڍيون ننڍيون قوميتون جنم وٺنديون آهن. ڪميونسٽ انهن قومن ۽ قوميتن ۽ نسلن، لسان جا تمام قومي جمهوري حق بحال ڪري انهن ۾ محبت، دوستي ۽ ڀائپي پيدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندا آهن نه ڪي سرمائيدارانه ۽ سامراجي ٻج ڏاهه جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل پيچيدگين کي وڌيڪ پيچيده ڪري ۽ قومن کي هڪٻئي جي مدِمقابل بيهارڻ جي حرڪت ڪندا آهن. خود سنڌ ۾ سنڌي کان علاوه اردو، بلوچي، سرائيڪي ۽ ڍاٽڪي ٻوليون وڏي تعداد ۾ ڳالهايون ٿيون وڃن، جيڪب آباد سنڌ جو علائقو آهي جنهن ۾ بلوچن جي گهڻائي آهي، هاڻ ڪير جيڪڏهن جيڪب آباد کي بلوچ وحدت ڪميٽي قرار ڏئي صرف اڪثريت جي بنيادن تي ته ان کي سنڌ دشمني چئبو نه ڪي سنڌ دوستي - اهڙي طرح سان پشتو، پاڪستان، ڀارت، ايران، افغانستان ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. افغانستان ۾ انقلاب آڻڻ کان پوءِ حفيظ الله امين جي دورِ اقتدار ۾ هن قومي جمهوري انقلاب کي بجاءِ سوشلسٽ ۽ مزدور رنگ ڏيڻ جي انکي "پشتون قوم پرستي" طرف ڌڪڻ لڳو ۽ "عظيم پختونستان" جو نظريو گهڙيو، جنهن جو مطلب علائقي جي سڄي پشتون قوم کي متحد ڪري پختونستان کي جنم ڏنو وڃي. اها لائين اڪثر پشتون قوم پرستن اپنائي خود سي پي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر جيڪي اڄ "قاپ" جا به مرڪزي ليڊر آهن اپنائي، پر هن لائين جو موت به حفيظ الله امين جي موت سان گڏ ٿيو.

اها عظيم پختونستان جي لائين ڪنهن به طرح محب وطني جو اظهار ناهي پر اها نه صرف مزدور دشمن پر خود قومن سان پڻ دشمني جو ڪارڻ پيدا ڪري ٿي. بلوچستان ۾ سامراج دشمن قومي آزادي جي تحريڪن جون پاڙون ڪافي مضبوط آهن انکري بلوچستان ۾ سامراج ۽ رجعتي قوتون عوام جي قوت کي ڪچلڻ جون مسلسل سازشون ڪندا رهيا آهن جن ۾ پشتونن ۽ بلوچن کي هڪٻئي جي خلاف استعمال ڪرڻ پڻ شامل آهي، پر بلوچستان جو عوام پنهنجي شعور، ۽ ڀڏي سبب انهن سازشن کي ناڪام بنائيندو رهيو آهي، پر اسانجا هي مارڪسي ڏاها پشتونن ۽ بلوچن کي تقسيم ڪري، ڪهڙي قسم جي مارڪسيت جو اظهار ڪري رهيا آهن؟ هي ڪنهنجا هٿ مضبوط ڪري رهيا آهن خود لينن ڪيترن هنڌن تي واضع ڪيو آهي ته جيڪو به مزدور طبقي کي نسلي لساني يا قومي بنيادن تي تقسيم ڪري ٿيو اهو نه صرف پرولتاريه جو غدار آهي پر خود انهي قوم جو بجنهن سان هو وابسطا آهي خود سوويت يونين جي اندر هڪ ئي وحدت ۾ هڪ کان وڌيڪ نسل - لسان ۽ ننڍيون ننڍيون قوميتون رهن ٿيون، پر اتي نه ته انهن کي علحده علحده پارٽي وحدتن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي نه ئي ان مسئلي کي پيچيده ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪئي ويئي آهي. پر اتي انهي وحدت، قومي رياست جي هڪڙي ئي پارٽي آهي جيڪا انجي تمام قومي جمهوري حقن جي محافظ آهي. هاڻ يا ته اهي (سوويت يونين وارا) مارڪسي ليننيءَ ڪميونسٽ آهن يا قاپ وارا آهن. قاپ جو قومي مسئلي ڏانهن رويو قطعي طور تي مارڪسي ليننيءَ ناهي پر قطعي طور تي تنگ نظر قوم پرستانه ۽ سرمائيدارن جهڙو آهي. جيڪو مزدور طبقي، مارڪسزم لينزم، ۽ انجي پارٽي سان قطعي طور تي ميل نه ٿو رکي.

تنظيمي ڍانچو، ڪنهن به نظرئي ۽ رحجان جو کليل اظهار هوندو آهي. جيڪڏهن اسين کليل چهرو پڙهي ورتو ته پوءِ، تنظيم جي نظرئي ۽ رحجان کي پرکڻ آسان بڻجي ويندو.

افراسياب خٽڪ سيڪريٽري جنرل قومي انقلابي پارٽي پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ چار نعرن جو اعلان ڪيو.

(۱) پاڪستان کي سامراج کان آزاد ڪرايو.

(۲) محنت ڪش عوام کي جمهوري آزاديون ۽ بنيادي انساني حق ڏياريا وڃن.

(۳) قومن ۽ قوميتن کي قومي حق خوداراديت ڏياري قومي جبر جو خاتمو آندو وڃي.

(۴) تحريڪ کي ڪامياب بنايو وڃي.

ڪير آزادي ڪرائي؟ هي فرض ڪنهن جا آهن؟ اهي فرض ڪيئن پورا ٿيندا. اهي فرض مزدور طبقي جا عبوري فرض آهن ۽ صرف قومي جمهوري انقلاب ذريعي ئي پورا ڪري سگهجي ٿو. جڏهن قاپ قومي جمهوري انقلاب کي واهمو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. چا نعرا پيش ڪرڻ سان يا مطالبن ڪرڻ سان سامراج، جاگيرداري باقيات، دلال ۽ اجارادار سرمائيداري، فوجي غلبي، ۽ رجعتي قوتن کان نجات ملي ويندي؟ هرگز نه. هي عبوري مطالبا اڄ اسانجي ملڪ جي مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن جا وڏا مطالبا آهن جيڪي نعرا ڏيڻ سان نه پر انقلاب برپا ڪرڻ سان ئي حاصل ڪري سگهجن ٿا، بزور طاقت. جيئن لينن وضاحت ڪئي ته "قومن جي زندگي جا وڏا وڏا سوال صرف طاقت سان ئي طئي ٿيندا آهن."

(سوشل ڊيموڪريسي ۾ ٻه طريقه - صفحه ۱۴۱ - هتي لينن لفظ طاقت استعمال ڪيو اهي، اهڙي طاقت جيڪا سامراج، دلال ۽ اجاراداري سرمائيداري جاگيرداري باقيات وغيره جو خاتمو آڻي، اها طاقت آهي مزدور طبقو ۽ انجي پارٽي ۽ انجي نتيجي ۾ قومي جمهوري انقلاب برپا ڪري مزدور ۽ انجي پارٽي مٿيان فرض ادا ڪندي آهي.

قاپ ڪانگرس دستاويز صفحه ۱۴۵ ۾ لکيل آهي ته "آزاد سماجي معاشرتي ترقي". جنهن جو رُخ سامراج، جاگيرداراڻه باقيات ۽ مقامي رجعتي قوتن جي خلاف مسلسل جدوجهد طرف هوندو".

اڄ سرمائيداري ۱۹-صدي جي آزاد مقابلي بازي شڪل نٿي رکي پر سرمائيداري مڪمل اجاراداري شڪل اختيار ڪري سامراجي، يعني سڙندڙ نظام بڻجي چڪو آهي. سرمايو اڄ وڏين وڏين ڪمپنين، سنڊيڪيٽن، ڪارپوريشن، ٽرسٽن ڪارٽيلن جي ڪنٽرول آهي، جن پوري عالمي منڊي تي اجاراداري قائم ڪري، غريب مُلڪ کي پنهنجي رياستي سرمائي ۽ نجي سرمائي جي زنجيرن ۾ جڪڙي، بي وس ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن ملڪن کي پنهنجي جديد نوآبادين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، اهڙن جديد ملڪن جو بورزوا به يا ته سامراج جو دلال آهي يا انجو اتحادي، انڪري انجو سامراج دشمن ڪردار يا ته ختم ٿي ويو آهي يا نه هجڻ جي برابر آهي. اسانجي اُبرندڙ، بورزوا جو ڪردار وري تمام گهٽ ڦرندڙ رهيو آهي، ايتري قدر جو هو جمهوري تحريڪ ۾ جمهوري قوتن بجاءِ رجعتي قوتن سان بيٺل آهي، انجا به سبب آهن، هڪ رجعتي قوتون اقتدار ۾ اثر رکن ٿيون ۽ جمهوري قوتون اقتدار ۾ ڪمزور آهن، ۽ سرمايو فوجي بيوروڪريسي جي شاهين فائونڊيشن ۽ ان کان علاوه به ڪيترين ملون، ڪارخانه ۽ تعميراتي ڪم فوجي بيوروڪريسي تحت ئي رهيا آهن، تنهنڪري اسانجو بورزوا انهن منظم رجعتي قوتن ۽ فوجي بيوروڪريسي آڏو مجبور آهي. ٻيو سبب ته عوام جو شعور اڳتي وڌيل آهي تنهنڪري عوام سماجي تبديلي، زمين جو هارين ۾ تقسيم ڪرڻ جهڙا مطالبا ڪري رهيو آهي ۽ شهيد ڀٽي کي به سوشلزم جو سهارو وٺڻو پيو، جنهن تي اڪثر پي پي جا رئيس ۽ سرمائيدار ٽوڙي سامراجي قوتون ناراض هونديون هيون ۽ هُو به سمجهي ٿو ته جيڪڏهن هن انقلاب ۾ ڪردار ادا ڪيو ته عوام اڳتي وڌي ويندو ۽ ان سان خود انکي (بورزوا) نقصان جو خطرو نظر اچي رهيو آهي تنهنڪري نه صرف هو انقلاب ۾ ڪردار ادا ڪرڻ کان انڪاري آهي پر بورزوا جمهوري انقلاب يا جمهوري تحريڪ جي مخالفت ۾ بيٺو نظر ايندو آهي. تنهنڪري اها مزدور طبقي جي ذميداري ٿئي ٿي ته هو سماج جي آزاد معاشي معاشرتي ترقي لاءِ اڳتي وڌي ۽ رهنمائي جو ڪردار ادا ڪري. پر سوال پيدا ٿئي ٿو ته آزاد معاشي ترقي ڪنهن جي لاءِ ؟ ۽ ڪيئن قائم ڪري سگهجي ٿو. اِتي افراسياب خٽڪ جو موقف ۽ ليننيءَ پارٽي جي موقف جي درميان ليڪ نڪري ٿي. ڪالهه مزدور طبقو سرمائيدار لاءِ انقلاب ڪندو هو، ڇاڪاڻ ته مزدور کي پارٽي، نظريو ڪو نه هو ۽ هو سرمائيدار ۽ جاگيردار جي گهيري ۾ هوندو هو، بدترين دشمن جاگيردار کان جان ڇڏائڻ لاءِ، بهتر دشمن سرمائيدار جي پويان لڳي بورزوا انقلاب برپا ڪندو هو پر اڄ مزدور طبقو دنيا جو فاتح طبقو آهي، ان وٽ پنهنجو نظريو ۽ پارٽي موجود آهي تنهنڪري هو بورزوا لاءِ انقلاب ڪرڻ بجاءِ خود پنهنجي لاءِ انقلاب ڪرڻ جي قابل ٿي ويو آهي. تنهنڪري ۽ مزدور طبقو سموري محنت ڪش عوام جي اتحاد سان قومي جمهوري حق بحال ڪندو آهي، اهو

تڏهن ممڪن آهي جڏهن مزدور طبقو پنهنجي خود مختيار پارٽي وسيلي اقتدار تي قبضو ڪري ۽ محنت ڪش عوام جي حڪومت قائم ڪري. پر "قاپ"، قومي جمهوري انقلاب، کي واهمو قرار ڏئي سامراج دشمن، ۽ جاگيردار دشمن، آزاد معاشي معاشرتي ترقي، بورزوا جمهوري انقلاب جو رستو ڏئي، حقيقت ۾ پنهنجي پروگرام کي اصلاح پسندي، ٽريڊ يونين ازم تائين ڪيرائي، بورزوا لاءِ قابل قبول بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پيو ته معاشي معاشرتي آزاد ترقي ممڪن ئي ڪانهي جيستائين سرمائي مان اجاراداري جو خاتمو نه اچي ۽ اڄ جو سرمائيدار بغير اجاراداري جي زنده رهي نٿو سگهي، جاڪاڻ ته سرمائيدارانه نظام ۾ سرمائيدار پوئتي جڏهن لاءِ، هڪٻئي کي ٿي ڪچلي ڇڏيندا آهن. سرمائيدارانو نظام اهين آهي جيئن ڪنهن هاٿي کي انسانن جي ميڙ طرف ڇڏي ڏجي ۽ اهو مست هاٿي انسانن کي ڪچليندو اڳتي ڌڪيندو وڃي. اهڙي سماج ۾ آزاد ترقي جو تصور ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو، جيڪو ڪروڙين انسانن جو خون تي قائم هجي.

سرمائيداري جي اوسر لاءِ اينگلس پنهنجي مضمون "اينٽي ڊيورنگ"، ۾ لکيو آهي ته سرمائيداري ائين آهي جيئن آسماني بجلي جيڪا پيدا ٿئي ٿي ۽ انسان لاءِ نقصان جو ڪارڻ بڻجي وڃي ٿي جاڪاڻ اِها بجلي ڪنٽرول تحت ڪانهي پر ڇڙواڳ آهي هي اُن ٻاهه وانگي آهي جيڪا جهنگل کي يا ڪنهن گهر کي ساڙي انسان لاءِ تباهه ڪُن ثابت ٿئي ٿي، پر سوشلزم بجلي جي بلب ۾ موجود بجلي وانگي آهي. جنهن ۾ منصوبه بندي آهي ۽ انسان ان تي ڪنٽرول رکي ٿو انڪري انسانذات لاءِ فائديمند آهي. يعني سرمائيدارانو نظام ازخود پيدا ٿيندڙ ۽ اوسر ڪندڙ آهي، ان کي آڻڻ يا قيام ڪرڻ لاءِ ڪنهن به منصوبه بندي جي ضرورت ڪانهي.

اِن اصول تحت سرمائيداري جيڪا ١٩، صدي ۾ پيدا ٿي ۽ ٢٠، صدي ۾ پنهنجي آخري منزل سرمائيداري ۾ داخل ٿي پوري دنيا ۾ ڇانئجي وئي، ۽ ١٩١٧ جي آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ سرمائيداري جو هر قدم اڳتي نه هي پر پوئتي هٽندو آهي. ١٩١٧ع کان پوءِ دنيا ۾ ڪٿي به بورجوا جمهوري انقلاب نه ته برپا ٿيو آهي، نه ئي وري ڪنهن ڪميونسٽ يا پرولتاري پارٽي بورزوا جمهوري انقلاب جو نعرو ئي ڏنو آهي. جاڪاڻ ته بورزوا جمهوري انقلاب اقتدار جاگيردارن کان سرمائيدارن طرف منتقل ڪرڻ جي عبوري مرحلي سبب برپا ڪيو ويندو هو پر اقتدار ئي بورزوا، جاگيردار ۽ بيوروڪريسي جي ڪنٽرول تحت هجي ته پوءِ ڇا ڪجي؟ ظاهر آهي اقتدار انهن کان ڦري اقتدار کان محروم، يعني حقيقي مالڪن مزدورن هارين ۽ سمورن محنت ڪشن جي حوالي ڪجي اهو ڪم آهي قومي جمهوري انقلاب جو.

هر سماج پنهنجي اهميت وڃائي، پئي نئين سماج جي لاءِ جاءِ ڇڏيندو آهي. پاڪستان ۾ هيٺر سماج جو طريق پيداوار يقينا سرمائيدارانه آهي. هاڻ جيڪڏهن سرمائيدارانه طرز پيداوار جي عمارت اڳتي ٻيلي آهي، انهي عمارت تي توهان ساڳئي نموني جي عمارت بيهارڻ جي ڪوشش ڪيئن ڪري رهيا آهيو. سرمائيداري مان سرمائيداري جنم ڪيئن وٺندي. اهو نه بلڪل ائين آهي ته ڪِڏڙي کي ڇڄجي. تنهنجي گهربار ٿيو آهي؟ پر انهي ڳالهه سان اتفاق آهي ته اسانجي معيشت، سماج، رياست آزاد ناهي هُو غلام آهي، سامراج، جاگيردار ۽ جديد نو آبادي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. هاڻ ڇا ڪجي. سماج کي تمام غلامي جي زنجيرن کان آزاد ڪجي يعني سامراج، دلال ۽ اجارادار سرمائيدار، جاگيرداري باقيات، رجعتي قوتن فوجي غلبي کان نجات حاصل ڪري، هارين، مزدورن ۽ سموري محنت ڪش عوام جي حڪومت قائم ڪجي جيڪا هتي آزاد سماج ۽ معيشت کي اڏي، منهنجو مطلب آهي ته قومي جمهوري انقلاب برپا ڪجي. هن انقلابي عبوري دور ۾ ٽن قسمن جي صنعتڪاري ڪئي ويندي.

(١) پبلڪ سيڪٽر، جيڪو (هارين مزدورن ۽ پوري عوام جي حڪومت لڳائيندي.

(٢) بنيادي پرائيوٽ سيڪٽر. هي محب وطن ۽ ابهرندڙ سرمائيدار لڳائيندو جنهن جي خصوصي اجازت حڪومت کان وٺڻي پوندي.

(٣) ٽيون قسم اهو هوندو جيڪو قومي سرمائيدار ۽ حڪومت گڏ جي "گڏيل يعني پبلڪ اينڊ پرائيوٽ سيڪٽر" ۾ لڳائيندا.

هن سان سماج تيزي سان ترقي به ڪندو، معيشت ۾ سرمائيدار جي اجاراداري به ختم ٿي ويندي، محنت ڪش عوام جي حڪومت هجڻ سبب انهجا سمورا جمهوري حق پڻ بحال ٿيندا، ۽ قومن کي به حق خودارادیت ملندو. هتي ته اهو رستو آهي ۽ ٻيو رستو قاپ جو آهي. جنهن ۾ هڪ مرندڙ ۽ سسڪيون ڀريندڙ نظام ۾ وري ساهه وجهي انکي جيارجي ۽ بورزوا طبقي لاءِ اجاراداري جو نئون ميدان هموار ڪجي. اهو اڄ جي مزدور طبقي لاءِ ممڪن ناهي رهيو. ان باري ۾ لينن ازم اسانکي راهه ڏيکاري ٿو.

"ته سوال هن طرح پيش ڪيو ويو، ڇا اِهو صحيح آهي ته جيڪي غريب قومون، پنهنجو پاڻکي آزاد ڪرائي رهيون آهن، ۽ جن ۾ هن وقت، جنگ کان پوءِ ترقي جا رجحان نظر اچي رهيا آهن. انهن لاءِ معاشي ارتقا جي سرمائيدارانه منزل لازمي آهي؟ اسان انجو انڪار ۾ جواب ڏنو".
(لينن - ايشيا جي بيداري - صفحه ٦٣، ٢٦ جولائي ١٩٢٠ع)
ساڳئي ڪتاب جي صفحي ٦١ تي لکي ٿو.
"اسان انهي بحث ڪيو ته پوئتي پيل ملڪن بورزوا

> **قاپ قومي جمهوري انقلاب کي واهمو قرار ڏئي حقيقت ۾ پنهنجي پروگرام کي اصلاح پسندي ٽريڊ يونين ازم تائين ڪيرائي، بورجوازي لاءِ قابل قبول بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.**

جمهوري تحريڪ جي ڪميونسٽ انٽرنيشنل ۽ ڪميونسٽ پارٽين جي حمايت ڪرڻ اصولن ۽ نظرئي جي لحاظ کان صحيح آهي يا نه. اسانجي بحث کان پوءِ اسان اهو متفقه فيصلو ڪيو ته بورزوا جمهوري تحريڪ بجاءِ، قومي انقلابي تحريڪ چيو وڃي. ان ۾ ٿورڙو شڪ به ناهي ته هر قومي تحريڪ صرف بورزوا تحريڪ ئي ٿي سگهي ٿي. جاڪاڻ ته پسمانده ملڪن ۾ آبادي جي اڪثريت هارين تي ٻڌل آهي، جيڪي بورزوا رشتن جي نمائندگي ڪن ٿا. هي خيال ڪرڻ يوٽوپيا ئي (تصوراتي) هوندو ته پرولتاري پارٽيون جيڪڏهن هو انهن غريب مُلڪن ۾ قائم ٿي وڃن ٿيون ته هاري تحريڪ سان ربط تعلقات قائم ڪرڻ کانسواءِ. انجي حمايت کانسواءِ ڪميونسٽ طريقڪار ۽ ڪميونسٽ پاليسي اختيار ڪري سگهي ٿي. پر انهي تي اهو اعتراض ڪيو ويو ته جيڪڏهن اسان بورزوا جمهوري تحريڪ جو ذڪر ڪنداسين ته اصلاحي ۽ انقلابي تحريڪ وچ ۾ موجود تمام فرق ڏنڌ لائجي ويندا. پر موجوده وقت ۾ غريب ۽ ٻيلڪي ملڪن ۾ هي فرق وڏيڪ وضاحت سان ظاهر ٿي رهيو آهي جاڪاڻ ته سامراجي بورزوازي مظلوم قومن ۾ به اصلاحي تحريڪ کي پيدا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي. استحصال ڪرڻ واري ملڪن جي بورزوازي ۽ ٻيلڪي ملڪن جي بورزوازي جي وچ ۾ هڪ قسم جي مصالحت آهي".
(٢٦ جولائي - ١٩٢٠)

لينن پارٽي (٢)

هن پيراگراف مان ٿي ٿيون اسانکي ملن ٿيون.

اڄ بورزوا تحريڪ ڪا انقلابي تحريڪ ڪانهي پر هڪ اصلاحي تحريڪ آهي جيڪا از خود اسانجي مُلڪ ۾ به پيدا ٿي چڪي آهي (اينگلس جو ڪونٽيشن ياد رکو)

(٢) مظلوم قومن جو بورزوا به سامراج جو اتحادي آهي، انڪري ان بورزوا خلاف ويڙهه به مزدور ۽ تمام محنت ڪش عوام جي فرض ۾ شامل آهي ۽ عبوري مرحلي يعني قومي جمهوري انقلاب دوران هنن جي اتحاد جا چانس نه هجڻ برابر آهن.

(٣) قومي انقلابي تحريڪ. جو جوهر بورزوا تحريڪ آهي، هاڻ جيڪڏهن قومي انقلابي تحريڪ کي ڏسون ته صرف تحريڪ لفظ هٽائي انهي تي پارٽي رکجي ته اسان قومي انقلابي پارٽي جي حقيقي جوهر تائين پهچي ويندا سين.

اڄ جڏهن مزدور طبقي جي پارٽي قومي جمهوري انقلاب برپا ٿي ڪري ته پوءِ جيڪڏهن انهي ۾ مزدور طبقو ۽ سموري محنت ڪش عوام هر اول جو ڪردار ادا ڪيو ته اهو انقلاب يقينن سوشلسٽ رُخ اختيار ڪندو ٻي صورت ۾ بورزوا شڪل اختيار ڪندو، تنهنڪري مزدور طبقي ۽ پوري عوام کي منظم ٿيڻو پوندو، پنهنجي لاءِ، عبوري انقلاب ۽ انجي مڪمل ڪاميابي ۽ انجي حاصلات کي برقرار ڪرڻ لاءِ جيئن لينن چيو ته...

"مزدور سمجهوتي جي اميد نه لڳائيندا آهن، هُو معمولي رعايتن جو مطالبو نه ڪري رهيا آهن، هو جنهن ڳالهه جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن، اُها سختي سان رجعت پرست قوتن کي ڪچلڻ آهي، يعني پرولتاريه ۽ هارين جي انقلابي جمهوري ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪرڻ."
(لينن سوشل ڊيموڪريسي ۾ ٻه طريقه ڪار، صفحه ١٢٢-١٢٣، تاريخ - ١٩٠٥)

توهان يقينن چوندؤ اسانجي مُلڪ ۾ مزدور آهي ئي ڪونه ته انقلاب ڪيئن آئيندو؟ خود اِهو رجحان عجيب آهي يعني معاشي ڍانچو سرمائيدارانه هجي پر مزدور نه هجي. اِها ٻي وقوفيءَ واري راءِ آهي، سوويت يونين ۾ انقلاب کان اڳ مزدور طبقو ڪل محنت ڪش آبادي جو صرف ١٧٪ سيڪڙو هو. پر لينن چيو ته "هي سچ آهي ته پرولتاريه جي گهٽي تعداد تي اسانجو سوشل ڊيموڪريٽڪ اثر هيٺر تمام گهٽ آهي، هارين تي انقلابي اثر بلڪل نه هجڻ جي برابر آهي. پرولتاريه، خصوصا هاري هيٺر تائين تمام گهٽو غير متحد، پسمانده ۽ جاهل آهن. بهرحال انقلاب تمام گهٽي تيزي سان متحد ڪندو آهي ۽ تيزي سان روشني ڦهلائيندو آهي". (ساڳيو ڪتاب صفحه ٥٣-)

اِن صورتحال جي باوجود روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي جي ٽين ڪانگريس جون - جولائي ١٩٠٥ جي قرارداد ۾ مزدور طبقي کي جمهوري انقلاب جي رهنمائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ويٽنام ۾ ١٠، ماڻهن تي هڪ مزدور هو، انجي باوجود هوچي منهه مزدور طبقي کي رهنما قرار ڏنو.

ريسرچ فورم نمبر ٤، جي هڪ مضمون ۾ ايشيا ۾ مزدور طبقه جي تعداد ڪُل پورهيت آبادي جو ٣٠، سيڪڙو ۽ آفريڪا ۾ ٢٠ سيڪڙي جا انگ اکر شائع ڪيا آهن.

پاڪستان فڪري محاذ طرفان شائع ڪيل ڪتاب قومي

لينن پارٽيءَ جو تصور ۽ قاپ جو جائزو — ڏيهي صورتحال — خادم ٿهيم

جمهوريت ۽ پاڪستان"، صفحو ۸۷ - ۾ هيٺان انگ اکر ڏنا آهن.

"پاڪستان ۾ ۸۲-۱۹۸۳ - جي سروي مطابق زراعت، ٻيلا شڪارگاهه، ۽ ماهي گيري ۾ ۵۲.۷۳ سيڪڙو مزدور آهن. صنعت ۾ ۱۳.۴۴ سيڪڙو، تعميراتي ڪمن ۾ ۴.۸ سيڪڙو، تجارت ۾ ۱۱.۹۴ سيڪڙو ۽ باقي ۱۷.۰۹ سيڪڙو مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ آهن..

هي ۸۲-۸۳ جا انگ اکر آهن يقينن انهن ۾ اضافو ٿيو هوندو. اها ڳالهه اسان به تسليم ڪيون ٿا ته پاڪستان جو مزدور طبقو ڪميونسٽ پارٽي جي اثر ۾ ڪرنهي، پورهيت طبقي جو شعور پوئتي پيل آهي. جا ڪجهي؟ مزدور طبقي ۽ سموري عوام کي پارٽي ۾ منظم ڪري ۽ باتربيت ڪري، قومي جمهوري انقلاب برپا ڪري انکي ڪميت ۽ ڪيفيتي طور سوشلزم لاءِ تيار ڪجهي يا ٻري بورزوا جمهوري انقلاب جو نعرو ڏئي عدم جمهوري مرڪزيت ۽ پيٽي بورزوا پارٽي منظم ڪجهي عوام ۽ مزدور طبقي کي اصلاح پرست بورزوا جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏجي. ڪهڙو عمل مارڪسي آهي ۽ پورهيت دوست، ڀڃريون يا ٻيو ؟!

اڄ سماجي تبديلي جو مطالبو عوام ۾ ايتري جڙ پڪڙي ويو آهي جو اسانجون بورزوا، لبرل، پيٽي بورزوا پارٽيون به سوشلزم جا نعرا ڏئي اقتدار ۾ وڃڻ لاءِ مجبور آهن. يعني بورزوا چوي ته مان سوشلزم آڻيندس ۽ اڄ جو مزدور طبقو چوي ته نه مان بورزوا انقلاب آڻيندس باوجود انجي ته مزدور وٽ پارٽي، نظريو آهي ۽ هُو اڄ جو فاتح طبقو آهي، ۽ خود بورزوا جي گهيري ۾ ڦاسڻ بجاءِ بورزوا خود اڄ مزدور طبقي جي گهيري ۾ آهي. منهنجا قاپ جا مارڪس وادي دوستو! ڪٿي بورزوا توهانجو سوشلزم چوراڻي، انجي جاءِ تي بورزوا انقلاب ته نه رکيو آهي، ٿو رو جاچ ته لهو ؟

اسانجي سجي بحث مان هيٺيون ڳالهيون واضح ٿين ٿيون.

(۱) قاپ پنهنجي اصليت ۾ مزدور هارين، مڊل ڪلاس پيٽي بورزوا - جي پارٽي آهي. انکري انجو جو هر پيٽي بورزوا پارٽي آهي نه ڪي پرولتاريه پارٽي.

(۲) قومي مسئلي سميت تمام معاشي معاشرتي سوالن ڏانهن سندن رويو بظاهر مارڪسي آهي پر اصل ۾ قوم پرستانه اصلاح پرستانه ۽ پيٽي بورزوازي رويو آهي نه ڪي مارڪسي ليني.

(۳) بورزوا جمهوري انقلاب ۽ عدم جمهوري مرڪزيت جو پروگرام ڏئي مزدور طبقي ۽ پورهيت عوام کي لبرل ازم، جڙواڳي جي ذهن ۾ ڦاسائي اصلاح پرستي ۽ معيشت پسندي جي حدتائين ڪيرائي بورزوا جي استعمال واسطي راهه هموار ڪري رهيا آهن.

(۴) اڄ جي مزدور طبقو ۽ پورهيت عوام جيڪو پنهنجي نظرئي ۽ پارٽي جي هٿيارن سان مسلح ٿي، مسلسل فتح مند ٿي رهيو آهي سو فوري ۽ عبوري سوال بورزوا جمهوريت نه پر قومي جمهوري انقلاب آهي.

(۵) آزاد معاشي ترقي سواءِ انقلاب جي ممڪن ناهي چاڪاڻ ته سرمائيداري آزاد مقابلي بازيءَ واري نه پر اجاردار آهي.

(۶) پاڪستان ۾ سرمائيدارانه طرز پيداوار موجود آهي ۽ اقتدار بورزوا، جاگيردار ۽ بيوروڪريسي جي هٿ هيٺ آهي. انکري ضرورت آهي ته سمورين استحصالي قوتن جو خاتمو آڻي اقتدار تي مزدورن هارين، ۽ پوري عوام جي حڪومت قائم ڪئي وڃي.

(۷) ڪميتي طور اسان وٽ مزدور موجود آهي انکي صرف ڪيفيتي طور منظم ڪري انقلاب لاءِ هر لحاظ سان تيار ڪرڻو آهي جيڪو فرض هڪ آزاد خودمختيار مزدور طبقي جي پارٽي جو آهي.

هاڻ عوام ۽ مزدور طبقي کي فيصلو ڪرڻو آهي ته ڪهڙي طرف وڃن ڇا هين ٿا؟ هڪ مضبوط خودمختيار مارڪسي ليني اصولن تي مبني ڪميونسٽ پارٽي طرف ياوري عدم جمهوري مرڪزيت ۽ پيٽي بورزوا رجحانن جي مارڪسي ليني ؟! پارٽي طرف.

مجون ٿا ته ڀڃرئين طرف ۾ مشڪلاتون، پيچيدگيون آهن ۽ ڏکيو رستو آهي پر ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اهوئي اسانجي نجات جو واحد وسيلو آهي. ٻيو رستو آسان ۽ پرڪشش ضرور آهي پر هي رستو تنگ نظر قوم پرستي ۽ بورزوا پنهنجي طرف وٺي وڃن ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو ڏئي سگهي. ڪميونسٽ پارٽي ٿي جو ؟؟

اسانکي خبر آهي هر مادو ارتقا پذير آهي ۽ هو بدتر کان بهتر ۽ ساده کان پيچيده طرف ويندو آهي. جهڙي طرح طبقاتي جدوجهد پنهنجي ارتقا جي اعليٰ ترين منزل تذهن ماڻي جڏهن ان کي مارڪسزم جي فلسفي سهارو ڏنو بلڪل اهڙي طرح مارڪسي پارٽي به پنهنجون منزلون طئي ڪندي. ڪميونسٽ پارٽي جي اعليٰ ترين ۽ ترقي يافته شڪل اختيار ڪئي آهي. هي ليني ۽ مارڪسي پارٽي آهي جيڪا پنهنجي اندر معاشي، معاشرتي فوري، عبوري ۽ مستقل سوالن جي حل کي پنهنجي اندر سمويو آهي. هي ٿي پارٽي آهي جيڪا عبوري مرحلي کي منزل طور نه ڏسندي آهي پر منزل تي نظر رکي عبوري مرحلي تي زور ڏيندي آهي، عبوري مرحلي کي ايترو به گهٽ نه ڪندي آهي جو هو غير اهم نظر اچي پر بلڪل ايتري حد تئي به اهميت به نه ڏيندي آهي جو منزل (يعني سوشلزم ۽ ڪميونزم) ان ۾ دٻجي وڃي. ڪميونسٽ پارٽي کي مزدور طبقي جي آخري پارٽي به چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته هي پارٽي سمورا عبوري مرحلا طئي ڪري ڪميونزم ۾ داخل ٿيندي آهي ته طبقي، رياست ۽ تمام فرق ختم ٿي ويندا آهن ۽ هر فرد خود رياست، عدالت، انتظاميه جي شڪل اختيار ڪندو آهي ۽ هُو خود هڪ ادارو بڻجي ويندو آهي. انکري رياست وانگر پارٽي به آهستي آهستي محدود ٿي ويندي آهي. پر اهو عمل تمام طويل شايد صدين جو آهي ۽ اهو آخري مرحلو صرف ٿي صرف ڪميونسٽ پارٽي ٿي سرانجام ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي. جيئن لينن چيو آهي ته: "صرف مزدور طبقي جي سياسي پارٽي يعني ڪميونسٽ پارٽي ٿي پرولتاريه ۽ تمام پورهيت عوام جي رهنمائي ڪرڻ، متحد ڪرڻ، تربيت ڪرڻ، ۽ منظم ڪرڻ، جي اهليت رکي ٿي ۽ صرف ان پارٽيءَ ۾ ٿي اها صلاحيت هوندي آهي ته هو اها ان ميڙ جي ان نر پيٽي بورزوا ڍُڏتر، ان نر روايتن ۽ پرولتاريه ۾ تنگ پيشي ورانه جماعت بندين يا پيشه ورانه ساز جي خلاف مقابلي ۾ بيهي سگهي ۽ سموري پرولتاريه جي متحده سرگرمين جي رهنمائي ڪري سگهي. يعني سياسي اعتبار کان انجي رهنمائي ڪري سگهي ۽ انجي وسيلي پوري پورهيت عوام جي رهنمائي ڪري سگهي - ان کان سواءِ پرولتاريه جي ڊڪٽيٽرشپ ناممڪن آهي."

(لينن - اسانجي پارٽي ۾ سينڊيڪل ۽ نراجي انحراف تي روسي ڪميونسٽ پارٽي جي ڏهين ڪانگرس جي قرارداد جو ابتدائي مسودو تاريخ ۱۹۲۳ع - ڪتاب - مزدور تحريڪ ڪٽرپڻ ۽ گروهه بندي خلاف) صفحو - ۱۸۱ -

مارڪسي ليني پارٽي جا هيٺان بنيادي فرض هوندا آهن.

۱. سوشلزم ۰ ۲. پرولتاريه ڊڪٽيٽرشپ. ۳. ڪميونسٽ سماج جي تشڪيل لاءِ جدوجهد.

باقي مڙئي حڪمت عملين ۾ عارضي ۽ فوري سوالن لاءِ جدوجهد ڪندي آهي پر ياد رکڻ گهرجي ته سوال بنيادي اصولن سان ٽڪراءُ ۾ نه هجي ڇاڪاڻ ته اسانجو مطلب ڪنهن بورزوا، جاگيردار وغيره کي خوش ڪرڻ نه پر مزدور طبقه جي حڪمراني قائم ڪرڻ آهي. تنهنڪري اسانجا تمام رُخ، حڪمت عمليون به ان مقصد گرد ڦرڻ گهرجن.



Drawing by Igor Smirnov

پريسترو ئيڪا

گلاسنوسٽ :

هڪ بحث

ورلڊ مارڪسسٽ رويو

(ورلڊ مارڪسٽ رويوُ (WMR) جو پيرسيترو ئيڪا ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ تي شروع ڪيل بحث جو خلاصو - جنهن ۾ ڊومينيڪن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جوزاريوا، اسرائيلي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جارج طوبي، ميڪسيڪو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پابلو ساندو وال راماريز، اسپين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڊاميان پرينل، امريڪي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جِم ويسٽ ۽ سوويت يونين جي پارٽيءَ جي يوري ڪراسين حصو ورتو.)

جوزاريو :- اسانجي جمهوري تحريڪ جا ڪجھ ماڻهو سوويت يونين ۾ ٿيندڙ تبديليءَ ڪي شڪي نظرن سان ڏسن ٿا. انهن جي خيال ۾ اهڙي تبديليءَ سان سوويت ڪميونسٽن جي انقلابي جوش ۾ گهٽتائي اچي ويندي. اهڙي شڪ جو اظهار ڪرڻ وارن ۾ شاگرد، صحافي ۽ دانشورن ڪان علاوه ساڄي ڌر وارا لاڙا رکندڙ اهي ماڻهو به آهن جيڪي سمجهن ٿا ته اقتصادي حالت سڌارڻ لاءِ سرمائيداريءَ ڪان ڪجھ طريقا اڌارا ورتا پيا وڃن. جيڪو قنوطي رحجان آهن، پنهنجي پاسي کابي ڌر ۽ جمهوري تحريڪ جي وچ ۾ هي لاڙو آهي ته پيرسترو ئيڪا سرمائيداريءَ جي مقابلي ۾ مضبوط اقتصادي برتري حاصل ڪندو ۽ دنيا جي انقلابي طاقتن کي همٿي ڏيندو ۽ اهو به ثابت ڪندو ته صحيح رخ ۾ اڳتي وڌڻ سان سوشلزم جا چا حاصل ڪري سگهي ٿو. اسان جي پارٽيءَ ۾ اهو لاڙو مضبوط آهي. پيرسترو ئيڪا سان سوويت مخالفن جو وات بند ٿئي ٿو ۽ اسان جي پارٽيءَ تي نظرياتي حملن جي شدت گهٽجي ٿي.

پيرسترو ئيڪا جا فائده ان جي ڏکيائين جي ڀيٽ ۾ گهڻا آهن. اسان جي پارٽي پيرسترو ئيڪا جي اثر جي هيٺ انهن جمهوري طاقتن سان ڀيهر تعلق پيدا ڪري رهي آهي جن موجوده سوشلزم ۾ پنهنجي دلچسپي ختم ڪري ڇڏي هئي. اها ڳالھ به اهم آهي ته امريڪا جي سلسلي ۾ سوويت يونين جو رويو حيرتناڪ حد تائين آهي. خاص طور تي عالمي امن جي حفاظت ۾ مقامي جهيڙن جهڳڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جي مقابلي ۾ ماسڪو طرفان وڌيڪ تيز ڪوشش ڊومينڪن جمهوريه ۾ سياسي فضا تي سٺو اثر وڌو آهي.

جم ويسٽ:- امريڪا جا ماڻهو گلاسنوسٽ ۽ پيرسترو ئيڪا جو جائزو وٺڻ مهل آمريڪا - يورپ لاڳاپن ڪي نظر ۾ رکن ٿا. اڄڪلھ آمريڪا ۾ سوويت مخالف ۽ ڪميونزم مخالف جذبا ٿڌا ٿي رهيا آهن. سوويت يونين طرفان اڳرائيءَ جي ڪري ٽڪراءُ جي بدران پرامن بقا ۽ باهمي جي اصول تي بين الاقوامي مسئلا حل ڪيا پيا وڃن.

اسان جي ملڪ جي عام راءِ امريڪي - سوويت سربراه ڪانفرنس ۽ (INF) معاهدي کان گهڻو متاثر ٿي آهي.

اسان امن جي قوتن جو هڪ وسيع گڏيل ميدان اڀرندو ڏسي رهيا آهيون. جنهن ۾ آمريڪي ڪميونسٽ پارٽيءَ سميت ڪيتريون ئي مزدور يونينون، مذهبي حلقا امن جي جدوجهد ۾ آمريڪي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو استقبال بين الاقوامي لاڳاپن ۾ ايندڙ تبديلين ۽ نون لاڙن جو مظاهرو آهي. هاڻي بين الاقوامي سطح تي شروعات ڪرڻ سوويت يونين جي هٿ ۾ آهي.

ان سان ڪميونسٽن کي فائدو پهتو آهي. سرد جنگ جي بدران نيون اقتصادي ۽ سياسي طاقتون اڀري رهيون آهن.

سرمائيداريءَ جي وڪالت ڪرڻ وارا به اها ڳالھ مڃي رهيا آهن. هريمان انسٽيٽيوٽ جي پروفيسر رابرٽ لگوالڊ چيو آهي ته گورباچوف پهريون سوويت ليڊر آهي جنهن قومي تحفظ جو رشتو بين الاقوامي گڏيل تحفظ سان ڳنڍيو آهي. اها ڳالھ ترقي پسند ۽ انقلابي قوتن لاءِ ئي نه پر آمريڪا جي امن وارين قوتن لاءِ به اهم آهي.

پيرسترو ئيڪا امريڪي ڪميونسٽن لاءِ نوان امڪان پيدا ڪيا آهن. ڪميونسٽ مخالفت گهٽجي رهي آهي ۽ ڪميونسٽن جي خدمتن کي وري ساراهيو پيو وڃي.

ان جي مخالفت ۾ پيرسترو ئيڪا ۽ گلاسنوسٽ کي امريڪا ۾ غلط نموني پيش ڪندي نوان مسئلا به اڀاريا وڃن ٿا.

ڪجھ ترميم پسند ۽ اڳوڻا ڪميونسٽ ان کي پارٽيءَ جي خلاف چئي ڇڏين ٿا ۽ ان کي ١٩٦٨ع واري پراگ تحريڪ

وانگر انقلاب دشمن سمجهن ٿا.

ڊاميان پرٽيل :- اسپين جي ترقي پسندن ۽ ڪاٻي ڌر ئي نـ عام ماڻهو بـ پيرستروئيڪا جي تعريف ڪئي آهي. ان پر
ظاهر ڪري ڇڏيو آهي تـ اسٽالنزم ۽ بريزنيف جي نيو اسٽالنزم سوشلزم جو لازمي جُز ناهي، ۽ سوشلزم جو جمهوري امڪان انتهائي ترقي يافتـ جمهوري سرمائيدار ملڪ کان ڪوڙ گهڻا آهن. اسپين جي عام راءِ تي اها ڳالهـ وڏيڪ واضح ۽ چٽي ٿيندي پئي وڃي تـ جمهوريت ۽ آزاديءَ کي ڇڏي سوشلزم جيئرو نٿو رهي سگهي. عام راءِ جي ان جوش ۽ جذبي اقتداري قوتن کي پيرستروئيڪا تي سڌي تنقيد کان روڪي ڇڏيو آهي.
اسپين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ پيرستروئيڪا اهم آهي جو تـ اسان بـ سوشلزم "آزادي" جمهوريت ۽ بين الاقوامي سياست جي باري ۾ انهن ئي بنيادن تي پنهنجن خيالن کي قائم ڪيو آهي، ۽ پيرسيتروئيڪا جي اثر هيٺ انهن کي مضبوط ڪيو آهي. اوهان ڄاڻندا هوندا تـ اسپين ۾ ڪميونسٽن جي وچ ۾ اتحاد جي ڪيتري اهميت آهي، پيرسيتروئيڪا اها روشني ڏني آهي تـ ڪميونسٽن ۾ ٽوڙ ڦوڙ يا اختلافن کي ٻاهرين اثر مطابق پيدا ٿيڻ يا وڌڻ نـ ڏنو وڃي.
سوويت يونين ۾ تشڪيل نو جي تحريڪ جي اثر سان جي ملڪ ۾ بـ ٽنهي ڪميونسٽ گروپن جي وچ ۾ اسان
اتحاد جي جذبي، سوشلزم مطابق ڪتابي ۽ تقليدي رويي کي ڇڏڻ واري جذبي کي مان ملي رهيو آهي. ان سان گڏ سوويت يونين ۾ پيرسيتروئيڪا جي ڪاميابيءَ سان جي پارٽيءَ جي اندر قدامت پسند حلقن کي اسان
شڪست ٿيندي، جيڪي سوويت يونين جي قدامت پسند حلقن کان نظرياتي طاقت حاصل ڪن ٿا.

جارج طوبي :- مان ٻنهي نقطن ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيندس.
سوشلزم جي ارتقا ۽ سوويت يونين ۾ ان جي اڳتي وڌڻ لاءِ، ۽ نئين بدلجندڙ بين الاقوامي صورتحال لاءِ پيرسيتروئيڪا ضروري هئي. ان سان گڏ اها بـ حقيقت آهي تـ پيرسيتروئيڪا اڃان تڪميل تائين ناهي پهتو. ان سلسلي کي ڪجهـ معروضي ۽ ڪجهـ ترڪيبي ڏکيائين جو مقابلو ڪرڻو پوندو.
سڄي دنيا وانگر اسرائيل ۾ بـ پيرسيتروئيڪا کي گهڻي دلچسپيءَ سان ڏٺو وڃي ٿو. ماڻهن جي رد عمل کي "ها" يا "نـ" ۾ ظاهر نٿو ڪري سگهجي. باقي ها، اسان جي دشمن لاءِ مشڪل ضرور ٿي پيو آهي.
انهن کي اهو چوڻ جي عادت پيل آهي تـ ڏسو | اسان نـ چيو تـ سوشلزم ناقابل عمل آهي. ان جي ناڪامي پيرسيتروئيڪا مان ظاهر ٿي پئي. اهڙي بي بنياد ۽ سڄي دعويٰ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ ضروري آهي. پيرسيترويڪا تي بحث ڪندي اسان کي ان ڳالهـ تي ڌيان ضرور ڏيڻو پوندو تـ اسان کان بـ غلطيون ٿي سگهن ٿيون. پر سائنسي سوشلزم ۽ مارڪسزم لينن ازم جا اصول هر لحاظ کان اعليٰ آهن. سوويت يونين ۾ جيڪي غلطيون ٿيون، انهن اصولن جي خلاف ورزي ڪرڻ ڪري ٿيون.
اهي
اسان جي پارٽيءَ ۾ بـ ڪجهـ مسئلا پيدا ٿيا آهن. ڪجهـ دوست جمهوري مرڪزيت جي نفي ڪرڻ لڳا آهن. اهي لغام آزاديءَ جي وڪالت ڪري رهيا آهن ۽ ان کي بي
پيرسيتروئيڪا سمجهن ٿا. پيرسيتروئيڪا اسان جي پارٽيءَ جي ڪم کي نئين جرات عطا ڪري رهيو آهي.

يوري ڪراسين :- سماجي شعور تي پيريسترويڪا جو اثر

> *پيرسترائيڪا تي بحث ڪندي ان ڳالهـ تي ڌيان ضرور ڏيڻو پوندو تـ اسان کان بـ غلطيون ٿي سگهن ٿيون پر سائنسي سوشلزم ۽ مارڪسزم لينن ازم جا اصول هر لحاظ کان اعليٰ آهن.*
> *(جارج طوبي)*

جاين تي پُڄي رهيو آهي. هڪڙو خارجي ۽ ڪنهن ٻن
حد تائين ڏماڪي وارو آهي. ڏگهي چُپ کان پوءِ سوويت يونين ۾ فڪر حرڪت ۾ آيو آهي. جنهن ڪري پريس ۽ ميڊيا ۾ جو ڪليل بحث ٿي رهيو آهي. ان ۾ ماڻهن جي دلچسپي فطري آهي. ٻاهرين دنيا ۾ بـ انهن تبديلين ۾ ماڻهن کي گهڻي دلچسپي آهي. جو تـ گهڻي عرصي کان مغرب ۾ سوويت يونين جي باري ۾ تمام گهٽ واقفيت هئي، ۽ ان کي هڪ بند معاشرو سمجهندا هئا. اوچتو ان معاشري سڀ دريون کولي ڇڏيون ۽ پنهنجي صرف سُٺي تصوير ئي نـ پر پنهنجيون ڪمزوريون بـ دنيا آڏو ظاهر ڪيون. ٻاهرين دنيا لاءِ اهو ڌماڪي کان گهٽ نـ آهي. پر هڪ ٻي جاءِ تي بـ، سماجي شعور تي پيرسيتروئيڪا جو اثر پُڄي رهيو آهي. پيرسيتروئيڪا جو عمل شروع ٿيڻ کان اڳ سوويت يونين ۾ تصور ۽ حقيقت جي بگڙيل شڪل ۾ زبردست وڇوٽي هئي اها حقيقت ڪهڙي هئي -؟ اها هئي اسان جي معاشري ۾ جمهوريت جي هيٺين سطح، رياست جي ادارن جي ضرورت کان وڌيڪ اهميت، بيوروڪريسي ۽ اسٽالن جي زماني ۾ ظالمائي سختي. مطلب تـ حقيقت ۽ تصور ۾ هڪ ٽڪراءُ هئو. ۽ اهو ٽڪراءُ تيز ۽ نـ حل ٿيندڙ مرحلي ڏي وڃي رهيو هئو.
وڌيڪ
هائي اسان تصورن کي لاهي ڌرتيءَ تي آندو آهي، ۽

محسوس ڪيو آهي تہ سوشلزم ڪا آسماني شيءِ ناهي. پر هن ڌرتيءَ جي شيءِ آهي جنهن جا پنهنجا تضاد بہ آهن. هي سوشلزم اسان کي ڏاڍو پيارو آهي، جو تہ اسان ان کي ڏاڍي محنت ۽ پورهئي سان ٺاهيو آهي. ۽ اهو مڙني خامين ۽ خوبين سميت اسانجو آهي.
بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ تي بہ ان جو اثر پيو آهي. جو تہ تصور ۽ حقيقت جي وچ ۾ فرق ڪري.

سرمائيداري جي بنيادي فطرت جي تقاضا آهي تہ زبردست تضادن تي قابو پائڻ لاءِ طاقت ۽ فوجي ڪارروائي جڙي پئي، اسانکي ان سوال تي دوکي ۾ نہ رهڻ کپي (جم ويسٽ)

ڪميونسٽ پارٽين پنهنجي پاليسي دستاويزن ۾ اهڙي سوشلزم جو تصور ڏنو جيڪو سڀني تضادن کان خالي ۽ زندگيءَ جي حقيقت کان پري ڪنهن ٻي دنيا جي ڳالهہ هئي. ان جو نتيجو هي نڪتو تہ ڪئي ڪميونسٽ بند ٽولي وانگر ٿي ويا، جن جي ڳالهہ ان ٽولي کان سواءِ ڪوبہ نہ پيو سمجهي سگهي. پر اسان پهريون دفعو ان کي ڪا آسماني شيءِ نہ پر زمين تي پلجندڙ سوشلزم جي امڪانن کي ڇنڊڻ شروع ڪيو آهي. "وڌيڪ جمهوريت، وڌيڪ سوشلزم" جو فارمولو ان کي ظاهر ڪري ٿو. مان ڪامريڊ پريٽل جي ان ڳالهہ سان سهمت آهيان تہ اهي ٻئي ڳالهيون هڪبئي سان ڳنڍيل آهن. فطري طور تي سوشلزم جو اهو تصور سوويت يونين ۽

پريسترائڪا آمريڪي ڪميونسٽن لاءِ نوان امڪان پيدا ڪيا آهن، ڪميونسٽ مخالفت ڪھڻجي رهي آهي ۽ ڪميونسٽن جي خدمتن کي وري سارايو پيو وڃي. ان جي مخالفت ۾ پريسترائڪا ۽ گلاسنوسٽ کي آمريڪا ۾ غلط نموني پيش ڪندي نوان مسئلا بہ اڀاريا پيا وڃن.(جم ويسٽ)

بين ڪميونسٽ پارٽين جي قدامت پسند عنصرن کي پسند نہ آهي.
سوشلزم جو جيڪو تصور لينن جي آڏو هئو. اسان ان کي وري قائم ڪرڻ چاهيون ٿا. پر اهو ڪافي ناهي جو تہ دنيا گهڻي بدلجي چڪي آهي. تاريخ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن، جيئن ٽيڪنيڪي انقلاب جيڪو لينن جي تصور ۾ نہ هئو. ان ڪري سوشلزم جي تصور کي نون تجربن سان بہ شاهوڪار ڪرڻ گهرجي.

پابلو ساندووال راماريز :- شروع شروع ۾ پيرسيٽروئيڪا جي باري ۾ ميڪسيڪو جي ماڻهن جو رد عمل شڪ شبي سان ڀريل هئو. انهن کي خروشچيف جون نامڪمل اصلاحون ياد هيون. پر آهستي آهستي سوويت يونين ۾ ٿيندڙ عملي تبديلين انهن کي قائل ڪري وڌو. خاص طور تي نيوڪلائي هٿيارن تي سوويت يونين طرفان پاڻ تي يڪطرفي، بندش نون لاڙن جو قائل ڪري ڇڏيو. اقتصاديات جي ميدان ۾ جيڪي تبديليون ٿيون ۽ گلاسنوسٽ ۽ جمهوريت جي رفتار تيز ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪم ٿيا انهن کي ميڪسيڪو جي ماڻهن "پيرسيٽروئيڪا جي هوا" سمجهيو. اهڙين ئي تبديلين سان سماج جي نئين سر تنظيم واري ڪوشش انقلابي نوعيت اختيار ڪري ٿي ۽ ماڻهن جي دلچسپي وڌي ٿي.
اهو تصور تہ "جمهوريت کانسواءِ سوشلزم" جمهوري قوتن ۾ ميڪسيڪو جي ابلاغي ذريعن لاءِ گهڻو ڪشش وارو ثابت ٿيو آهي. اسٽالن جي پول کولڻ واري ڪوشش بہ اهميت واري آهي، انهن ڳالهين سان عام ماڻهوءَ جي سوشلزم لاءِ رغبت وڌي آهي، ۽ ميڪسيڪو جي کاٻي ڌر، ترقي پسند ۽ جمهوري قوتن کي مدد ملي آهي.

فڪر جو نئون انداز ۽ نظرياتي وارثت :-
جم ويسٽ:- موجوده مسئلن جي پس منظر ۾ اسان کي مارڪسزم ۽ لينن ازم جي نظريي کي اڳتي وڌائڻ کپي. دنيا جي هڪبئي تي ڀاڙڻ واري خصوصيت طبقاتي جدو جهد جي نفي ڪانہ ٿي ڪري، ويتر نين شڪلين ۽ نون ڏانچن لاءِ رستو ٺي ڪڍي. اسان کي گهرائيءَ سان ان جو مطالعو ڪرڻ گهرجي تہ مارڪسزم ۽ لينن ازم جا ڪهڙا مفروضا اڄ بہ صحيح آهن مثلا، سرمائيداريءَ جي فطرت جي باري ۾ جن کي يا تہ ڇڏڻ کپي يا ترميم ڪرڻ کپي. سرمائيداريءَ جي بنيادي فطرت جي تقاضا آهي تہ زبردست تضادن تي قابو پائڻ لاءِ طاقت ۽ فوجي ڪاروائي جڙي پئي. اسان کي ان سوال تي دوکي ۾ نہ رهڻ کپي. اسان جو ڌيان مزدور طبقي ۽ مظلوم طبقي تي ضرور هئڻ گهرجي. جيڪو اڄ سرمائيداريءَ سان ٽڪر کائي سگهي

ٿو ۽ عالمي امن لاءِ پنهنجن واعدن کي پورو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿو. عالمي پئماني تي امن جي تحريڪ ويٽنامي ۽ ڪوريائي جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ سامراج کي مجبور ڪيو.

يوري ڪراسين :- مان اڄ دنيا ۾ طبقاتي جدوجهد جي ڪردار واري نقطي تي ڳالهائڻ چاهيندس. پير سيترو ئيڪا طبقن جي بنياد تي قائم مقصدن تي سوالي نشان ٿو هڻي. سڄي دنيا جا ماڻهو ان ڳالهه کي سمجهن ٿا، ايستائين جو اسان جا دشمن به.
امريڪا جي اڳوڻي صدر رچرڊ نڪسن ان خيال کي غلط چيو آهي ۽ گورباچوف جي رپورٽ جي حوالن سان ثابت ڪيو آهي ته منزل اهائي آهي پر رستو ڪجهه ڏکيو ٿي ويو آهي. اوهان ڏسندؤ ته اسان جا مخالف به ان ڳالهه تي شڪ نه ٿا ڪن جو ته سوويت ڪميونسٽ اڄ به پنهنجي انقلابي مقصدن تحت وفادار آهي.
ان سان گڏو گڏ اسان پاڻ جي ويجهو پر متضاد دنيا ۾ نوڪليائي دور ۾ ان ڳالهه جو به جائزو وٺون ته اسان پنهنجي منزل کي ڪيترو ويجها ٿيا آهيون.
لينن ڪيترائي ڀيرا چيو آهي ته مارڪس ۽ اينگلز کي

اها ته صرف هڪڙي ملڪ جي ڳالهه آهي عالمي پئماني تي جا ٿيندو - ؟
مختصر هيئن ڪٿي چئجي ته سوشلسٽ انقلاب جيڪو سرما محل تي قبضي وقت آسان لڳي رهيو هئو ان جا سلسلا صدين تائين هلندا -
اهو پڻ صحيح آهي ته اڄ سرمائيداري تي جي پڻ اها شڪل ناهي جيڪا ۱۹۱۷ع ۾ هئي - سوشلزم به ارتقا جي نئين سطح تي آهي ۽ هڪدم نئين صفتي خصوصيت پڻ حاصل ڪري رهي آهي - ان ڪري ضروري آهي ته ڪميونسٽ سست رفتار مفروضن تي وري سوچن ۽ ڪيترن ئي جامد طريقن کي ترڪ ڪن - مثلا پرولتاريه جي آمريت جي سوال کي ئي وٺو - اسان اڄڪلهه ان جملي کي پنهنجي پروگرام ۾ استعمال نه ٿا ڪريون - ڇو - ؟ ان لاءِ نين حقيقتن سببان اسان جي خيالن ۾ تبديلي جو مظهر آهي - ترقي يافته ملڪن ۾ نئون محنت ڪش طبقو پيدا ٿي رهيو آهي ۽ ان سان گڏ سماجي تبديليءَ ۾ به صفتي تبديلي اچي رهي آهي - ٽيڪنالوجيءَ جو انقلاب اچي رهيو آهي. جنهن جي اثر هيٺ محنت جو وڏو حصو اهڙي ريت مٽجي رهيو آهي جو ان ۾ سماج جا دانشور اٿا امڪان شامل آهن

> **گهم دوست**
> **جمهوري مرڪزيت جي نفي ڪرڻ لڳا آهن، اهي بي لغام آزاديءَ جي وڪالت ڪري رهيا آهن ۽ ان کي ئي پريسترائيڪا سمجهن ٿا (جارج طوبي)**

ڪڏهن ڪڏهن اهو اندازو لڳائڻ ۾ غلطي ٿي آهي - ته اهي انقلابي مقصد ڪيتري وقت ۾ پورا ٿيندا ڪنهن حد تائين ساڳي ڳالهه لينن تي پاڻ تي به لاڳو ٿئي ٿي - اڪتوبر انقلاب جي شروع ۾ يعني ۱۹۱۸ ۾ هن پيش گوئي ڪئي هئي ته سال ڪن جي اندر دنيا ۾ سوشلسٽ انقلاب اچي ويندو - پر منزل اڃان پري ٿيندي وئي -
اسان تاريخ جا پويان صفحا پڙهون - بورجوا انقلاب ملڪيت جي رشتن کي ان حد تائين نه ٿو بدلي جنهن حد تائين سوشلسٽ انقلاب ڪندو - بورجوا انقلاب فرانس ۾ ۱۷۸۹ع ۾ شروع ٿيو ۽ مارڪس چواڻي ۱۸۷۱ ۾ پورو ٿيو - صرف هڪ انقلاب جي تڪميل ۾ هڪ سؤ سال لڳا ۽ عالمي سطح تي ته بورجوا انقلاب ڪوڙ ترقي پذير ملڪن ۾ اڄ به جاري آهي پوءِ اها توقع ڪيئن ٿي ڪري سگهجي ته سوشلسٽ انقلاب صرف ۷۰ سالن ۾ تڪميل تي پهچندو -
ستاويهين ڪانگريس جي مڪمل تڪميل کان پوءِ به اسان محنت جي پيداواري شرح ۾ آمريڪا جي ۱۹۸۵ واري پيداواري شرح تاءين ۲۰۰۰ ۾ پهچنداسين.

يعني محنت سان گڏ سائنس جو ڳانڍاپو ٿي رهيو آهي - اڄ هڪ نئون محنت ڪش پيدا ٿي رهي آهي جيڪو ۱۹۲۰ع، ۴۰ع، يا ۵۰ع کان مختلف آهي -اڄ سوشلزم ڏانهن قومن جو عبور آباديءَ جي اڪثريتي راءِ سان ممڪن آهي - ان حالت ۾ به محنت ڪش طبقي ۽ مارڪسي طاقتن کي پنهنجو ترقي پسنداڻو رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو پر عبوري دؤر ۾ طبقاتي بنيادتي اقتدار قائم ڪرڻ لاءِ پرولتاريه جي آمريت جي ضرورت نه رهندي - ان ڪري ڪامريڊ ويسٽ جي ان راءِ سان سهمت ٿيندي ته سماجي تبديليءَ لاءِ طبقاتي جدوجهد خاص محرڪ آهي، مان ان ڳالهه کي چٽو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ اڄ جي دنيا ۾ اسان ان جدوجهد کي ڪيئن ٿا سمجهون مان واضح طور چوڻ ٿو گهران ته اسان حقيقت جي تجزيي ڪرڻ سان گڏ ڊرائيءَ کان به ڪم پيا وٺون -
ڊاميان پرنيل :-

"پر امن بقاءِ باهمي" واري تفسير ۾ هڪ چٽي تبديلي

آئي آهي - هاڻي ان کي طبقاتي جدوجهد جي هڪ شڪل نٿو سمجهيو وڃي - اسانجي هن نيوڪليائي دؤر ۾ بين الاقوامي رشتن جي وچ ۾ طبقن تي بدل عنصرن ۽ جدلياتي يا پيوست ٿيڻ وارن سماجي عنصرن جو تصور گهڻو اهميت وارو آهي - پير يسترائيڪا اسان کي صاف صاف ٻڌائي ٿو ته سوويت يونين جي خارجہ پاليسي ۽ جي مفادن مطابق ٻين ڪميونسٽ پارٽي کي، پنهنجي پاليسي ناهي ڏاهڻي - "ڪُل ۾ جُز" جو مطلب هي آهي ته آزاد ۽ خود مختيار ڪميونسٽ پارٽين جي وچ ۾ تعاون هجي ۽ اسان جي تحريڪ ۾ "هڪ اڳواڻ" جو فرمان نه هلي -

وڏايون نه ڪي انکي هڪ افاقي ڪائنات شي ۽ طور ڏسون

جوزا ريوا :

نئين سياسي فڪر جي انداز جي سلسلي ۾ هڪ اصولي سوال آڏو اچي ٿو - مطلب امن جي جدوجهد ۽ قومي آزادي ۽ جي جدوجهد جي پاڻ ۾ لاڳاپي سان آهي - اڄ لاطيني امريڪا ۾ هي خيال عام ٿي رهيو آهي ته عالمي امن ۽ ترڪ اسلحہ جو مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش جي

> حقيقي عالمي امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن دنيا سماجي تبديلي مان گذرندي. (جوزا ريوا)

مان ڪامريڊ ڪراسين جو ان خيال سان سهمت آهيان ته نئون سياسي فڪر حقيقت ۾ مارڪسزم لينزم ڏانهن، ويهين صدي جي آخر جي حقيقتن جو لحاظ ڪندي، موٽ جو ٻيو نالو آهي. ٻر سوشلزم ۽ جمهوريت جي پاڻ ۾ گهري لاڳاپي ۽ نظريي تي عمل کي فوقيت واري تصور تي زور ڏيڻ چاهيان ٿو - هي نقطو ته سوشلزم ۾ تنظيمي عنصر جو ڪردار گهڻي ڪان گهڻو وڌي ٿو وڃي، ٻه اهم آهي - مان انهن ڳالهين مان اهو محسوس ڪريان ٿو ته اسان اسٽالن جي نظرين ڪان هٽي رهيا آهيون جن سوويت سماج ۽ دنيا ۾ سوشلسٽ نظرئي کي گهڻو نقصان

نتيجي ۾ قومي آزادي ۽ جي ويڙهہ وڙهندڙن سان يڪجهتي ۽ جو سوال پوئتي هليو ويندو - ان مسئلي جو هر پاسو اهم آهي ۽ اسانکي صحيح نظرياتي فارمولا ۽ خاص طور تي عمل ۾ آڻڻ جهڙين صحيح پاليسين تائين پهچڻو پوندو. خاص طور تي سوويت اڳواڻ گورباچوف هڪڻي جي حفاظت ۽ اڄ جي دنيا ۾ هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ ۽ ٻہ طرفي ذميداري ۽ جي ڳالهہ ٿو ڪري - اسان سمجهون ٿا ته انهن مسئلن کي ضرورت ڪان وڌيڪ اهميت ڏني ٿي وڃي ۽ ان سان قومي آزادي ۽ جي تحريڪ جي اڏام ۾ رڪاوٽ ٿي پئي - جنگ کي روڪڻ لاءِ صلح نامن تي حد

> *اسانجي پارٽي پريسترائيڪا جي اٿو هيٺ انهن جمهوري طاقتن سان ٻيهر تعلق پيدا ڪري رهي آهي، جن موجوده سوشلزم ۾ پنهنجي دلچسپي ختم ڪري ڇڏي هئي (جوزاريو)*

پهچايو آهي -
مجموعي طور تي سياسي فڪري انداز ان ڳالهہ جو يقين ٿو ڏياري ته ڪتابي مارڪسزم قاعم نه ٿو رهي سگهي - جو ته هي مارڪسزم آهي ئي نه، پيريسترائيڪا اصل ۾ ڪتابي مارڪسزم کان ڇوٽڪاري جو نالو آهي، ۽ ان سان گڏ ۽ گڏ پريزنيف سلاف جي ڪتابي فلسفي کان ٻہ ڇوٽڪاري جو نالو آهي - اسان کي کپي ته اسان فلسفي کي طريقي ڪار جي هڪ سائنس جي حيثيت سان ۽ تسليم ڪرائڻ جي لائق فڪري انداز جي حيثيت سان

ڪان وڌيڪ زور ڏنو پيو وڃي جڏهن ته حقيقي عالمي تحفظ تڏهن ئي قائم ٿيندو جڏهن دنيا سماجي تبديلي ۽ مان گزرندي - ان ڪري اسان کي يقين آهي ته عالمي امن ۽ ترڪ اسلحہ سان گڏو گڏ اسانکي قومي آزادي ۽ جي تحريڪ کي هڪجيتري اهميت سان اڳتي وڌائڻ کپي - اسانجي کنڊ ۾ ڪيتريون ڪميونسٽ پارٽيون ان خيال سان متفق آهن -

ڪمپوچيا جو مسئلو

حبيب سنائي

تازو ڪمبوڊيا (ڪمپوچيا جو ٻيو نالو) متعلق جيڪا ١٩ - قومن جي عالمي ڪانفرنس پيرس ۾ ڪوٺائي ويئي هئي، سا ڪنهن به خاطر خواه نتيجي ڪانسواءِ پڄاڻيءَ پهتي آهي، بهر حال اهو سو ضرور طيءِ ٿيو ته وري ڪنهن مناسب مهل تي ميڙو مڃائبو.

ڪانفرنس جي ڪار گذاريءَ مان پڌرو ٿيو آهي ته ڪمبوڊيائي مسئلي سان لاڳاپيل مڙيئي مک ڌريون پنهنجي موقف تان تر جيترو به هٽڻ لاءِ تيار نه آهن. پيپلز ريپبلڪ آف ڪمپوچيا جي انقلابي سرڪار جو چوڻ آهي ته جنهن ٺاهه ۾ کيمرروج (Cambridge) وارا شامل هوندا، اهو ڪيس قبول ڪونهي. ٻئي طرف سندس مخالف ڌرن جي گڏيل جلا وطن حڪومت، جنهن ۾ کمير روج به شامل آهي ان جو اصرار آهي ته ڪنهن به طرح کمير روج وارا ان ۾ شريڪ ٿين.

چين، جنهنجي آشيرواد سان اها جلاوطن حڪومت توڙي کمير روج فعال ٿي رهيا آهن، به بضد آهي ته کمير روج کي ڪنهن به طرح آئيندي جي جوڙ جڪ ۾ شامل ڪيو وڃي، ۽ ان جي سربراهي سندن ڄاڙتي پرنس نوروڊم سهانوڪ کي ڏني وڃي. چين جي انهيءَ موقف جي حمايت آمريڪا، فرانس ۽ برطانيه ڪن ٿا.

ايئن ٻئي ڌريون يعني ڪمبوڊيا جي انقلابي سرڪار ۽ ويٽنام (جنهن جي عالمي سطح تي حمايت سوويت يونين، انڊيا ۽ ٻيا سوشلسٽ ملڪ ڪن ٿا) ۽ ٻي ڌر يعني جلا وطن حڪومت ۽ چين (جنهن جي عالمي سطح تي حمايت آمريڪا، برطانيه ۽ ايشين (ASEAN) تنظيم جا رڪن ملڪ ڪن ٿا) پنهنجي سخت موقف جي ڪري، في الحال ڪنهن ٺاهه تائين نه رسي سگهيون آهن.

هتي اسان جي ذهن ۾ ضرور اهو سوال ڪر موڙيندو ته آخر هي سڏورا ڪهڙي سبب ضد ٿا ڪن؟ انهيءَ سوال جي جواب لاءِ اسان کي ڪمپوچيا جي تاريخ ڦلهارڻي پوندي. هڪ لک ٨١ هزار چورس ڪلو ميٽر ايراضيءَ تي ڦهليل ۽ زرعي لحاظ کان هيءُ خوشحال ملڪ ١٨٦٣ع کانوٺي ١٩٥٣ع تائين فرانس جي بيلڪ (ڪالوني) رهيو آهي. انهيءَ وچ ۾ ٿوري عرصي لاءِ ٻي مها ڀاري لڙائي دوران جپان جي قبضي هيٺ آيو. نيٺ ١٩٥٤ع ڌاري فرانسي سامراج مان سندس جان آجي ٿي. انهيءَ سال سهانڪ خاندان پاران ڪمبوڊيائي بادشاهت قائم ڪئي ويئي. انهيءَ بادشاهه ڪنهن عالمي طاقت جو پڇ لڱائو ٿيڻ بجاءِ غير جانبردارا ۽ امن پسند راهه ورتي، جنهن پاليسي جي ضمانت ١٩٥٤ ڌاري جنيوا ۾ ٿيل انڊو چائنا متعلق ٺاهه ۾ ڏني ويئي هئي. ان حقيقت پسند پاليسيءَ جي ڪري ملڪ ۾ خوشحالي وڌڻ لڳي. ايتري تائين جو سٽ واري ڏهاڪي ۾ حڪومت پاران مسافرن جي رهنمائي لاءِ ڇاپيل ڪتابن ۾ ملڪ کي "جنت جهان" ۽ "امن ۽ خوشحاليءَ جو نخلستان" سڏيو ٿي ويو. پر ٻوءِ به ملڪ اندر توڙي ٻاهر تضاد تيزيءَ سان وڌي رهيا هئا. جيڪي سٽ واري ڏهاڪي جي پوياڙي ۽ ستر واري ڏهاڪي جي اڳياڙيءَ ۾ ڀڏرا ٿيا. انهيءَ وچ ۾ آمريڪي سامراج ويٽنام جي سوشلسٽ رياست جي مضبوطيءَ ڪري نه رڳو ڏکڻ - اوڀر ايشيا ۾ پر پوري ايشيا - پيسفڪ علائقي ۾ سندس مفادن کي ڪاپاري ڌڪ ٿي لڳو. تنهن ڪري هن ويٽنام انقلاب کي نهوڙڻ ٿي گهريو. ان مقصد واسطي ڀريائين پنهنجي مقامي ڄاڙتن کي پيون ٻڌائين، ٻوءِ پنهنجا ملڪي فوجي به اماڻيائين، جن اڳتي هلي عوامي طاقت آڏو گوڏا کوڙي وڌا. ڳالهه جو مقصد ته انهيءَ وقت ويٽنام خلاف اڳرائي ۾ آمريڪا لاءِ هيءُ غير جانبردار ڪمبوڊيا هو. نتيجي ۾ مارچ ١٩٧٠ ڌاري آمريڪي سامراج جي شهه تي هتان جي مقامي غدارن جنرل لون نول جي سربراهيءَ ۾ فوجي ڪُو (Camp) ذريعي اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ قوم پرست سهانوڪ کي نيڙ ٻڌرايا. آمريڪا پاران مڙهيل خانه جنگي جي ڪري ١٩٧٠ کان ١٩٧٥ تائين ڇهه لک ڪمپوچيائي اجل جو شڪار ٿيا، ڪافي علائقا ويران ٿي ويا ماڻهن ٻهراڙين مان ڀڄي اچي شهرن ۾ پناهه ورتي. نوم پنهه (هاڻوڪي سرڪار جي راڄڌاني وارو شهر) جي جنگ کان اڳ آبادي ڇهه لک هئي، جا ١٩٧٥ ڌاري ٢٥ لکن کي وڃي پهتي، ملڪ جو اقتصادي نظام ڊانو ڊول ٿي ويو.

عالمي سطح تي حالتن اهو رخ ورتو جو آمريڪا، هند چيني ۾ مليل فوجي شڪست جو بدلو سياسي ميدان ۾ وٺڻ پيو گهري. ڪنهن به طرح طاقت جو توازن، خاص ڪري ايشيا پيسفڪ علائقي ۾، پنهنجي پاسي ڪرڻ پيو گهري. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ سندس ڪيل سازشن رنگ لاتو. ڪمپوچيا مختلف سوشلسٽ ملڪن وچ ۾ جهيڙي جو بهانو ٿي پيو (اها آمريڪي سامراج جي سوچيل سمجهيل اسڪيم پئي رهي آهي ته پنهنجي حقيقي توڙي ممڪنه مخالفن جي وچ ۾ جهيڙا مچائي) اهو ڪارنامو سابق آمريڪي اسٽيٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر هينري ڪسنجر جي ڪوشش جو نتيجو هو. جيڪو نومبر ١٩٧٤ ڌاري

جڏهن چين ۾ پهتو، تڏهن هن بين معاملن سان گڏ سهانوڪ جي ممڪنہ واپسيءَ جي سوال تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، دلچسپ حقيقت اها آهي تہ انهيءَ وقت ڪمپوچيا ۾ آمريڪي ڇاڙتو جنرل لون نول برسر اقتدار هو، جڏهن تہ سهانوڪ کي سڄي دنيا ۾ سامراج (آمريڪا) دشمن ڄاتو ٿي ويو. بهر حال مارچ ۱۹۷۵ ڌاري، پرنس سهانوڪ آمريڪي صدر فورڊ کي گذارش ڪئي نوم پنهہ پيل سندس فلم آرڪائيو ڪيس ڏياري وڃي. بيجنگ جي فرانسيسي ايمبيسي (سفارتخاني) ۾ آمريڪي نمائندن ۽ سهانوڪ وچ ۾ تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ٿي، جنهن ۾ طيءِ ٿيو تہ آمريڪا لون نول کي ميڙائيندو تہ هُو ڪميونسٽ پارٽي ٽوڙي ويئي، تڏهن قائم ڪئي ويئي. شروع کان ئي ان پارٽيءَ تي دانشورن جي انهيءَ گروهہ جو قبضو هو، جيڪي فرانس ۾ گڏ هئا ۽ ڪي ... جي انتها پسنديءَ ۽ گروهہ پسنديءَ (Sectar-ianism) جو شڪار هُئا. مهم جوئيءَ جو شڪار هي ٽولو جڏهن اقتدار ۾ آيو، تڏهن هنن پنهنجن رٿائن تي عمل پيرا ٿيڻ جا سانباها ڪيا. ان ٽولي جي اڳواڻي پول پوٽ کي حاصل هُئي، جنهن جي پٺي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ٺپي. هن، چيني سرڪار جي سهائتا سان، چين جي ثقافتي انقلاب جي طرز تي پاڪ صاف ۽ حقيقتي سوشلزم جي اڏاوت جي نالي ۾ جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي، تنهن جو سطحي ذڪر بہ لڱ ڪانڊاريو وجهي. ٦٩ وڃي بچيا هئا. پنهنجي پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي بہ نہ بخشيو ويو. نوم پنهہ جي تولسلينگ اسڪول ۾ ۲۰ هزار کان وڌيڪ محب وطن ڪارڪن عذابي ماريا ويا. پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي ڪانفرنس، سمپوزيم يا ڪنهن ٻئي گڏجاڻي جي بهاني ڪٺو ڪري، ڌرتي تان ٻهاريو ويندو هو. ڊيموڪريٽڪ ڪمپوچيا جي وزير اعظم جي حيثيت ۾ پول پوٽ فرمايو هُئو تہ سندس نئين سماج جي اڏاوت ۾ ۱۰ لک ماڻهو ڪافي ٿيندا. (ملڪ جي آبادي ۷۰ لک ٻڌائي ٿي وڃي) پنهنجي وحشت جي جواز ۾ هن پاڙيسري ملڪن خاص ڪري سوشلسٽ رياستن يعني ويٽنام ۽ لائوس (جن ملڪن جا رهواسي، هتان جي رهواسين سان گڏ فرانسي سامراج سان گڏ وڙهيا

> آمريڪا پاران مڙهيل خانہ جنگيءَ جي ڪري ۱۹۷۰ع کان ۱۹۷۵ع تائين ڇهہ لک آمريڪي ڪمپوچيائي اجل جو شڪار ٿيا.

سهانوڪ جي حق ۾ اقتدار تان هٽ ڪئي. پر چين پنهنجي پارٽيءَ جي دٻاءُ ڪري سهانوڪ سان وچن پاڙي نہ سگهيو. ۱۲ اپريل ۱۹۷۵ ڌاري پول پوٽ ۽ اينگ سري جي سربراهيءَ ۾ ڪمير روج جٿو، جو ان وقت پيپلز ريووليوشنري پارٽي (عوام جي انقلابي پارٽي) جو حصو هئو، ڪمپوچيا ۾ وارد ٿيو، جنهن نوم پنهہ جي هوائي اڏي تي قبضو ڪيو ۽ سهانوڪ کي گهر ۾ قيد رکيو ويو. ٻئي طرف آمريڪي ۽ سندن ڇاڙتا جان بچائي ملڪ مان فرار ٿي ويا. ۱۷ اپريل ۱۹۷۵ تي مڪمل نموني اقتدار پول پوٽ - اينگ سري ڌڙي کي حاصل ٿيو. هي ٻئي همراهہ ۽ ان جا ٻيا ساٿي عوام جي انقلابي پارٽي (People Revolution Party) ڪمپوچيا سان لاڳاپيل هُئا، جيڪا ۱۹۵۰ع ڌاري جڏهن هند چيني پنهنجي ٽي سالا دور اقتدار ۾ ۳۰ لک ماڻهو مارايا، لکين وطن بدر ڪيا. انهيءَ قهري دؤر ۾ سڄي قوم کي پٺرا ملٽري ڪميونن (Comunînces) ۾ بدلايو ويو. ٻارن، مردن ۽ عورتن کي علحده علحده جاين ۾ رهايو ويو، بغير رضا خوشيءَ جي ڏنڊي جي زور تي هڪ ئي وقت گهڻين شادين جو رواج وڌو ويو، هڪ طرف ڪاڏو گهٽ تہ ٻئي پاسي بيگار تي زور ڏنو ويو. اسڪول ۽ اسپتالون بند ڪيون ويون، ماڻهن کي سندن منشا جي ابتڙ ٻين علائقن ڏي منتقل ٿي ڪيو ويو. جڏهن رهزن جي اقتدار جو خاتمو ٿيو، تڏهن قوم کان ۹۰ سيڪڙو آرٽسٽ کسيا ويا هئا، ۷۲۵ يونيورسٽي پروفيسرن مان ٽلهو ۳، ۲۱۳۱۱ پرائمريءَ جي استادن مان رڳو ۶۴۳، ۲۷۹۳ فزيشنن مان باقي آهن) سان ڪؤنسن شروع ڪري. جهيڙا ميڙائڻ جي ڪوشش ڪئي، بهر حال هيٽري جبر هوندي بہ عوامي تحريڪ رڪجي نہ سگهي. ۲ ڊسمبر ۱۹۷۸ تي ڪمپوچيا جي مڙني محب وطنن گڏجي "ڪمپوچيا نيشنل فرنٽ فار نيشنل سالوشين" (kampuchea National Front for National Salvation) نالي اتحاد قائم ڪيو، جنهن جي طرفان هلايل رمزا تحريڪ جي ڪري (۽ ويٽنامي رضا ڪرن جي ڀرپور سهڪارن سان پول پوٽ کان ۷، جنوري ۱۹۷۹ تي اقتدار کسيو ويو. عوام سک جو ساهہ کنيو، ملڪ کي پيپلز ريپبلڪ جو نالو ڏنو ويو. موجوده انقلابي سرڪار پنهنجي حقيقتي آزاديءَ جو شمار ۷ جنوري ۱۹۷۹ع کان وٺي ڪندي آهي.)

ان وقت عوام جي نفسياتي حالت اها

هئي، جو جيڪي ويٽنامي سپاهي کين ڪاڏو پيتو فراهم ڪري رهيا هئا، تن کي ٻـ شڪي نظرن سان جانچيو ٿي ويو. تنهن ڪري هن انقلابي سرڪار جو خاص مسئلو، اهو هو تـ ڪيئن ٻـ ڪري عوام جو اعتماد بحال ڪجي. تنهن کان پوءِ عوام جي ڪاڌي پيتي جو بندوبست ڪري نئين سر سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ڍانچي جي تعمير ڪئي وڃي.
هن انقلابي سرڪار پاران ١٩٨١ع ڌاري مقامي حڪومتن جون چونڊون ڪرايون ويون، ۽ نئون آئين بـ اختيار ڪيو ويو نئين سر جياريل عوام جي انقلابي پارٽي جي چوٿين ڪانگريس بـ ڪرائي وئي.
سال ١٩٨٥ ڌاري عوام جي شعور ۾ انقلابي تبديليون آيون، هن سال انقلابي پارٽي پنجين ڪانگريس ۾ پهريون پنج سالـ "پروگرام برائي سماجي اقتصادي بحالي ۽ ترقي" منظور ڪيو ويو، جنهن ۾ اهو رٿيو ويو تـ ١٩٩٠ع جي آخر ۾ ملڪ جي معيشيت جي ترقي جي سطح کي ١٩٦٩ع واري سطح تائين پهچايو ويندو. بهر حال هن انقلابي سرڪار پنهنجي ناڪافي وسيلن ۽ وت آهر عوام جي هر ڦيري ۾ پاڻ ڀرائي لاءِ پئي پتوڙيو آهي. مگر انقلاب دشمن ۽ سامراجي حوارين سازشون ڪري سندس راهـ ۾ رنڊڪون پئي کڙيون ڪيون آهن. وڏي ڳالهـ تـ پنهنجي سامراجي آقائن کي منٿ ميڙ ڪري انقلابي حڪومت جي اقتصادي ناڪـ بندي پئي ڪرائي آهي.
انقلاب وقت ٣ لک ڪمير وطن ڇڏي ٿائلينڊ ۽ ٻين ڀرپاسي جي ملڪ ڏي وئي ڀڳا. ٿائلينڊ جي سرحد تي رهيل ٻن پناهگيرن ٻـ سياسي ۽ فوج اتحاد برپا ڪيا. ١٩ هزار هٿيار بندن تي مشتمل هڪ ڌرجي اڳواڻي سهانوڪ کي حاصل ٿي، ۽ ٻي ڌڙي جي اڳواڻي ساجي ڌر جي سياستدان سان

سن کي ملي، جنهن جي ڌڙي ۾ ٥ هزار هٿيار بندن تي مشتمل ڪمير روج سان گڏجي ١٩٨٢ ڌاري سهانوڪ جي سربراهيءَ ۾ جلا وطن حڪومت قائم ڪئي، جنهن کي چين کان علاوه آمريڪا، ايشين (Asean) تنظيم جي رڪن ملڪن ۽ ٻين مغربي ملڪن تسليم ڪري، ملڪ جي حقيقي عوامي سرڪار بجاءِ، انهيءَ هٽئلوڪي حڪومت کي گڏيل قومن جي اداري ۾ نمائندگي ڏياري. جڙتو جلاوطن حڪومت ۾ شامل ڌڙا، سدائين هن انقلابي سرڪار سان جهيڙيندا رهيا آهن ۽ ڪن لاءِ انقلابي سرڪار کي سک جو ساهـ کڻڻ نـ ڏنو اٿن. سندن حملن جي ڪري سرحد جي ڀر پاسي ۾ سوين ڳوٺ ويران پيا آهن. ريگن جڏهن آمريڪي صدر بڻيو، تڏهن هن شاونزم کي هوا ڏني، جنهن جي ڪري نومبر ١٩٨٠ وارين چونڊن ۾ آمريڪي ڪانگريس ۾ اهڙا ماڻهو چونڊجي آيا، جيڪي ڪنهن نـ ڪنهن طرح ويٽنامي جنگ سان وابستـ پئي رهيا آهن. ريگن جي دؤر اقتدار ۾ هند چيني سو شلسٽ ملڪن خلاف تخريبي سرگرميون تيز ڪيون ويون. ان ڏس ۾ "ايشين (ASEAN) تنظيم جي ڪن ملڪن ۾ قائم فوجي اڏن جو ڀرپور استعمال ڪيو ويو. انقلاب دشمن ۽ عوام دشمن جي ظاهري توڙي ڇپيل مدد ڪئي وئي. ريگن حڪومت جي اهم حقيقت اها آهي تـ انهي اقتدار دؤران چين کي بي انداز اسلحو وڪرو ڪيو ويو. جنهن جي ڪري ايشين تنظيم جا رڪن ملڪ آمريڪا کان ارهابـ ٿيا آهن. (شايد اها ارهائي سندن ڪمپوچيا جي نبيري ۾ دلچسپي جو سبب هجي.)
انهيءَ دؤر ۾ عالمي تعلقات ۾ گلاسنوسٽ ۽ پريسترائيڪا جي بهاني جيڪا تبديلي آئي آهي، جنهن جي ڪري وڏين طاقتن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾

گهٽتائي آئي آهي. انهيءَ جو اثر علائقائي سطح تي پيو آهي. ڪمپوچيا جي انقلابي سرڪار اهڙين حالتن مان اتساهجي آگسٽ ١٩٨٧ ڌاري "قومي مصالحت" جو سڏ ڏيندي، مڙني محب وطن ڌرين کي خود مختياري، پر امن غير جانبردار ۽ جمهوري ڪمپوچيا جي اڏاوت ۾ سهائتا لاءِ سينڌ ڏني. جنهنجي جواب ۾ پرنس سهانوڪ ٽياڪڙن جي وسيلي فرانس ۾ ڊسمبر ١٩٨٩ ڌاري انقلابي حڪومت جي وزير اعظم هن سن سان ملاقاتي ٿيو. سندن وچ ۾ ٻي گڏجاڻي جنوري ١٩٨٨ ۾ ٿي، انهن ملاقاتن ۾ معاملي جي فوجي نبيري بجاءِ سياسي حل ڪرڻ جا اصول طيءِ ٿيا. ان وچ ۾ ويٽنام ۽ ڪمپوچيا پاڻ ۾ ٺاهـ ڪري طيءِ ڪيو تـ ويٽنامي رضا ڪارن جو اڌ حصو ١٩٨٨ ۾ پنهنجي ملڪ ورندو باقي رهيل اڌ حصو ٣٠ سيٽمبر ١٩٨٩ تائين ڪمپوچيا کي الوداع چوندو.
٢٥ ۽ ٢٦ جولاءِ تي جڪارتا جي پسگردائي ۾ چئني ڌرين جي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ويٽنام، لائوس ۽ ايشين تنظيم جا رڪن ملڪن جا نمائندا بـ شريڪ ٿيا.
مخالف ڌرين جو سڄو زور انهيءَ تي هو تـ ڪيئن بـ ــري ويٽنامي رضا ڪار جلدکان جلد ڪمپوچيا مان ڪڍيا وڃن. بهر حال انقلابي سرڪار انهيءَ سلسلي ۾ اهو شرط وڌو تـ ڪنهن ممڪنـ برادر ڪشي (Genocide) جي ٻيهر نـ ٿيڻ جي ضمانت ڏني وڃي، پوءِ ئي ويٽنامي رضا ڪار واپس ويندا. ٻي ڳالهـ تـ انقلابي سرڪار جو چوڻ آهي تـ رهزن ڪمير روج وارو جٿو، جنهن پنهنجي قوم جي وڏي پئماني تي نسل ڪشي ڪئي آهي، تنهن کي آئيندي جي ڪنهن جوڙ جڪ ۾ حصيدار ڪرڻ عوام جي توهين برابر آهي، پر ڪمير روج جو پشتيان چين، جنهنجي اڳوائن اچا توڻي جاگيردارانـ انانيت جي گپ ۾

داڦوڙا هٿي رهيا آهن، انهيءَ سياسي حقيقت کي محسوس ڪرڻ بجاءِ، ڪميرن کان بدلو وٺڻ ٿو گهري، جيڪي سندس لاڏلي پول پوٽ ۽ ان جي حرامي اولاد ڪمير روج کان سخت نفرت ڪن ٿا.

سو هاڻوڪي پيرس ڪانفرنس به انهيءَ ضد ۽ انا پرستيءَ جو شڪار ٿي. ان ڪانفرنس ۾ شريڪ آمريڪي ۽ برطانوي نمائندن جو زور انهيءَ ڳالهه تي هئو ته ڪيئن به ڪري آخرين اعلان نامي ۾ ويٽنامي رضا ڪارن کي غير ملڪي ڌاڙ جو نالو ڏيئي، ان جي زور دار مذمت شامل ڪئي وڃي.

بهر حال انهيءَ ڳالهه ٻولهه جي ناڪاميءَ هڪ ٻيو مسئلو به سامهون آندو آهي. ٿائلينڊ جي سرحدن تي قائم ڪئمپن ۾ ٣٠ هزار ڪمبوڊيائي شهري پناهگير وسيل آهن. جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ڌڙي ڪمير روج، سهانوڪ سڻ سان سون وارو به جي قبضي ۾ آهن. ڪين نه پورو کاڌو ٿو فراهم ڪيو ويو وڃي، يعني پنهنجي رضا سان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي. ڪيترن کي زوريءَ ملڪ اندر اماڻي تخريبي ڪاروايون ڪرايون ٿيون وڃن. ڪمير روج پنهنجي حڪم جي انحرافي ڪندڙ کي مينل شيٽ پنيءَ سان ٻڌيو اس ۾ ڇڏيو ڏين، جتي اهي جليو راک ٿيو وڃن. انهيءَ کان علاوه معصومن کي مارڻ، زوريءَ زنا، خود ڪشي ۽ ٻيا اهڙا ڏوهه، عالمي اخبارن ۾ رپورٽ ٿيا آهن.

نوم پنهه سرڪار ان سلسلي ۾ پروگرام جوڙڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ۾ رڌل آهي. جيستائين اهو پروگرام جڙي، تيستائين هن سين انتظاميه عالمي ايجنسين تي زور ڀريو آهي ته اهي پناهگيرن کي ڪئمپن ۾ نه رکن. جو ته ڪمير روج پنهنجي سياسي مقصدن تحت انهن پناهگيرن کي ملڪ اندر اماڻين ٿا.

نتيجو :- جيتوڻيڪ پيرس ڪانفرنس ڪاميابيءَ سان همڪنار نه ٿي آهي، پر ميزبان ملڪ (فرانس) جو وزير خارجه ڊوماس، ويجهي سڀ ۾ ٿاهه ٿيڻ جي اميد رکي ٿو. ٻئي طرف چين روايتي هٺ ڌرمي جو مظاهرو ڪندي ڳالهين جي ناڪاميءَ جي ذميواري ويٽنام تي مڙهي آهي، جنهن جا رضا ڪار ٢٧ سيپٽمبر ١٩٨٩ تائين ڪمپوچيا جا وڻ ڇڏيندا. آمريڪي اسٽيٽ کاتي جي ترجمان موجب جيتوڻيڪ گهربل نتيجا حاصل نه ٿيا آهن، پر پوءِ به آزاد ڪمبوڊيا جي قيام ڏي توري پيشقدمي ضرور ٿي آهي.

آخري ڳالهه ته معاملي جي درست نبيري لاءِ ضروري آهي ته سڀني لاڳاپيل ڌريون، هٺ ڌرمي ۽ انانيت کان پاسو ڪري، معقوليت جو مظاهرو ڪن.



وولي سوئنڪار

نوبل انعام يافته اديب جو ليڪچر

ترجمو ؛ ڪلال

(نائجيريا جي نوبل انعام حاصل ڪندڙ اديب وولي سوئنڪار جي ڏنل ليڪچر جو متن جيڪو هن انعام ملڻ واري اجلاس ۾ ڏنو هو . هي ليڪچر ڏکڻ آفريڪا جي اڳواڻ نيلس منڊيلا کي ارپيل آهي).

هڪ دفعي لنڊن ٿيٽر ۾ ڏسندڙن آڏو اسٽيج تي ، ڊرامي جو هڪ انوکو ۽ اڻ لکيو ڏيک پيش ٿيو . ٿيو هيئن جو هڪ اداڪار پنهن جو مليل ڪردار ادا ڪرڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو . سندس ساٿي اداڪارن ڊرامو ملتوي ڪري ، ڪيس اسٽيج تي آڻڻ جي ڪوشش شروع ڪئي ، پر همراه صفا نابري واري بيهي رهيو . هڪڙي اداڪار جو خيال هو ته جيڪڏهن تيز روشني ۾ ڪيس ماڻهن آڏو اوچتو ڇڪي اچبو ته پوءِ ڪم ڪرڻ کان سواءِ هن لاءِ ڪو ٻيو چارو ڪونه رهندو ، انهيءَ ڪري ٽوري ڇڪ ڇڪان شروع ٿي ويئي . هن ڪاوڙيل همراه کي اسٽيج تي گهلڻ شروع ڪري ڪيس حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ، انهيءَ ڳالهه ۾ ٻيو همراه پوري طرح ڪامياب ته ڪونه ٿيو . پر ناظرين مان ڪن گهل گهلان ڏسي ورتي . ڪاوڙيل همراه کي گهڻو زير بار ڪيو ويو پر همراه ڳالهه کي صفا پُٺي ڏيئي بيهي رهيو .

هتي اها ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته اهو ڊراما هڪ سچي واقعي تي ٻڌل هو . جنهن ۾ اداڪارن کي اتي اها آزادي هوندي هئي ته جيڪو ڪردار وٺين ، سو ڪٿن ۽ مرضي نه هجين ته ڪم ڇڏي وڃن . ناظرين جي ئي سامهون لباس وغيره پيو مٽبو هو ، ڪڏهن ته ويندي ڏسندڙن کي ٻه اسٽيج تي سڏي انهن کان ٻه ڪم ورتو ويندو هو . انهيءَ ڪري ، سڀ اداڪار ، سندن غير سهڪاري ساٿي کي پاڻ سان ڪم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان معاملي کي جنبي ويا . ريهرسل هلندي هن چتاءُ ڏيئي ڇڏيو ته آءُ ڪم ڪونه ڪندس انهيءَ ڪري هُو ڏيک شروع ٿيڻ کان اڳ ئي اسٽيج ڇڏي ويو هليو . انهيءَ واقعي کان پوءِ ڪيترا ئي هفتا هن لاءِ ڏاڍا اذيت ۾ گذريا . هن پنهنجي پاڻ کي انهيءَ واقعي جي حوالي سان ، پنهنجي ۽ ساٿي ليکڪن ۽ اداڪارن جي روين جي وچ ۾ تضاد هئڻ ڪري ڏاڍو لاچار پئي پاتيو . هڪ پاسي ڪيس انهيءَ ڳالهه تي دلي رنج هو ته هڪ جيئري جاڳندي حقيقت کي منهن مقابل ٿيڻ جو منجهس وس نه رهيو آهي ، ڪنهن اندورني لڄ ڪيس ڏاڍو ايذايو هو ، ڪنهن ڪٺور حقيقت هن کي نستو ڪري ڇڏيو هو . انهيءَ واقعي سان سندس ڪو جذباتي لاڳاپو هو جيڪو سندس ڪارگردگيءَ ۾ رنڊڪ ٿي بڻيو . ڪيس اها ، پڪ هئي انهن مان ڪاٻه ڳالهه ڪانه هئي . ڳالهه سنئين سڌي طرح ايئن هئي جو ، جيتوڻيڪ سندن ساٿين جو ٻه انهيءَ واقعي ڏانهن ساڳيو ئي رويو هو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونه هو ، پر حقيقت ۾ انهن جي برخلاف هنکي ، جنگ جي انهيءَ واقعي جي انهيءَ پيشڪش جو طريقو ڏاڍو گندو ٿي لڳو . سندس خيال موجب اهو ڏيک اهڙن ماڻهن آڏو ٿي پيش ڪيو ويو جن کي هن گڏيل طور تي انهيءَ واقعي جو ذميوار سمجهيو ٿي .

هاڻي اچو ته ڳجهارتن ۾ ڳالهائڻ ڇڏي ، انهيءَ واقعي جو ڪلي طرح ذڪر ڪريون . اهو ڏيک هو ١٩٥٨ع ۾ " رايل ڪورٽ ٿيٽر " لنڊن جو . آچر جي رات هئي ۽ هر آچر جي رات ٿيٽر جو لائق مئنيجر ، ۽ ڊائريڪٽر "جارج ڊوائن " اهڙيون ڳالهيون پيش ڪندو هو جن ۾ جِدت هوندي هئي . سندس تخليقي صلاحيتن انهيءَ دور جي برٽش ٿيٽر ۾ بنيادي تبديليون آنديون . "جان آبسن " "اين . ايف سمپسن " ، " ايڊورڊ بانڊ " ، " آرنولڊ وسڪر " ، هيرالڊ پنٽر " ۽ "جان آرڊن " جهڙا اداڪار پيدا ڪيا . هن انهيءَ دور جي قدامت پسند انگريزي سماج کي ڏاڍو متاثر ڪيو ، جنهن " سيموئل بڪيٽ " ۽ " برٽالٽ بريخت " جهڙا نظرياتي ماڻهو پيدا ڪيا . انهيءَ موقعي تي اها شام " زنده ٿيٽر " لاءِ وقف ٿيل هئي ۽ پيش ٿيندڙ ڊرامي جو نالو هو . "هولا ۾ ماريل يارنهن ماڻهو " انهيءَ ڊرامي ۾ ڪم ڪندڙ اداڪار پروفيشنل نه هئا . گهڻو ڪري سڀ ئي ليکڪ هوندا هئا جيڪي ملي ڪري اهڙا ڊراما لکندا ٻه پاڻ هئا ته پاڻ ئي پيش ٻه ڪندا هئا . جن دوستن جو حافظو مضبوط هوندو هو ۽ ڪين سياسي ڳالهيون ياد هونديون ، تن کي آساني سان اها ڳالهه ياد اچي ويندي ته "ماؤ ماؤ " واري آزادي جي تحريڪ هلندي ڪينيا ۾ هولا ڪئمپ اندر ڇا وهيو واپريو هو . انگريز سامراجين کي پڪ هئي ته ڪينيا ئينَ کي ڪئمپن ۾ واڙڻ سان تحريڪ کي پاڙون پٽي ڇڏيندا . ڇا ڪيائون جو ڳپير ڪيسن ۾ گهربل ، شڪي ماڻهن ۽ نوجوانن کي جداجدا بند ڪري رکيائون . انهيءَ ڳالهه ۾ هنن ڏاڍي ڏاهپ کان ڪم ورتو . هولا ڪئمپ پڻ اهڙين ئي ڪئمپن مان هڪ هئي جنهن ۾ اهو واقعو پيش آيو . انهيءَ واقعي ۾ آفيسرن ۽ پهريدارن قيدين کي ڪُٽي ڪُٽي پورو ڇڏيو هو . پوءِ دستور موجب

انهيءَ واقعي جي جاچ ڪرائي ويئي ۽ حقيقت ۾ انهيءَ ڊراما جو بنياد ٻه انهيءَ جاچ جي رپورٽ جي متن تي ٻڌل هو .

هاڻي اسان کي انهيءَ ڪاوڙيل اداڪار جي سڃاڻپ ڪرڻ گهرجي . ته دوستو ! اهو اداڪار ڪو ٻيو نه پر خود هي مقرر پاڻ هو . مونکي اڄ ٻه اهو واقعو چڱيءَ طرح ياد آهي . ايئن نه جيئن اداڪارن کي اڪثر ڏيک ۽ پنهنجا ڊائلاگ ٻه وسري ويندا آهن . مون کي جيڪو ڪردار مليل هو ، سو ڪئمپ جو هڪ پهريدار يعني هڪ " قاتل " جو . اسان وٽ ٿلها ٿلها ڏنڊا هٿن ۾ هئا ، جيئن راوي بيان شروع ڪري ها ته اسانکي ڪئمپ جي آفيسرن جي حڪم تي هوريان هوريان ڏنڊا اڀا ڪري ، قيدين جي ڪنڌ ۽ ڪلهن تي زور سان ٺوڪڻا هئا ، اهو ڏيک حقيقي هو ، ويندي ريهرسل هلندي ، اها پڪ هئي ته ڊرامو بلڪل حقيقي لڳندو . ڊڪي تي بيٺل راوي جي پڙهڻ جو پرسڪون انداز ، جاٽي ٻجهي پيدا ڪيل هيبتناڪ ماحول ، مظلوم قيدين جي ذهني ۽ دلي ڪيفيت جو حقيقي اظهار ، گورن آفيسرن جو هٿياربند ننڍڙو ٽولو . انهن مان هڪ آفيسر جو هڪ پهريدار کان ڏنڊو وٺي اهو سيکارڻ ته ڪهڙي طرح موچڙا هڻجن جو قيدين تي ڪو ٻه ظاهري نشان پيدا نه ٿئي . آخر ۾ قيدين طرفان سندن اڪيلي هٿيار يعني عدم تشدد جو استعمال . قيدين اسٽرائڪ تي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ طئي ڪيائون ته جيستائين ڪئمپ جون حالتون بهتر نه ٿيون تيستائين ڪم نه ڪبو . سيئي قيدي زمين تي گوڏن ۾ ٻڪ وجهي ڪم ڪار کان نابري واري ويهي رهيا . حڪم ٿيو ته پهريدار جو هڪ ٽولو اڳتي وڌي قيدين جا عضوا مروٽي ، ڪين ٽنگو ٽالي ڪري ڪٽي . پر قيدي جهڙا پنڊ پهڻ ، تنهن ڪان پوءِ قيدين کي ننڍن ننڍن ٽولن ۾ ورهائي ويهاريو ويو .

قيدين جا ڪوماٿل چهرا ، مگر اهو طئي ٿيل هو نه ته ڪابه مزاحمت نه ڪئي ويندي . مار شروع ، پهريائين ڪاٻو پاسو پوءِ پٺا ، پوءِ ٻانهون . ايئن ساڄو پاسو ، ڪاٻو پاسو ، اڳ ، پٺا ، ڏاڍي سر تال سان . ڏنڊن جو هوا ۾ اڀرڻ ۽ گورن آفيسرن جي چهرن تي پنهنجي روزمره جي ڪارڪردگيءَ تي اطمينان جي ٻرڪ . ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ قيدين جي نئين ٽولي کي مار لاءِ آڻڻ يا قيدين جي رهيل عضون کي ڪٽڻ لاءِ سندن اشارا . اهو هو ڏيک جيڪي اهڙي طرح روان دوان هو جڻ حقيقت هجي .

انهيءَ واقعي کان پوءِ گوڙ ٿيو ، سرڪاري بيان جاري ڪيو ويو جنهن ۾ اهو ڄاڻايل هو ته "قيدي ڪيئن مئا . بيان ۾ اهو ڄاڻايل هو ته قيدي زهريلو پاڻي پيئڻ جي ڪري مئا هئا . اهوئي ڪارڻ هو جو اسان اسٽيج تي اهو ڏيک ٻه پيش ڪيو . قيدي اڄ ۾ سهڪندا سهڪندا پاڻي آڻيندڙ لاري تي ٽٽي پيا . ٻه ٽي ڍُڪ پيئڻ سان قيدي سور ۾ شيڪجي ڪري پيا . ويچارا " انسان دوست " پهريدار ڪين منع ڪرڻ لاءِ ڏاڍا ٻڳا ، پر قيدي اڄ ۾ اهڙا چتا ٿيل هئا جو پهريدارن جي وچان گس ٺاهي لاريءَ ڪي رسي ويا ۽ پاڻي تي ٽٽي پيا . پوءِ سندن ڪنجهڪار شروع ٿي ويئي ، سور ۾ شيڪبا ، زمين تي ڊهندا ويا ۽ هڪ هڪ ٿي مري ويا " . اهو هو ڪئمپ آفيسرن جو بيان .

مقصد بلڪل سنئون سڌو هو . ناٽڪ ۾ ڪم سندس آزمايل سندن ٺي قائم ڪيل روايت تي ٻڌل هو . پوءِ مسئلو ڪهڙو هو ؟ منهنجي خيال ۾ ڳالھ اهائي هئي جيڪا اڪثر ليکڪن تي اثر انداز ٿيندي آهي . اداڪاري ڪهڙي وقت حقيقت کي پوئتي ڌڪي ڇڏيندي آهي ؟ افساني نويسي ۾ شوخي ڪهڙي وقت پيدا ٿيندي آهي ۽ اداڪاري کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي ؟ جيئن مون اڳ ڄاڻايو آهي ته ٿيٽر جي خاص روايتن ۾ هڪ اها ٻه آهي ته انهيءَ احساس کي دائمي رنگ ڏنو وڃي ته " منهن جو انهيءَ ڏيک سان اڳ ئي واسطو آهي ۽ آءُ انهيءَ جاءِ تي اڳ ٻه آيل آهيان " يا اهو ته آءُ هن واقعي جو شاهد آهيان " ماضي حال کي متحرڪ رکي ٿو " اهڙي قسم جي حالت ۾ دائميت جو احساس ڏسندڙن لاءِ چونڪاري ۽ سکون جي تصديق آهي . هتي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڊرامو ڏسندڙن ۾ اڪثريت اهڙن جي هئي ، جن لاءِ آزادي لاءِ مرندڙ سپاهي جو موت ايئن هو جڻ ڪنهن حيوان يا بدڪار جو موت ۽ ڪنهن آزادي جي سپاهيءَ جي شهادت .

اسان کي اها پڻ پروڙ آهي ته اهڙيون ڪو ششون تبديلي آڻي سگهن ٿيون . ڪو صحافتي نوٽ يا ڪي سچا انگ اکر ڪنهن مطمئن ذهن کي پلٽو ڪارائي ، ڪنهن تبديلي جي تدارڪ لاءِ شروعات ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهن ٿا . مثلا انهيءَ موقعي تي انهيءَ واقعي بابت پارليامينٽ اندر سوال اٿاريا ويا هئا . آزاد خيالن ، انسان دوست ۽ سڌارڪ شخصن ڪينيا ئي مظلومن لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ، انهن منجهان ڪن ڪينيا جو سفر پڻ ڪيو ته جيئن تفصيلي انگ اکر هٿ ڪري سرڪاري ڪُوڙ جي پٽ وائکي ڪئي وڃي . انهيءَ ڏينهن منهن جي اها ڳُوڙهي بي اطميناني هئي جنهن منهنجي تخليقي تمنا کي مفلوج ڪري ڇڏيو هو سائي ڏسندڙن جي آڏو آئي . آخر مون انهيءَ بي اطميناني جون پاڙون ، مجروح انسانيت لاءِ پنهنجي احساس ۽ ورتاءُ ۾ ڳولي لڌيون . جيئن ڪنهن ڪوڙهئي جي سڪل علاج لاءِ سڪندڙ ٻانهن ڏسي انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ رحم جو جذبو دل ۾ اڀري ايندو آهي ، انهيءَ جي برخلاف مون ۾ انهيءَ پيشڪش جي خلاف سخت ردعمل پيدا ٿيو . پڪ سان اهو سبب ٻه ناقابل فهم هو پر

اها مڪمل طور تي هڪ اندروني ۽ روحاني ترديد هئي جنهن مون ۾ منهنجي سائين جي مظلومن لاءِ نالي ماتر ۽ ڪوڙي همدردي جي ڏس ۾ مونکي سڌڻ جي مزاحمت ڪئي. اها ڳالهه ائين هئي جڻ، اهو غير انساني سلوڪ جنهن جو ان ڊرامي وارو مذڪوره ڏيک فقط هڪ حصو هو، سو اسانکي چوندو هجي ته مهربانو پنهنجا ڪومل جذبا پاڻ وٽ ئي سانڍي رکو.

حقيقت ۾ مون اهو ذڪر، هڪ تخليقي ذهن جي نهايت ڳوڙهي اندروني عمل جي مثال طور ڪيو آهي. جيڪو تخليق لاءِ ٻئي خطري جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. يا ته هو اهڙي حالت ۾ مڪمل طور سنُ ٿي ويندو آهي، يا ته هو انهيءَ ناقابل قبول صورتحال جي خلاف وڙهڻ جي ڏس ۾ سڌا طريقا اختيار ڪرڻ لاءِ قلم هٿ ۾ ڪندو آهي. وري ٿا اچون هولا ڪئمپ تي، ته اهامنهن جي ڪنڌ جي حقيقت جي انهيءَ پهلو تا ئين رسڻ جو نهايت نوس ۽ صحيح و سيلو مهيا ڪري ٿي جيڪو اسان سان سڌيءَ طرح تصادم ۾ آهي ۽ جنهن اسان جي حقيقي وجود لاءِ عالميگر بنياد تي خطرو پيدا ڪيو آهي. انهيءَ حقيقي جو اهو ڪيڏو نه هولناڪ ۽ نفرت انگيز پهلو آهي ته اڄ هتي جڏهن آفريڪا جو ڪارو شخص اوهان جي وچ ۾ موجوده آهي ۽ اوهان سان مخاطب آهي، انهي ساڳئي سال ۾ ميزبان ملڪ جي ترقي پسند وزير اعظم کي قتل ڪيو ويو آهي، جنهن سال ۾ نسلي برتري جي نظرئي جي آخري پرستارن، (جنهن نظرئي سڄي انسان ذات لاءِ گڏيل طور تي وڏي تباهي پيدا ڪئي آهي) سامورا ماشيل جو جهاز ڪنهن ڪائي ۾ ڪيرائي انکي به قتل ڪري ڇڏيو آهي. اولف پالمي جي موت جي ڪهڙي به حقيقت هجي پر سندس زندگي بابت ٻه رايا ٿي نٿا سگهن. انسان ذات جي هڪ وڏي حصي جي خلاف ٿيندڙ نسل پرستي جي ڏاڏاين جي خلاف اولف پالمي فيصلہ ڪُن شخصيت جو مالڪ. پر نہ! سندس قاتل شايد هن جي "نسل غداريءَ" جي خلاف ڪاوڙ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري ويا، يا شايد ايتري قدر ڪوتاهه تطر ٿي ويا آهن جو سمجهن ٿا ته هڪ شخص کي قتل ڪري، ڪنهن اعليٰ مقصد جي منزل طرف سندس پيش قدمي کي روڪي ڇڏيندا! بهرحال اهو تشدد جو هڪ وڏيڪ مثال آهي، تشدد جنهن جو مدار دليل تي نہ پر زورآوري تي ٻڌل هوندو آهي. پرواه ناهي جيڪڏهن ڪنهن گوري جو شعور حقيقت پسندي.ڪان غافل هجي. پر انهي غفلت ۾ نقصان آهي، اوهان جو ٻہ تہ منهنجو ٻہ سامورا ماشيل جنهن پنهنجي ملڪ کي ڏکڻ آفريڪا سان جنگ جي ڪنڌيءَ تي آڻي رسايو هو، تنهن کي تہ ويتر وڏيڪ حيرت جو ڳين حالتن ۾ ڪيرائي ماريو ويو آهي. سچ اهو آهي تہ اسان سان اڄ ٻہ "نومتي قانون" لاڳو ٿيل آهي، جيڪو آفريڪي عوام جي گڏيل خواهش جي اظهار جي خاتمي لاءِ بنايل آهي. بلاشڪ سرحد جي ٻئي پار سامورا ماشيل جي قتل تي سندس دشمن کي خوش ٿيڻ ۽ جشن ملهائڻ جو سنهري موقعو ميسر ٿيو آهي، پر آفريڪا جي ڪاري نسل وارن لاءِ آهي.

سندس موت وڏي بدبختي جي ڳالهه اچو توهان کي واپس "هولا ڪئمپ" وٺي هلان. سائين منهنجا ڏنڊو جانورن لاءِ استعمال ۾ ايندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن کي ڪُٽي ڪُٽي ماٺهو پورو ٻہ ڪري ڇڏِيندا آهن. اها ڳالهه سوچڻ جهڙي آهي تہ قصو اونڌو لڳو پيو آهي جو، "هولا ڪئمپ" واري واقعي کان ٺيڪ سال پوءِ اڄ ٻہ نهايت ڪاريگري سان سائنسي اوزارن ذريعي آفريڪا جي آزادي جي سپاهين کي قتل ڪيو پيو وڃي. نسل پرستي جا ٺيڪيدار انهي ڳالهه کي مڃين ٿا، جيتوڻيڪ سڄي دنيا سان هو انهي جو يڪو انڪار ڪندا اچن ٿا تہ گورا پاڻ جيڪي اعليٰ نسل جا انسان آهن سي "هولا ڪئمپ" واري واقعي کان وٺي پنهنجي دشمنن کي ناس ڪندا اچن. اهو ڪم هو "شار پويل" واري واقعي کان لاڳيتو ڪري رهيا آهن، جنهن موقعي تي انهن ٻي هٿيار آفريڪين تي پويان گوليون وسايون هيون پر هاڻ ١٩٣٠ع واري دؤر کان گهٽو اڳتي نڪري آيا آهيون، جڏهن "پاسون" ساڙڻ جو پهريون منظم واقعو پيش آيو هو. ان موقعي تي ڏکڻ آفريڪا جي ڪارن "زُولو اڳواڻ" "ڊنگان" جي شڪست جو ڏينهن پنهنجي جدوجهد جي اهڃاڻ طور ملهائڻ لاءِ ڪلي عام اهي نفرت جوڳيون "پاسون" ساڙڻ جو فيصلو ڪيو، پوءِ "ڪارٽرائيٽ فلئٽ" تي ساڙيل هزارها "پاسن" جي موٽ ۾، ڊربن پوليس احتجاج ڪرڻ وارن هٿين خالي ماڻهن ويچارن تي گولين جو وسڪارو لاهي ڏنو، جنهن ۾ اڌ ڊزن کن ماڻهو مارجي ويا ۽ هزارين زخمي ٿيا. تنهن کان پوءِ پوليس سنڌن گهرن کي ٻاهيون لائڻ شروع ڪري ڏنيون، جنهن جي نتيجي ۾ هزارين ويچارا آفريڪي پنهنجي رواجي ماحول کان ڇڇي ڏار ٿي دربدر ٿي، قيد ۽ ٻي وطني جو شڪار ٿيا. خود ١٩٣٠ع واري اها قيامت ٻہ ١٩١٩ع جي "نيٽو پاسن" جي خلاف پاڻمرادو پيدا ٿيل احتجاج جو حصو هئي. جنهن ۾ احتجاج هلندي گهوڙي سوار پوليس جا دستا احتجاج ڪرڻ وارن تي چڙهي ويندا هئا ۽ مٿن ڪوڙن جو وسڪارو لائي ڏيندا هئا. ڪين واٽ هلندي جهلي يا گهرن مان وٺي وڃي اونڌو ٽنگي ڪُٽيندا هئا. وڏي پيماني تي ٿيندڙ نون طور طريقن سان اهو تشدد، انسان ذات جي نقصان ۽ انسان جي پنهنجي وڏيل

چاڻ جي غلط استعمال جي هولناڪين ۾ واڌاري ۽ مظلومن سان ٿيندڙ ڏاڍ جي رفتار ۾ واڌاري جي ثابتي آهي . هولا ڪئمپ واري واقعي جي ورجاءَ جي ڪوشش جو اهو ئي پهلو هو جنهن مونکي سخت اهنج پُئي ڏنو آهي ، سو آهي گورن حڪمرانن طرفان جاري خون ريزي جي ڏس ۾ ڪلي طرح ڏنل بيان ، يا نهايت ئي ڏاهپ سان پنهنجا پلانَد آجا ڪرڻ واري سندن جاري رهندڙ ڪوشش جي ڏس ۾ اها ڳالهه ته انهن ڏارين گورن حڪمرانن ڪڏهن به سندن ظلم جو نشانو ٿيندڙ جي انسان هئڻ جو اقرار ئي ڪونه ڪيو آهي . اهي سندن لاءِ ڪي وحشي جانور آهن يا ڪي ٻيا حيوان پر انسان نه | هتي آءُ سندن انهن آقائن جو ذڪر نٿو ڪريان جن بيٺڪي پاليسي جو خاڪو تيار ڪيو ۽ انهي ڪي جاري رکيو اچن . اهي جن هتي هٿيار ڍوئي آندا ۽ جيڪي اڄ به سامراجي راڳ ڳائيندا پيا اچن . ڪين ٻلي ٻت اها پروڙ آهي ته جيڪي سامراجي حڪومتون قائم هيون سي سڀ تباهه ٿي چڪيون آهن ۽ صدين کان قائم دائم تهذيبون پڻ ناس ٿي وينديون آهن . انهيءَ ڪري ڪاري نسل جي "اڌ انسان" کي مهذب بنائڻ واري سندن "بي غرض مهم" فقط سندن سامراجي لوٽ جي روٽي تي مکڻ ڦٽي رکڻ جو بهانو آهي . پر سچي ها | هتي سندن دلال به ته موجود آهن جن سدائين حڪمرانن جي حڪمَن جي بجاآوري پئي ڪئي آهي . اهي پوءِ ڪامورا هجن ، ڪاريگر هجن يا ڪئمپ عملدار ، پر سواءِ ٿورڙن جي ڪڏهن به ڪنهن جي دماغ ۾ اهو خيال ئي سمائجي نه سگهيو آهي ته "ويچارا ڪارا به انسان آهن". حقيقت اها آهي ته گذريل صديءَ جي موڙ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڏکڻ آفريڪا جي گورن جي اڪثريت جي اها ذهنيت پئي رهندي اچي . هتي هڪ روشن خيال ۽ ملڪ جي بنيادي ذهن جي نمائندگي ڪندڙ ماڻهو جو حوالو پيش ڪجي ٿو جنهن انهيءَ ذهنيت جو اعتراف ڪيو آهي .

"اسڪول ۾ منهن جي آخري سال نه اچڻ تائين آءُ ڏاڍو محتاط رهندو ايندو هوس . منهن جي خيال ۾ هي ڪارا ماڻهو ، ووٽ جي حق کان محروم ويچارا ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن ليکي سوشلزم سان لاڳاپيل آهن يا ڪين ويجهڙائي ۾ برپا ٿيڻ واري ، ڪنهن عظيم انقلاب ۾ ڪو ڪردار اداڪرڻو آهي . منهن جي خيال ۾ مزدور تي قدرتي طور تي انهيءَ نئين قائم ٿيندڙ دنيا جا حقيقي وارث ٿيندا ، پر مزدور به ڳورا ، واڌا ڪورن تي ڪم ڪرڻ وارا ، ٽرامن تي ڪم ڪرڻ وارا ، ڪاٺيون ڪوٽڻ وارا ، جيڪي پنهنجون تنظيمون ٺاهيندا هئا ۽ لئبر پارٽيءَ کي ووٽ ڏيندا هئا . مون ڪڏهن به ڪنهن ديسي ماڻهوءَ سان سياست تي بحث ڪونه ڪيو يا ڪڏهن ڪنهن کي گهر اچي مون سان ماني کائڻ يا راند کيڏڻ يا ڪيس "ڪارنرون فوٽ بال ڪلب ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڪانه ڏني . مون لاءِ آفريڪي بلڪل ڪا جدا مخلوق هئا ، شايد ماڻهو ئي ڪونه هئا ، حيوانن جي مثال هئا . منهن جي من ۾ انهن لاءِ ڪو خاص احساس يا جذبو ڪونه هو نه ساڻن نفرت هئي نه محبت ، نه ڪا دلچسپي . هتي جي ڪاري جو منهن جي ذهن ۾ موجوده سماجي تصوير ۾ بلڪل وجودئي ڪونه هو ، اهوئي ڪارڻ هو جو مون پڻ انهن لاءِ مڪمل طور تي وقت جو مروج رويو قائم رکيو" .

آفريڪي سياست جي هن باغي سائنسدان "ايڊي روڪس" جو ڪيل پنهن جي روين جو تجزيو جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي ، انهيءَ ڏس ۾ حقيقت اها ته اڄ تائين آفريڪا جي وڏي اڪثريت سان اهوئي ساڳيو رويو لاڳو آهي . "ڪو به خاص احساس نه ، نه نفرت ، نه محبت" مطلب ته مروج رويي جي مڪمل قبوليت . هڪ تنقيد ، اهو مسئلو ڪونهي ته ذهن جي چنڊ چاڻ ڪري مسئلو ڪيئن نبيريو وڃي ۽ مروج صورتحال کان پنهنجا پلئه ڪيئن آجا ڪرايا وڃن . انهيءَ لاءِ اوهان پسند ڪريو ته موجوده صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن جو ذڪر ڪيو وڃي يعني جڏهن کان "نوبل انعام" جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ، ته سڀ کان اڳ انهيءَ دوُر جي پاس ٿيل غير انساني "نٽئو پاس لا" کي رد ڪيو وڃي . پنهنجي سوين بلڪ هزارين اهڙن اهم وطنن منجهان "ايڊي روڪس" به هڪ هو جن جو ڳوڙهو ايياس ٿيل هو . سندس ڳاٺيٽو انهن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو جن جي پيڙهيءَ نسل پرستيءَ جي خلاف جدوجهد ڪرڻ وارن شهيدن جي وڏي فهرست پيدا ڪئي ، اڄ به جڏهن "رُٿ پئن" جي يادگيري اچي ٿي ته دل ڀرجيو اچي ، جنهن کي اپارٿائيڊ وارن ليٽر بم ذريعي قتل ڪيو هو . اچا ٻيا به ڪيترائي آهن جهڙوڪ "آندري برنڪ" ، "ابرهام فشر" ، "هيلن سوزمئن" "برينٽن برالائيچ" اڄ به جن جي شهادت جا زخم روح تي تازا آهن . دانشور ، ليکڪ ، مزدور ، سائنسدان توڙي سياستدان انهيءَ نقطي تي متفق آهن ته سماجي حقيقتن جو مشاهدو خوردبينيءَ هيٺان آيل ڪلچرل سلائيڊ جيان ڪري نٿو سگهجي ، يا انکي جمالياتي خوبي وانگر ڪنهن ڪنواس يا صفحن يا اسٽيج تي آڻي نٿو سگهجي . بلاشڪ اڄ ڪارا ويچارا حالتن جا قيدي آهن . هن موقعي تي آءُ "اسانکي" مخاطب ٿيڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان . اسانکي ته پنهن جي مقصد جي چڱي ريت پروڙ آهي ۽ اسين انکي هٿ ۾ به ڪنيو اچون . پر هتي آءُ انهن

سان مخاطب آهيان جن مظلومن کي ظلم جي ڪئمپن اندر رکيو ۽ پيا اهي جيڪي اهڙي قيد کان ٻاهر ضمير جي تيز ڌار تي زنده رهندا پئي آيا آهن ، خاص ڪري اهي جن انسان دشمن روايتن جو بنياد وڌو ۽ سياسي داداگيري جي عملي طور حمايت جاري رکندا اچن . جن جو اهو چوڻ آهي تہ "آءُ ذاتي طور تي ڏکڻ آفريڪا جي خلاف اقتصادي بندشن کي اخلاقي نقطہ نظر جي متضاد ٿو سمجهان" . يا هڪ ٻئي عالمي اڳواڻن جو ذڪر ڪنداسين ، جنهن جي خيال ۾ اوڀر يورپ جي هڪ ملڪ خلاف لڳايل اقتصادي پابنديون ، اپارٿائيڊ جي قبضي ۾ آيل ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪارائتيون ثابت نہ ٿينديون . هسٽيريا جي مريضن جو اهو ابو وڏي واڪي اهو چئي دنيا جا ڪن ڪائيندو وتي تہ "پولينڊ ٻلي" پر جڏهن سڄي دنيا زور شور سان اهو مطالبو ڪري تہ "نڪارا گواب" تہ ڪنڌ ۾ آڱريون ڏيو ڇڏي . اخلاقيات جي ٻٽي معيار رکڻ وارن اهڙن ٻہ ڇهين عالمي اڳواڻن لاءِ اهو ئي چوڻ ڪافي آهي .

معقوليت جي ٺوري ٻہ دعويٰ ڪرڻ واري ذهن کي اها ڳالهہ رد ڪرڻ ۾ ٺوري ٻہ ڏکيائي ڪانہ ٿيندي تہ انساني ذميداري جي نباہ لاءِ مشاهدي کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪم ۾ ساڳئي ماحول ۾ ساڳيو ئي خطو ساڳي ڌرتي جنهن اڌ صدي اڳ ، سڄا سارا پنجاہ ورهيہ اڳ يعني تہ ٻہ يا ٽي پيڙهيون اڳ "بٽنگس" ، "روڪس" ، ڊگلسوالٽنس" ، سالي سٽچس" ۽ "گيڊان بوٿس" پيدا ڪيا هئا ، يا اها ساڳي ڌرتي پنجاہ ، سٺ بلڪ ستر سال پوءِ انسانيت جا ساڳيا املھ ماڻڪ ۽ تواريخي هستيون پيدا نہ ٿي ڪري سگهي ؟ جيڪي انهيءَ قانون جي مزاحمت ڪن جيڪو ١٩١٩ع ۾ پاسون ساڙڻ وقت لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو هو پر اڄ بہ اهو آفريڪن لاءِ عذاب بنيل آهي . هن دؤر ۾ ڌرتيءَ تي ڪنهن ڇور وانگي خون پياڪ قوت موجود ۽ پنهن جي ڪم ۾ جنبيل آهي ، جيڪا هر سائنسي تشريح جي ترديد ڪندي اچي ۽ او سرجي فطري عمل ۾ وقت کي ٻاندي بنائڻ گهري ٿي . جيڪا انساني سڪيا جي هر تجربي لاءِ للڪار بنجي ويئي آهي ، اهڙي حالت ۾ اسانکي پاڻ کان اهو سوال پڇڻ گهرجي تہ تواريخ جو ڪهڙو واقعو انسان ذات جي ضمير سان هم ڪلام ٿيندو ؟ اهو جيو - گهر ، جنهن سان او سرجو تواريخي تصور موجود آهي ، ڪيئن انهيءَ پنڌ پهڻ ٿيل جيو - گهر کي متحرڪ ڪري سگهجي ٿو ؟ جهڙي طرح دنيا ۾ اڄ جيڪي واقعات ٿي رهيا آهن ۽ جنهن نموني ٿي رهيا آهن ڇا اهي انهيءَ ڏس ۾ مددگار ثابت ٿيندا ؟ ڇا اسين وچين دؤر جي آقائن جهڙن اڄ جي وس وارن جو گريبان جهلي ڪين اهو چوڻ جي جرئت ڪري سگهون ٿا تہ غور ڏيئي ڏسو ۽ حالتن تي پنهنجو ڌيان صرف ڪريو . ڇا اوهان جي لاتعلقي مان اهو ثابت نٿو ٿئي تہ اڄا ٻہ عمل جي لمحي جو ظهور نہ ٿيو آهي . اوهان جن ماڻهن کي قتل ڪيو آهي ، ماڻهن کي جڏو ڪري ڇڏيو آهي ، ماڻهن جا چپ ٽاڪي ڇڏيا آهن . ماڻهن تي تشدد ڪيو آهي ، ڪيس بي گهر ۽ جلاوطن ڪيو آهي . اوهان سون هزارن ماڻهن سان ننگ انسانيت سلوڪ روا رکيو آهي ، اوهان ڪين الف اگهاڙو ڪيو آهي . اهو ٻڌايو تہ سائنسي نشو نما ۾ اوهان پنهنجي ڪيترن سائين کي ڪم سان لاتو آهي ؟ اها خبر ڪيئن پوندي تہ ڏکڻ آفريڪا جا ڪيترا سائنسدان ۽ ليکڪ هتي موجود آهن ؟ جيڪڏهن اوهان کي انساني نسلن جي گڏيل عظيم سماج جو قدر هجي ها تہ اوهان کي باقي دنيا کي ٻہ علم سيکارڻ واري نظر هجي ها .

يقينن "جئڪ ڪوپ" پنهن جي آفريڪي ادب جي ايپاس جي اختلافي ڪتاب "فارورڊ ٽو دي ائڊورسي" ۾ انهيءَ جو ڀرپور جائزو ورتو آهي ، هو لکي ٿو تہ " موجوده صورتحال کي اڏو رکندي جڏهن ماضيءَ تي نظر ڪبي تہ اهو چوڻ بلڪل بجانب آهي تہ ١٩٢٤ع ۾ آفريڪي اڳواڻن مسئلي جي اهميت جي ڏس ۾ غلط راہ اختيار ڪئي هئي . بدترين سامراج جي ظلمن جو نشانو هوندي ، هر قسم جو عذاب ڀوڳيندي ۽ تمام وڏو جاني نقصان ڪائڻ کان پوءِ ٻہ هنن ڪوبہ بنيادي ۽ تواريخي سبق حاصل ڪونہ ڪيو . اهي پاڻ ٻہ ٽئين قسم جا سامراجي بنجي ويٺا . هنن انگريزن کان سامراجيت ۽ بيئڪت جو لباس حاصل ڪيو . اهي پاڻ ڏاڍاين ، اڳرائي ، بيئڪي ڦرلٽ ، جبر ، نسلي گهمنڊ ۽ دغا بازيءَ کان پاسو ڪري سگهيا ٿي جن جو پاڻ ٻہ شڪار رهيا هئا . اهي پنهنجي پاڻ لاءِ انسان دوست نظرين ۽ تهذيبي عمل لاءِ پنهن جا دروازا کولي سگهيا ٿي ، پنهن جي عظيم ڌرتيءَ کي پنهنجي بيشمار اقتصادي و سيلن ذريعي نئين دنيا ۾ بدلائي سگهيا ٿي . پر ان جي بجاءِ ڪائڻ جيتري قدر ٻہ پڄي سگهيو ، هنن وقت جي ڦيٿي کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي . هنن انگريز سامراجين جي حڪمراني مان هڪ ڪروڙ ديسي مظلوم پنهنجي هٿ وس ڪيا ۽ پوءِ ڪين انهن حقن کان ٻہ محروم ڪري ڇڏيو جيڪي ڪين هڪ صدي اڳ انگريز حاڪمن کان مليل هئا ۽ ڪين دٻائي رکيو . "

شايد انهيءَ وقت ۾ اوهانجي حافظي ۾ "چاڪا" ، "ڊينگان" "ڊگنس وايو" يا "ٽريڪ" جي خلاف ٿيل جنگين جي يادگيري هوندي ، پر اسين چؤن ٿا هڪ صدي ان کي ٻہ لنگهي ويئي آهي .

باقي صفحي [illegible] تي

ڊنر

(ڪهاڻي)

ڪرشن چندر

رحمان پيرزادو

سيٺ پرومن چومڪي نهايت ئي ديانتدار واپاري هو. شهر ۾ سندس ست ڪارخانا، ٻارهن بلڊنگون هيس، پنج سريتون هيس ۽ هڪ عدد زال. ڏينهن رات هو پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندو هو جو ته هو هڪ مصروف ماڻهو هو، منجهند جي ويلي تي صرف هڪ گلاس ميوي جو رس پيئندو هو جو ته ان کان وڌيڪ کائڻ لاءِ وٽس وقت ڪونه هو. هر روز ڇهين کان ستين وڳي تائين واري واري پنهنجي مختلف سريتن ڏانهن ويندو هو ۽ سادي ستين وڳي تائين گهر پهچي ويندو هو. باقي سمورو وقت هو پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ گذاريندو هو جن سان هو بيحد محبت ڪندو هو. سندس زال جو نالو "سمتي" هو، کيس پنج ٻار هئا، جن ۾ ٽي پٽ ۽ ٻه ڌيئرون، وڏو پٽ "گووند" ۽ "نندو" سائس واپار جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندا هئا باقي "هنس مک" پنهنجي ڀيڻ "ڪامني" سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندو هو. ننڍي ڌيءُ "مينا" اڃا ڇهن سالن جي مس هئي. هو سڀ رات جو گڏجي ماني کائيندا هئا. سڄو ڏينهن ماني نه کائڻ ۽ گهڻو ڪم ڪرڻ ڪري پرومن مکيءَ کي به بک لڳندي هئي، رات جا نوَ (٩) ٿيندي ٿيندي بک سان مقابلو ڪرڻ هن لاءِ مشڪل ٿي ويندو هو. اڄ کيس پنهنجي هڪ سريت وٽ ڪجهه دير ٿي وئي، سو جڏهن گهر پهتو، سندس ڪار گهر جي دروازي وٽ بيٺي ۽ سمتي سندس استقبال ڪرڻ آئي ته پيار جي رسمي ڳالهين ڪرڻ بدران هن تکڙ ۾ دانهن ڪئي.

"مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي."

"سمتيءَ کلندي ورائيو، ڊنر تيار آهي."

ڊنر جي گهنٽي وڳي، ڊائننگ هال جي ٻاهران هٿ ڏوئي، صاف ٽئين ٽوال سان هٿ اگهندي هن بي صبريءَ مان پڇيو،

"ڇا رڌيو اٿو؟"

سمتيءَ جي چهري تي اطمينان ڀري مرڪ پکڙجي وئي ۽ چيائين "ڪيئي ڇا .... جيڪو چوندين حاضر ڪندا سين."

"هائو .... هائو .... ڏسئون ٿا توهان جي اڄ جي ڪار گذاري" .... هن ڊائننگ هال ۾ گهڙندي چيو.

پوءِ پرومن چومڪيءَ ميز جو جائزو ورتو جنهن تي قسمين قسمين ڪاڌا رکيل هئا ۽ ڪنهن شاديءَ جي دعوت ۾ سجيل ميز سمان لڳي رهي هئي. هونءَ به سندن ڊائننگ ٽيبل هر روز ايئن ئي سجائي ويندي هئي. ان وقت چومڪيءَ جون اکيون ۽ نڪ تمام تيزيءَ سان ڪم ڪري رهيا هئا، ابول ڏاڍي بک لڳي آهي ۾ وري کائڻ لاءِ ڇا هي؟ پر سڀڪجهه ته آهي، چڪن ريشمي ڪباب، چڪن برهه، چڪن مصالح، ٽن قسمن جا ته رڳو چڪن آهن، ٻُڳل تتر آهي، سبزيءَ ۾ وري مکڻ ۾ دم ڏئي پچايل ثابت گوبيءَ جو گل آهي جو کيس ڏاڍو وڻندو آهي، ساڳ پنير، مٽن اسٽڪ، ڏونري جون ٻونديون، چلهيل مڱن جي دال جنهن جو هڪ هڪ داڻو هندستان جي سياسي پارٽين وانگر هڪٻئي کان ڌار، ران سڄي روسٽ ٿيل به رکي هئي، چانورن جو پشڪو، ۽ چانورن ۾ وري اعليٰ ترين باسمتي جيڪي "هردون" جي ڪڻ ڳاڻ ڳڻين ڳوڻن ۾ پوکيا ويندا آهن. پشڪو ۽ پلاءُ خشڪن جي وچ واري ڪا شيءِ آهي ان لاءِ سمتيءَ سندس نالو پشڪو رکيو آهي. جو نه هي نه ته پلاءَ وانگر روغني هوندو آهي ۽ نه ئي وري خشڪن وانگر ڦڪو، بس ايئن ڪئي چئجي ته بس ٻنهي جون بهترين خوبيون منجهس هونديون آهن. مٽان وري ٽن قسمن جون مٺايون.

پرومن ميز ڏانهن ڏسندي، اطمينان جو ساهه کنيو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو، هن وقت تائين ٻه دفعا ڊنر جو گهنڊ وڄي چڪو هو، سڀئي ٻاتي پنهنجي پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي چڪا هئا، پرومن، سمتي، گووند، نندو، ڪامني، هنس مک ۽ مينا، ان سان گڏ مانيءَ تي حملو شروع ٿي ويو.

صحت سڀني جي سٺي نظر پئي آئي، هونءَ به سٺيءَ صحت وارا ماڻهو ڊائننگ ٽيبل تي جلدي سڃاڻجي پوندا آهن. کهڙا نه ڪاڌل پيتل، سدا ملوڪ مهانڊا هئا، سڀئي کائڻ ۾ جنبيل هئا، سندن چپاڙيون؛ انهن ڪلارڪن جي هٿ وانگر هلي رهيون هيون جن جي مٿان مالڪ بيٺو هوندو آهي. چانديءَ جي چمچن سان ٻوڙ پئي نڪتو، ڪاريون ڪاريون چمڪندڙ اکيون فراءِ ليور وانگر پئي لڳيون، چپ ريشمي گلاب ۽ ڳل ته ڏاڙهون پئي لڳا.

ڏهه منٽ ڪن ته ڪنهن ڳالهايو ئي ڪونه.

پوءِ جڏهن اڌ ڊؤٿين تڏهن چومڪيءَ اوڳرائي ڏيندي چيو،

"آءُ نندوءَ کي انگلينڊ پيو موڪليان."

سمتيءَ چانديءَ جي ڪانٽي سان ڪيڏيندي پڇيو، "ڇو"؟

"هتي ڪارخاني ۾ ٻه مشينون ٻجي پيون آهن، اهي گهرائيون آهن، سي پاڻ ڏسي وٺي ايندو."

نندو خوشي لڪائي ڪين سگهيو، انگلينڊ تائين هي سندس پهريون سفر هو، هونءَ به بيروت تائين ته

ويو هو پر هاڻ لنڊن ۾ . پليٽ ۾ ڪڪڙ جي هڪ ٽنگ رکيو خيالن ۾ هو مغربي حسينائن جي اگهاڙين ٽنگن سان پئي کيڏيو.

ڪامنيءَ چيو ، "آءٌ ڪاليج ۾ هڪ ڊرامو پئي ڪريان ، ان لاءِ ٽي هزار روپيه گهرجن."

"ڪاليج جي ڊرامي جو خرچ ڪاليج وارا نه ڏيندا؟"

"نه" ، ڪامنيءَ وراڻيو ، "ڊيڊي ڳالهه هيئن آهي ته ڪاليج جي آفيشل ڊراما ڪلب وارن مون کي سيڪريٽري نه چونڊيو آهي. ان لاءِ مون ٻي ڪلب کولي آهي ۽ آءٌ انهن کي شڪست ڏيڻ ٿي چاهيان."

"توکي پئسا ملي ويندا . گهرج پوئي ته ٻيا به گهري وٺجان."

(Thank you Dad;)

شري پرومن مکي جڏهن ڪالڪا ميل ۾ علي ڳڙهه اسٽيشن پهتو ته هزارين ماڻهو سندس استقبال لاءِ اسٽيشن تي موجود هئا ، پرومن مکي هن دفعي پنهنجي زال سمتيءَ کي پاڻ سان گڏ رکيو ان لاءِ وٺي آيو هو جو جڏهن هو ٻين شهرن ۾ ڪيس پنهنجي عزت ، مان ، جلسن ۽ جلوسن لاءِ ٻڌائيندو هو ته سمتي اعتبار ڪونه ڪندي هئي.

مسٽر چومڪي پنهنجي عمر جو وڏو حصو 'ٽونڊليءَ' ۾ هڪ عام وڪيل جي حيثيت ۾ گذاريو ، جتي هو ماڻهن جا ڪيس خراب ڪندو رهيو ، آخر هڪ ڏينهن هن سوچيو ۽ ڪانگريس ۾ شامل ٿي ويو ، سالن جي لڪل ڦڙتي ۽ چالاڪي هڪدم ٻاهر نڪتي ۽ هو هيند لوم انڊسٽريءَ جو سرڪردو اڳواڻ مڃجڻ لڳو ، سندس وڏي پٽ گووند 'نيڙهي ڳڙوال' ۾ فروٽ ڪيننگ انڊسٽري کولڻ لاءِ وڏي رقم سرڪاري کو آپريٽو وٽان هٿ ڪئي هئي ، چند سالن ۾ هنن ٽونڊليءَ ۾ هڪ عاليشان بنگلو ٺهرايو ، جيڪو ملڪ ۽ قوم جي خدمت جو نتيجو هو.

انهن ڏينهن ۾ علي ڳڙهه ۾ هيند لوم انڊسٽريءَ جي سالياني نمائش ٿي رهي هئي انهيءَ سلسلي ۾ شري چومڪي پنهنجي ڌرم پتنيءَ سميت هتي آيل هو.

سمتي سندس ڌرم پتنيءَ ، علي ڳڙهه ۾ جڏهن سندس استقبال ڏٺو ته ان جون ته اکيون کلي ويون ، هن ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو پر بک کيس بيحال ڪري ڇڏيو هو ، سرهاڻن ۾ هن مڙس سان اها ڳالهه ڪئي پر هن ايئن چئي ٽاريو ،

"اڄا ته جلوس نڪرندو ، ماني کيئن کائيندا سين ، ماني اتي کائينداسين جتي اسان جي رهڻ جو بندوبست هوندو."

"پر مون کي ته ڏاڍي بک لڳي آهي."

"توبهه ڪر ، قوم جي خدمت ۾ بکون ڪڍيون پونديون آهن."

ڏاڍو وڏو جلوس هو ، ڏاڍا وڏا نعرا هيا ، جڏهن جلوس نشان محل جي ٻاهران پهتو ، جتي ليڊرن کي رهايو ويندو آهي ته ان وقت تائين مسز سمتيءَ جو گورو رنگ رستي واريءَ ڌوڙ جي ميڪ اپ سان چاڪليٽي ٿي چڪو هو پر بک ايتري گهٽي لڳي هيس جو هن پنهنجي منهن جو ڪوبه خيال ڪونه ڪيو ۽ جلدي ماني آڻڻ لاءِ چيائين.

شري پرومن چومکي جيڪو هوٽلن ۾ وڃي لڪ ڇپ ۾ گوشت وغيره کائيندو هو ۽ سڀ ڪجهه پيئندو هو تنهن هٿ ٻڌي چيو ته کاڌو سادو به هجي ۽ گوشت وغيره نه هجي اسان هلڪي ماني کائيندا آهيون.

بنگلي جي مالڪ پنڊت هر ديال چيو ، "جيڪا دال ماني هوندي توهان لاءِ حاضر آهي."

"ياد ڪجو" ، چومکيءَ وري چيو ، "اسان سادو کائيندا آهيون ۽ گهٽ به ، هونءَ اسان کي بک به ڪونهي پر جي هجي به ها تڏهن به اسان گهٽ کائيندا آهيون - سائين."

چانديءَ جي ٿالهن ۾ سجيل کاڌو ، ڪشميري پٽاٽا ، مٽر پٽاٽا ، مصالحي دار ميها ، شملہ مرچ ، ٽن قسمن جون داليون ، ڏهي ٻڙا ، مٽر پلاءُ ، تريل ڪيلن جا پاپڙ ، انب جو رس ، پنجن ڇهن قسمن جي ڪٽان ، ٻس مڙئي ڏهن ، ٻارنهن قسمن جي مٺائي چانديءَ جا ورق لڳل ، ان سان گڏ پٽاٽا ٻريل پراٺا ، گوبي ٻريل پراٺا ، موري ٻريل پراٺا ، عام سادا پراٺا ، مکڻ ۾ تريل مانيون ۽ نان ، کير ۽ ڪچالو مڃي وانگر ڪٽيل وغيره،

"نهايت ئي سادو کاڌو آهي" ، پنڊت هر ديال هٿ ٻڌندي چيو:

"بس اسان به اهڙوئي کائيندا آهيون" ، چومکيءَ انڪساريءَ وچان وراڻيو ۽ ٿالهه کي پنهنجي پاسي ڪسڪائيندي چيائين ،

"پنڊت صاحب اوهان کي ته خبر آهي اسان جو ديس هڪ غريب ديس آهي."

چومکي سينٽرل سيڪريٽريٽ ۾ ٽن سؤ روپين وارو هڪ ڪلارڪ هو ، پنهنجي پنجن ٻارن ۽ زال سان ٽن سون مان وڏ ۾ وڏ پندرنهن ڏينهن آرام سان هلندا هيس پوءِ يا ته اوڌر يا لنگهڻ ياپئي . هن وقت هو دفتر جا فائيل ڏسي ڏسي جڻ ته انڌوٿي پيو هجي ، بک ۾ بيحال پنهنجي سائيڪل تي نئين دهليءَ جي سبزي منڊيءَ منجهان پئي گذريو ، آڪٽوبر ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ هاڻ مينا لاءِ گرم ڪپڙا وٺڻا پوندا جنهن جي عمر ڇهه ورهيه آهي ۽ هاڻ اسڪول ۾ داخل ٿيندي ، سندس وڏو پٽ گووند بي -اي پاس بيڪار ويٺو هو ۽ هفتي ۾ ٻه دفعا سينيما ڏسندو هو ، ننڍوءَ جي هڪ ٽنگ موٽر جي حادثي ۾ ڪٽجي وئي هئي ان ڪري زندگيءَ متعلق سندس راءِ ڏاڍي ڪڙي هئي. هو هر ڪنهن کان نفرت ڪندو هو ، پنهنجي ماءُ ، پيءُ کان به ، هو پڙهندو ڪونه هو پر مورڳو هر ڪنهن کي ويٺو گاريون ڏيندو هو ، کاڌو ۽ لٽو ته ان کي به گهربو هو نه ، وڏي ڌيءُ ڪامنا ميٽرڪ ۾ ٻه دفعا ناپاس ٿي هاڻ اچي گهر ويٺي ٿي هئي. هاڻ چومکي ۽ سندس زال ان جي شاديءَ بابت سوچيندا هئا.

رستي تي تمام گهڻي رش هئي. ٽانگا، موٽر، چڪڙا، رڪشا، هٿ گاڏيون، لاريون، ٽرڪ، ويگن، گپ، بدبوءِ ۽ مٿان وري ميرا ڪپڙا پيل پنهنجي خواهشن جي بوءِ سگهندڙ چوهن، جهڙا ماڻهو پنهنجي بيزاريءَ، ٿڪاوٽ، مايوسي، ڪاوڙ، ڏک ۽ انتقام جون جهلڪيون ڪنيو منهن لڙڪايو، ظالم، بيوس، ۽ ڪميڻيون گاريون ڏيندڙ چهرا، رحم ۽ اميد کان خالي، حسن ۽ شاعري کان عاري، گل ۽ خوشبوءِ کان وانجهيل، ساڻن ثقافت جي ڳالهه ڪيئي ته پٿر هڻند ثي، صرف سندن صورتون ڏسو ۽ سندن پاسيرن ۽ گوڏن جا هڏا. چومڪيءَ کي انهن ماڻهن کان ڏاڍو ڊپ ٿيندو هو، جڻ اهي ماڻهو ڪنهن ٻيءَ دنيا مان آيا هجن. هو دل ئي دل ۾ ڪانئن نفرت ڪندو هو، جو ته سندس زال روزانو سندس قميص جا ڪالر ڌوئندي هئي. گند ۾ رڙهندڙ انهن ڪپڙن کان چومڪي اڪثر ڪٽ ڪائيندو هو پر اڄ سندس من ايئن پئي چاهيو ته هو ان گوڙ ۾ گم ٿي وڃي جو جو اڄ کيس آفيس ۾ ٻه ڪلاڪ وڌيڪ ڪم ڪرڻو پيو هو ۽ بک جي حالت اها هئي جو آنڊا پئي وات ڏانهن نڪتس، عجيب قسم جي بک هئي.

هو امرتسر مٽن شاپ جي ٻرسان لنگهيو، هونءَ ته آفيس کان گهر موٽندي اها سندس پراڻي عادت هئي ته هو سڻن سڻن دڪانن جي ٻرسان لنگهندو هو.

امرتسر شاپ ڏسندي ئي ڳاڙهن ٽانڊن مٿان ٻوريون ٻوريون چاپون پيون پچن، تڪا شيخ پيا ٿين، چٽپٽا ڪباب ڳاڙها پيا ٿين، ڪارون دڪان جي ٻاهران بيٺيون هيون ۽ ڪُنڊن ۾ ويٺل جوڙا ٻگهل تنوري ڪڪڙ ۽ پام فرين مڇي کائي رهيا هئا ۽ کيس ايئن پئي لڳو جڻ هو بک ۾ چريو ٿي ويندو ۽ پوءِ ڪن پل لاءِ هن پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون. ايتري ۾ هڪ هٿ گاڏيءَ سان ٽڪرائيندي بچيو، هٿ گاڏيءَ ۾ ميوو سٿيل هو، چمن جا انگور، قنڌاري ڏاڙهون، ڪشميري صوف، ناسپاتيون، اهي کهڙا ماڻهو کائيندا. هٿ گاڏي واري هڪڙي گار وهائي ڪڍيس ۽ ڏسي هلڻ جي تاڪيد ته ڪيائينس جو ته ايئن اجايو سجايو هڙ ڊبڙ ۾ انگورن جي هڪ پيٽي هٿ گاڏيءَ تان ڪري پئي هئي.

ان کان اڳ جو ٽريفڪ جو سپاهي اتي پهچي ۽ ماڻهو گڏ ٿي وڃن، چومڪي چپن ئي چپن ۾ معافيءَ لاءِ چوندو، پيدلن تي زور ڏيندو اڳتي وڌي ويو.

ٻر وڃڻ جو رستو سڄو دل هر ڪائيندڙ شين سان ٻريل هو، امرتسر مٽن شاپ کان سؤ کن والن تي وري دلبهار ريسٽوران هيو، جتي گرم گرم پورين سان گڏ آلو، چولا ملندا هيا ۽ برف ۾ لڳل ٿڌيون بوتلون، مٽر پلاءُ، بس ماڻهوءَ کي بک ۾ ته اهي جنت جون نعمتون لڳنديون آهن، ان سان گڏ وري امراءُ سنگهه حلوائي جو دڪان هيو جيڪو مصالحي دار ٻڙين سان گڏ پٽاٽن جي ڀاجي ۽ ڪدوءَ جي ترڪاري ڏيندو هو، جيڪي کائي مٿان جو وري لسي جو گلاس پيءُ ته خدا ٻيو ياد اچي، ٻر اڄ ٢٢ تاريخ آهي ۽ چومڪيءَ جي کيسي ۾ آهن رڳو ٻه آنا.

هر قدم تي چومڪيءَ جي بيزاري وڌندي ٿي ويئي، نيٺ هو پنهنجي گهر پهتو جيڪو هڪ سوڙهيءَ گهٽيءَ جي آخري ڪنڊ تي هو، دروازي تي پهچي هن زور سان سائيڪل جي گهنٽي وڄائي ته سمتيءَ اچي دروازو کوليو، اڄ هن پنهنجا وار نهايت ئي خيال سان ويڙهيا هئا ۽ ليمائي رنگ جي سوٽي ساڙهي پاتل هيس جيڪا چومڪيءَ کي ڏاڍي وڻندي هئي. سمتيءَ جي چهري تي اهڙي ته سدا بهار مرڪ پکڙيل هئي جو ايئن پئي لڳو جڻ ڪنهن ڳاڙهو پنو ڪٽي سندس چپن تي چنبڙايو هجي. اهو سڀ ڪجهه سمتيءَ ان لاءِ ڪيو هو، اڄ هوءَ مڙس کان ليمائي رنگ جي ساڙهيءَ لاءِ بلاؤزجي فرمائش ڪرڻ واري هئي. ٿڪاوٽ کان چور چومڪيءَ سائيڪل اڱڻ ۾ بيهاري. سندس زال پڇيو، ايتري دير ڪاٿي هئين؟

"دفتر"، چومڪيءَ رهڙ ڏيندي چيو.

سمتي چرڪي وئي، ننڍڙي مينا جيڪا هوريان هوريان پيءُ ڏانهن پئي آئي، ٻت ڪي ٽيڪ ڏئي بيهي رهي، سمتيءَ سمجهيو اڄ ٻه بلاؤز نه مليو.

"ماني پڪي آ"؟ چومڪيءَ سائيڪل کي قلف هڻندي پڇيو.

"ها".

"ڇا رڌيو اٿو؟"

"مانهن جي دال، ڊالڊا ۾ ڇچاٽي اٿم، ڏاڍي سٺي ٿي آ، کائي ته ڏس."

"۽ ٻيو؟"

"ماني."

"۽ ٻيو ڇاهي"؟چومڪي رڙ ڪندي چيو ۽ هن جو رت ٽهندو ويو. "ڪڏهن ٻيو ڪجهه به ملندو، بس جڏهن ڏس دال ماني، ماني دال ڪڏهن مانهن جي، ڪڏهن مگن جي ته ڪڏهن چڻن جي ڪڏهن سڙيل ساڳ ته ڪڏهن ٻنڊيون جيڪي ڪتو به نه کائي پر اڄ ته اهي به ڪونهن بس دال، دال، دال .... ٻوين ڏينهن ۾، مهيني جي ٻوين ڏينهن ۾ رڳو دال ٿي رڌجهي، رڳو دال ڇو ٿي رڌجهي؟ هڪڙي پيالي دال، ٻه مانيون، ٿڌو پاڻي پيو ۽ بس سمهي پئو."

"روزانو دال ماني، روز دال ماني، هر روز دال ماني"، سائيڪل مان هٿ ڪڍندي پئي هٿ مٿي ڪئي هن دانهن ڪئي ۽ پوءِ زور سان سائيڪل کي لت هنيو پٺڪندو ڪمري ۾ اندر هليو ويو.

"ڪاٺ لاءِ ڪجهه آهي"؟ چومڪيءَ هر ڪلهي تان لاهي ڪاٺ جي ٽاٽيءَ سان اٽڪائيندي پڇيو.

"ڪجهه به ڪينهي."

باقي صفحي 48 تي

شاعري

سندري اتم چنداڻي

(اندر جو عالم)

اسان عالم انهيءَ ۾ آهنئين ڏٺڪي،
جتي مُشڪل ڪو پهتو آ.
جتي بس بيشماريءَ جو شمار آهي،
ٿڏيون بوندون پيون برسن،
اتي چالشارهان جو سڏنهر پهتو؟
ٻئي ٻانهون جي ڦهلائي،
پڪاريو ها سڏايو ها.
ته هن عالم اندر ڪوئي.
پرندو سمڪندو جوندو رجي ها، هو سڏيئي ٿو،
هو سڏيئي ٿو، هو سڏيئي ٿو.
جهنجهيل سر لهر ۾ مان پوءِ،
سجايل سوني پايل سان،
ڪندي ڇم ڇم لهان ها، ۽
ستارا ٽمڪ ٽمائيندا اڏن ها.
منهنجي انگانگمان ڏسي مِلرو ڦنيون تنجون
وڃن چڙهنديون وڃن چڙهنديون،
سڄو عالم سنواريندين،
وڃن سرڪي ها اوندهه جا سهئي پردا.
ڏسين ها نور جو عالم،
نهايو جنهن ۾ مون ويئي،
نهائين تنهن ۾ تون پڻ ها.

سندري اتم چنداڻي

(تون ڪپين)

"مون کي تون ڪپين". ڏس فقط لفظ آهن
مگر تن اندر آ ٻري ڪيڏي دنيا!
حوا کي ٻه ايئن ٿي چيو هوندو آدم،
ڪروڙن جو آدم بڻي پوءِ دنيا.
سپيءَ جي اندر ناهه موتي اگر هڪ،
ته بيڪار ان لاءِ ساگر جي دُنيا.
ڪندو چنڊ هڪڙو آ روشن جهان کي،
هزارن ستارن سان روشن نه دنيا.
هجي هڪئي پنهنجوانو ڪي تَونگري،
نه هڪڙو جي پنهنجو ته ڌاري آ دنيا.
لڪين پل هجن تو کي ماڻن جون چيزون،
مونکي تون ڪپين، آهه دنيا جي دنيا.

(جان خاصخيلي)

آزاد نظم

خوابن جو سفر

ڪيڏانهن نينڊين
منهنجا خواب ڪٿي او سورج!
ايئن وڃين ٿو.
هير هوا جي توڏي تانگهي،
منهنجا لڱ ڏٻي ٿي.
پونياڙي جي هن ويلا ۾
ڪنهنبورت ميارون ڏئي ٿو.
فوجي جرنيلن جون پيڙهيون،
مون کي هر هر ياد اچن ٿيون.
سپنن جي باغيچن ۾ هو.
ڪنڊا ڪنڊا ٿي ابرن ٿيرن.
منهنجي ڌرتيءَ جون هي وستيون،
۽ هي روئندڙ ٻار هنجن تي،
تن جو اڄ مياري هر ڪو،
جيڪو منهنجي ڌرتي تي
ڪا هڪڙي رات ٽڪي پيو آهي.
يلغارون يلغارون آهن
ڪيڏيون مند ميارون آهن
نعرن تان ويساهه ڪڇي ٿو.
ڪرٿا ڪرٿا رت ٽمائي،
ها پر تون ڪنهن پار وڃين ٿو.
منهنجا خواب ڪٿي او سورج
ڪهڙي باک وراڻي ڏيندين؟
ڪهڙي سڌ وراڻي ڏيندين؟

ڊاڪٽر سليمان سولنگي

(نظم)

چانڊني رات، منهنجو من،
سپني جي سايا،
يا
سايا جو سپنو،
اڏامي پيو،
اڄو پکي اب ۾،
چوڏس -
مهڪي پيو موتيو،
گجرا پائي،
ٻارڙي ڪي
ارهه سان لائي،
اگڻ ۾ ستي پئي آهي،
سڄني منهن جي،
مان لکي رهيو آهيان،
مسلسل
هڪ دعا گهري رهيو آهيان.
اي مالڪ اهڙي سمي،
ڪٿان بندوق جو ڪو فائر نه ٿئي.

ساغر سميجو

(نثري نظم)

ها! آئون تنهنجو آواز ٻڌي رهيو آهيان
ها! آئون تنهنجو آواز ٻڌي رهيو آهيان
تنهنجي پسيل وارن جو،
تنهنجي نماڻن نيڻن جو،
تنتهجي گلابي جسم جو،
تنهنجي حسن جو آواز،
آئون پنهنجي اکين سان ٻڌي رهيو آهيان
"آڪو پايو - آيو مينهن آيو"
جي ٻولن مٿان
جڏهن آنڙڪي ڪري پوندي آهين
۽
ٻُڪ جي لنڊي ٻارن جي پيرن ۾
ويڙهجي ويندي آهي.
ها! اُن ٻُڪ جو آواز آئون ٻڌي
رهيو آهيان.

تنھنجي اکين جا چنڊ
دل جي ٽوپن کي
چانڊوڪيءَ سان
ڀري ڇڏيندا آھن،
چانڊوڪيءَ ڀريل ٽوپن ۾
ٻار ڪُندرو کيڏندا آھن
۽ ڪوئي منھنجي جسم مان
دل پٽي وٺندو آھي ا ڀير وانگر
ھا ا انھن ڀيرن جي ڪرڻ جو آواز
آئون ٻڌي رھيو آھيان.
تنھنجي ڪُک مان
صبح ٿاٿي سج
۽ منھن مير جو ماھتاب ڦٽندو آھي
۽ ستارن جي جنگ
ھيٺئون ڪانٽي ڇڏيندي آھي.
ھا ا آئون سڙيل ستارن جي،
بوءِ جو آواز ٻڌي رھيو آھيان
موت جا رکوالا،
مولائيزي، بوبي، نذير، حميد، ناصر
اياز ۽ اقبال جھڙن حق پرستن جي
جسمن تي پريڊ ڪرڻ لڳندا آھن.

۽
سيخن پٺيان بند منڊيلا
۽ ذيڙيل قومن جي "چامن"
کي ڏسي پنھنجا ڏندا ارائيندا آھن.
ھا! آئون اُن موت جو آواز ٻڌي رھيو آھيان.
ڀھرئين و سڪاري سان
تنھنجي جسم مان
پورھيت ماءُ جي ڇاتين جھڙي
جڏھن خوشبوءِ ڦٽندي آھي
۽ ٻارجون چسڪيون تکيون ٿي ويندڀون آھن،
تڏھن ڪوئي زھريلو تير تنھنجي
ٿڻن کي چيري ڇڏيندو آھي،
ٿڻن جي اُڏڙيل نسن مان
ٿڃ ڦڙو ڦڙو ٿي وھڻ لڳندي آھي
ادايل ٻار روئڻ لڳندو آھي،
ھا! آئون انھن لڙڪن جو آواز ٻڌي رھيو آھيان.
ٻڌي رھيو آھيان.
تنھنجي ٻچيدانيءَ ۾
رکيل ڊائينا مائيٽ
جي بوءَ جو آواز آئون ٻڌي رھيو آھيان.
او ا منھنجي ڌرتي،
تو کي امن گھرجي
ھا ا آئون تنھنجو آواز
ٻڌي رھيو آھيان.

مائيڪل ھمفري

ترجمو : حسين منصور

(ڪارن جو رت بہ ڳاڙھو ٿئي ٿو)

اسان ائٽلانٽڪ جو لوڻ
پنھنجي پورھئي جو پگھر
۽ پنھنجي سورن جا ڳوڙھا چکيا آھن
اسان غلاميءَ جي زنجيرن جا زخم سٺا آھن
قيدين جون جڪڙيل ٽوليون
قاتل مٽا
۽ گھايل بدن ڏٺا آھن
دشمن تي حملي دوران
اسان زمين کي ڏڏندي محسوس ڪيو آھي
۽ اسان پنھنجي شھيدن لاءِ امن جا دعاڳو رھيا آھيون
صنعتي شين جي ٻوڙي ڪندڙ آواز جيان
اسان اتر ڏانھن خوش آمديد ڪيا ويا آھيون
۽ گھر ڏانھن. ويندي ڏاکڻي زمين
کي ٻليڪار جي چھمي ڏني اٿئون
اسان ھر محاذ تي جنگ وڙھيا آھيون
غلاميءَ خلاف آزادي لاءِ
غير قانوني سزا ڏيندڙ جلادن خلاف، زندگيءَ لاءِ
زميندارن سان، زمين لاءِ
ڪوڙن خلاف، سچ لاءِ
بک خلاف، خوراڪ لاءِ
بيرازگاري خلاف. روزگار لاءِ
جھالت خلاف، علم لاءِ
سرمائيداري خلاف، انسانيت لاءِ
ھر انھيءَ شيءِ خلاف جيڪا اسان جي دشمن آھي
۽ ان لاءِ جنھنجي اسان کي ضرورت آھي
اسان جي ٽڪل فوج اڃا وڙھي ٿي
اڃا آخري فتح جي ڳولا ۾ آھي
اسان پنھنجا ھٿ زمان ۽ مڪان کان اڳتي پھچايون ٿا
گڏ ڪندي جوان ۽ پوڙھن کي
پورھيت ۽ پيڙھيل کي
ڪابہ شيءِ اسان کي روڪي نٿي سگھي
اسان رت ڳڙندي ڏٺو آھي
اسان کي فتح جي خبر آھي
جيڪي جنگ ۾ عوام جي ڳاڙھي ريٽي رت جي ريج سان
ڦٽنديون آھن
۽ اسين پنھنجي سات
۽ فتح لاءِ ويڙھ جو اعلان ڪيون ٿا
جاڪاڻ تہ
ڪارن جو رت بہ ڳاڙھو ٿئي ٿو.

(مائيڪل ھمفري)

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو پس منظر

جام ساقي

سيپٽمبر ١٩٨٩ تي لطيف سيمينار نئي دهلي ۾ پڙهيل

جڏهن اسان جي ڀلاري ڀونءِ تي ڀٽ ڌڻي ساماڻجي رهيو هو تڏهن سنڌ سونهاري سنگين صورتحال جو شڪار هئي. سنڌ ۾ ان وقت ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. ڪلهوڙا پنهنجي شروعاتي دور جي ميان آدم واري درويشي وڃائي چڪا هئا ۽ هاڻي ملن واري مخصوص مذهبي ڪٽرپڻي جو شڪار هئا. غير مسلمن کي ٻئي درجي جو شهري سمجهڻ ۽ انهن کي زوري مسلمان ڪرڻ جو رواج عام هو ڪنهن غريب غير مسلم رسي کي ڪٺي رسو چيو ته ڪرائي ٻڌي وينديي هئي ته هن ذري گهٽ رسول چيو آهي. ان ڪري ڪيس سنت وهاري زوريءَ سرڪاري مسلمان ڪيو. ڪنهن ديوان، مائيءَ کي دڪان تي تڪڙ ڪرڻ تي چيو "مائي ايمان جاءِ ڪر" ته بس هوڪو پئجي ويو ته هن همراه ايمان آڻڻ جو يعنيٰ مومن ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. اهو ئي دور آهي جنهن ۾ صوفين مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف ڀرپور آواز اٿاريو. وحدت الوجود ذريعي اهو پيغام پهچايو ته سڀ انسان برابر آهن ڪو به نه اعليٰ آهي نه ادنيٰ هر هيڏ ڀاءُ اجايو آهي. سڀ ۾ "هو" آهي (انسانيت، زندگي)

ان دور ۾ هن تحريڪ ۽ هن معاملي جو هڪ ٻيو به پهلو هو.

هندوستان ۾ زوال پذير مغل حڪومت هئي ڪجهه عرصو اڳ اورنگزيب ۽ داراشڪوه جو ٽڪراءُ ٿي چڪو هو جنهن ۾ بدقسمتيءَ سان دارا شڪوه شهيد ٿي ويو ۽ اورنگزيب غالب اچي ويو هو. اهو ٻن ڀائرن جو تخت لاءِ ٽڪراءُ نه پر ٻن نظرين جو ٽڪراءُ هو. دارا شڪوه وحدت الوجود جو علمبردار رهيو جنهن موجب جيئن ته سڀ ۾ هُو آهي (ڀٽائي چوي ٿو ته ايڪ قصر در لک .... ۽ جر ٿر تڪ تنوار ....) ان ڪري ته رڳو ڪنهن ماڻهو يا ڪنهن مذهب پر ڪنهن به قوم مٿان ٻيءَ قوم کي غلبو حاصل ڪرڻ جو ڪو به حق نه هو. انهيءَ ڳالهه جي هندوستان جهڙي تمام وڏي ۽ گهڻ قومي ملڪ لاءِ وڏي اهميت هئي.

جڏهن ته اورنگزيب مُلپ جو علمبردار هو جنهن ۾ هر شئي هن لاءِ هئي جنهن جو عملي اطلاق مضبوط مرڪز تي نڪتو.

ڀٽائي جي ڦوهه جوانيءَ وقت ايشيا ۾ ان دور جو اهم ترين واقعو، اهو هو شاهه عنايت شهيد جي شهادت جنهن کي پهريون سوشلسٽ صوفي سڏيو ويندو آهي.

سترهين صديءَ ۾ اورنگزيب جا پونير ڪمزور هوندي به سندس پاليسين تي هلڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا ۽ ڪلهوڙا پنهنجي ڪمزورين ڪارڻ دهليءَ جي مرڪزي سرڪار جا ڏنَ ڀَرُو ٿي خود مختياريءَ جو خانو خراب ڪري چڪا هئا.

ان ڪري ان وقت ڪلهوڙن جي خلاف جدو جهد نه رڳو مذهبي ڪٽرپڻي خلاف جدو جهد هئي پر اها آزاديءَ جي امنگن جو اهڃاڻ به هئي.

ڀٽائيءَ جي ڦوهه جواني وقت ايشيا ۾ ان دور جو اهم ترين واقعو ٿيو اهو هو شاهه عنايت شهيد جي شهادت. ان وقت جهوڪ شريف جي اوسي پاسي جي ستايل هارين لاءِ شاهه عنايت اجهو ۽ آسرو هو. هن درگاهه جي زمين کي هارين جي گڏيل پوک لاءِ وقف ڪيو ۽ گڏيل پيداوار لاءِ ڀنڊار قائم ڪيو اهو ئي سبب آهي جو ڪيس اسان جي علائقي جو پهريون سوشلسٽ صوفي سڏيو ويندو آهي. ڀاڙي جي پليجن ۽ ٻين وڏيرن چغليون ڪاڏيون ته هاري سنوت نٿا ڏين ۽ منجهن بغاوت ڦهلجي رهي آهي. اتي سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن، جهوڪ جي ڀاڙي جي وڏيرن ۽ دهليءَ جي سرڪار جون فوجون گڏجي جهوڪ تي ڪاهي آيون چار مهينا مقابلو هليو پر آخر دوکي سان شاهه عنايت کي گرفتار ڪري شهيد ڪيو ويو.

ڪيترائي فقير شهيد ٿيا ۽ ڪيترائي رهوش ٿي ويا "لڪا ٻٽن لوڪ ۾ ...." ۽ ٻين اهڙن بيتن ۾ ڀٽائي پڻ اظهار ڪيو آهي ۽ سندس شاعريءَ تي شاهه عنايت جي هارايل هلچل جو تمام وڏو اثر آهي.

ڀٽائي سهڻيءَ ۾ ملان جي پڙهايل نڪاح تي محبت ۽ پنهنجي پسند کي ترجيح ڏئي جاگيرداري واري سماج کي ڏڪاري لوڏي ڇڏيو.

بهر حال ڀٽائي ان وقت مڙني مٿي ڄاڻايل سببن جي ڪري ملان ڪلهوڙن خلاف پرچار ڪيو. ڪيس لالچون ڏئي ماٺ ڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي ٻه ٽي ڪوششون سندس مارائڻ لاءِ به ڪيون ويون ته پاڻ ويس مٽائي

ڪفنيون پائي سامين جوڳين سان روپوش ٿي ويو. سندس سفر ۾ شريڪ ڪن سامين کي ٻه هنگلاج

ڪلهوڙن خلاف جدوجهد نه رڳو مذهبي ڪٽرپڻي خلاف جدوجهد هئي پر اها آزاديءَ جي امنگن جو اظهار به هئي

پهچڻ ڪانپوءِ ٿي پتو پيو ته هي سائين جيڪع جوڳي ٿيو پيو هلي اهو وڏي وٽ آهي.

ڀٽائي ان وقت سنڌ جو تجزيو ڪيو ته ڪيس ڪلهوڙن ملن جي مقابلي ۾ بلوچ نظر آيا جيڪي قبائلي هئڻ ڪري منظم به هئا ته مذهبي ڪٽر پڻي جي بنياد، جاگيرداري کان ٻه اڃا

دارا شڪوه ۽ اورنگزيب جو ٽڪراءُ، جنهن ۾ بدقسمتيءَ سان داراشڪوه شهيد ٿي ويو ۽ اورنگزيب غالب اچي ويو هو: اهو پڻ پيائرن جو تخت لاءِ ٽڪراءُ نه پر پڻ نظرين جو ٽڪراءُ هيو.

آجا هٿا سو سسئي ٿي ڪين پڪارائين ته اڇو اڇي عوام تان آزار لاهيو. سندس رسالي جو وڏو حصو سر سسئي تي مشتمل آهي.

آخر سندس تجزيو صحيح ثابت ٿيو ان وقت جا ڪيل واڪا ٻروچن ٻڌا ۽ ملن جو تختو اونڌو ٿيو ميرن جي صاحبي شروع ٿي ۽ تاريخ جو سفر اڳتي وڌيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته جڏهن ميرن به ملن وارا پير جهليا ته سندن انجام به اهو ئي ٿيو.

وراثت رڳو فلاڻو پٽ فلاڻي جو ۽ اهو پٽ فلاڻي جو يا ملڪيت جي نه ٿيندي آهي. پر وراثت فڪر جي به ٿيندي آهي. هوندن ته ڪورو ۽ پانڊو به سڳا سؤٽ هئا ۽ ابو جهل ۽ حضور جن چاچو ڀائيٽو هئا پر سندن فڪر ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

ڀٽائي جا وارث اهي آهن جيڪي مذهبي ڪٽر پڻي جي خلاف يعني سيڪيولر سوچ رکن ٿا. ڀٽائي جا وارث اهي آهن جيڪي وطن جي حب رکن ٿا. سندس سچا وارث اهي آهن جيڪي پورهيت مارو ماڻهن جي حمايت ۾ آهن ۽ مٿن ڦر مار جاري رکندڙ ڏکاريل موذين کي مات ڪرڻ لاءِ هلچل ٿا هلائين. ڀٽائي جا وراثت جو حق اهو آهي ته

اڄ جي ٻروچن يعني پورهيتن جي طاقت ۽ اڳوائيءَ ۾ ڀروسو رکجي ۽ ڪين اڳتي آڻجي نه رڳو اهو پر سڄي جهان جي ماڻهن ۽ قومن لاءِ سک ۽ شانتي جو پيغام ڏجي. ڀٽائي چيو آهي

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

بقايا : ڊنر

"ڪجهه ڪينهي"؟ چومکيءَ وري پڇيو.

"ها ڪجهه ئي ڪينهي"، سمتيءَ ان انداز ۾ جواب ڏنو جتي زمين ۽ آسمان ختم ٿي ويندا آهن، اميدن جا ڪتا رسا ڇنائي ڀڄي ويندا آهن ۽ وهم ۽ وسوسا گهر جي ڪنڊن مان ڪاڻڻ پيا ايندا آهن ۽ اکين ۾ قبرستان نظر اچڻ لڳندا آهن.

"ته اصل ڪجهه ئي ڪينهي"؟ چومکيءَ هٻڪندي وري پڇيو.
جڏهن ته کيس خبر هئي ته گهر ۾ ڪجهه ئي ڪونهي پر ٻک جي زور هر هر سندس زبان تي اهو سوال پئي آندو.

هن دفعي سمتي خاموشيءَ سان ڪنڌ ڌوڻيندي جواب ڏنو.
ڇو ڪينهي؟

سمتيءَ جي چهري تي هڪ طنزيه مسڪراهٽ ڦهلجي وئي.

سمتي جيڪا ڪڏهن ڏاڍي سهڻي هوندي هئي هاڻ ته بس رڳو هڏن جو پڃرو وڃي بچي هئي، رات ڏينهن سمتيءَ جي دل ۾ به اهو سوال ايندو هو.

ڇو ڪينهين؟، پر بس هن کي ان سوال جو جواب اڄ تائين سمجهه ۾ ڪونه آيو هو، ڇو ته هوءَ هڪ اٿپڙهيل، جٽ ۽ سادي سودي هاريءَ جي هڪ سنئين سڌي معصوم زال هئي، ان ڪري هي سوال سندس دماغ ۾ ئي رهجي ويو "ته ڀلا راڻوءَ جي گهران وئي اڄ "اهي به ٻک تي آهن."

"ته محمود جي ....

باقي 41 جو

هڪ سو اهڙا سال جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٻن صدين جي ڀيٽ ۾ چڱا ڀلي جي رفتار تيز ٿي ويئي آهي. اسان فطرت جي بي رحم قوتن سان مدمقابل هر نسل جي مرد توڙي عورتن جي صلاحيتن جو مشاهدو ڪيو آهي. سماجي توڙي طبعي علم جي هر ميدان ۾ اسان ماحول جي سختي انکي معتدل بنائڻ، انکي تبديل ڪرڻ، انکي هم آهنگ ڪرڻ ۽ انکي هٿ وس رکڻ ۾ انسان جي تخليقي صلاحيتن کي وڏي دليري ۽ جرئت سان مقابلو ڪندي ڏٺو آهي. جڏهن انسان پنهن جي غلطين مان پرائيندو آهي ته هارايل جنگ ٻيهر شروع ڪندو آهي ۽ تڏهن انسان ۾ پنهن جا زخم چيٽڻ ۽ پنهن جي ضمير جي سڏ تي لبيڪ چوڻ لاءِ وقت ۽ ڌيان صرف ڪرڻ جي جرئت پيدا ٿيندي آهي. تواريخ جي بگڙيل صورت ۽ تواريخ جي موقعي پرستي واري ادائگيءَ جي صفائي ٿيندي پئي آئي آهي ۽ حقيقت هميشه پڌري ٿي پوندي آهي. ڇاڪاڻ ته ٻين جي تواريخي حقيقتن کي لڪائڻ مان اهو ثابت ٿيو آهي ته جيترو به اهو ڪم ڪرڻ وارا قدم اڳتي وڌائيندا، اوترو ئي سندن ترقي ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي. جيڪو خال هنن ٻين جي تواريخ ۾ ڪنهن خاص مقصد لاءِ پيدا ڪيو، تنهن سندن ئي عمل کي بي اثر بنايو آهي. خودغرضي ورجاءَ کي جنم ڏيندي آهي، جنهن سان گڏ ماڻهوءَ جي ضمير پستيءَ ۽ خسيس پڻي جو شڪار ٿيندو آهي. بهر حال هاڻي انهيءَ ڦهري ڪوٽ ۾ ڌار پيا آهن ۽ برف رجڻ لڳي آهي، جنهن ڪان دليل جي رويي کي هٿي آئي آهي. جهنگل واري وچئين دور کان وٺي اڄ مدار ۾ سيارن ۾ لڳايل ڪئميرائن جي استعمال واري دور تائين، مختلف تهذيبون سنگ تراشي ۽ ٻين، مختلف فنن و سيلي دستاويزي طور پنهنجي وجود کي برقرار رکنديون ٿيون اچن. اڄ به انهيءَ قديم دور جي وڻجارن ۽ سامونڊين جا سفري بيان موجود آهن. جڏهن اڃا يورپ کي پنهنجي صنعتي ڪارخانن جا ٻيهر ڻ لاءِ پرائي ڌرتيءَ تي قبضو ڪرڻ جي گهرج در پيش نه هئي. انهن مرد مٽيرن، انهن سامونڊين جا مفصل بيان آهن جيڪي انهن تهذيبي باقيات جي اهميت ۽ عظمت جو وڏي واڪي اعلان ڪندا رهن ٿا. انهن ۾ اهڙين انساني برادرين جو ذڪر ملي ٿو، جن پنهنجي زندگيءَ کي منظم بنايو ۽ جن پنهنجي پورهئي جي ذريعي، فطرت سان پنهنجي لاڳاپن جي نشو نما ڪئي. جن کي پنهنجي خواهش پٽاندر عمل جي آزادي ميسر هئي ۽ جيڪي پنهنجي ڏاهپ و سيلي پنهنجي مستقبل جا پاڻ ئي ڏٺي هوندا هئا. ڪهڙي ناپاڪ مقصد جي لاءِ ڪري اڄ اهي قصا خاموشي تي ويا آهن؟ اهو ڪهڙو مقصد هو جنهن جي ماڻڻ لاءِ خود مختيار سماجن کي برباد ۽ تاراڄ ڪرڻ لاءِ مسحور ڪندڙ سٺاؤن سٺڻ جي ضرورت پيش آئي؟ جڏهن اهڙو سوال ايرندو ته انهيءَ سلسلي ۾ بنا هڪ جي سدائين آڳريون انساني اوسرجي يورپي عالمن، فيلسوفن، سائنسدانن ۽ نظريه سازن ڏانهن کڄن ٿيون. انهن ۾ "ڪئبينو" ته صفا خوار ٿيل نالو آهي. پر اڄ جي دور جي ڪيترن يورپي ساگردن جي سوچ ۾ اها ڳالهه هوندي يا اسان آفريڪن مان ڪيترن کي اهڙن نالن جي اڻ ڪٽ فهرست ياد هوندي جنهن ۾ يورپ جي فلسفي جي تواريخ جا ڪيترائي قابل صد احترام نالا به شامل آهن مثال طور "هيگل"، "لاڪ"، مانٽيسڪو "هيوم"، والٽيئر" وغيره اهي سڀ منهن جا پڪا ماڻهو پنهن جي جاءِ تي نسلي وڏ ماڻهپي جا نظريه ساز هئا. ساڳئي وقت انهن ماڻهن آفريڪي تواريخ کي روشني عطا ڪئي. انهن ۾ طبقاتي جدوجهد ۽ انقلابي جدوجهد ۽ انقلابي نظريه دانن جا اهم نالا به اچي وڃن ٿا. اسين سندن دانشوري جو اعتراف ڪندي سندن عظمت کي گهٽايون ڪون ٿا، ۽ انهيءَ ڳالهه کي سندن انساني ڦرلٽ جي خاتمي وارو نقطه نظر رکڻ ڪري درگذر ڪريون ٿا.

هتي ڪنهن به طرح سان منهنجو مطلب ماضيءَ تي الزام مڙهڻ ڪونهي، پر اڄ جي موتمار ۽ غلط دور ۾ انکي صداڏيڻ آهي. اڄوڪي فسادي دور تي نظر ڪبي ته پتو پوندو ته اسين ڪوڙ، ڦرلٽ ۽ موقع پرستيءَ واري صدين جي پيداوار آهيون، ۽ هاڃو اهو آهي ته برايون تمام مٿانهين سطح تي، ويندي معزز دانشورن ۾ پڻ گهر ڪري ويون آهن. پر زمانو بهر حال اڳتي وڌندو پيو وڃي، جڏهن ته اوهين ڇاڻي واٺي ساڳيا ٺڙ ٻار رهندا ٿا اچو، اهڙو ٻار جنهن وٽ خود بربادي لاءِ تباهي آڻيندڙ قوت موجود آهي. پر حقيقت ۾ اوهان ٻار ته بلڪل نه آهيو! دنيا کي ماڻهو اهو چوندو رهي ته اها پنهن جو ڌيان ڪوڙ جي تواريخي راه تي به خرچ ڪري، اهڙي راه جنهن تي انهن جو قبضو ڄمايل آهي جيڪي انهيءَ "ٻار" جي سندس حرڪتن تي پڻي ٺپريندا ٿا اچن

هلندڙ

هر وقت خالص ۽ معياري پيٽرول
۽ ڊيزل جي سروس لاءِ

برماڻي پيٽرول پمپ
خدا آباد
پروپرائيٽر : محمد پريل برماڻي

NO COMMENT